نئون سنڌي گرامر

ڀاڱو ٢ ۽ ٣

درجي پنجين، ڇهين، ستين

۽

اسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ امتحان لاءِ

مصنف

خانصاحب آغا تاج محمد

بي-اي، بي-ٽي (فرسٽ ڪلاس) ڪي-آء-ايچ

رجسٽرار يونيورسٽي سنڌ

۽

قاضي جان محمد خان

ڊائرڪٽر ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ

دفعو ١٠]   سال ٥٢-١٩٥٣ع   [جلد ١٠٠٠

قيمت ١-٣-٠

پبلشرس

آر-ايچ احمد برادرس

بڪسيلرس شاهي بازار حيدرآباد سنڌ

ديباچو

اسان جا ٺاهيل گرامر، جي تعليم جي جديد
ڪان تيار ڪيا ويا آهن، سي بفضل خدا تعاليٰ تعليم
ي جي اختياري وارن کي پسند ٿي درسي ڪتاب
ر ڪم اچي رهيا آهن ۽ موجوده ڪتابن ۾ مفيد
ن ثابت ٿي چڪا آهن.

۱۹۴۲ع جي تعين ڪورس موجب درجي ۴ لي
۾ جو ڪم گهٽايو ويو آهي، جنهڪري هٿين
جن جي ڪورس کي موزون ٺهڻي ۾ آڳاٽي جي
ورتي وئي آهي. هٿين درجن لاءِ گرامر جو هاڻوڪو
ر اڳين ڇاپي کان هر طرح بهتر ۽ مفيد بڻايو ويو
، اميد آهي ته ماستر صاحب ۽ شاگرد هن مان پورو
و فائدو وٺندا.

مصنف

فهرست

سبق	مضمون	صفحو
	درجو پنجون	
١	اسم	١
٢	اسم خاص ۽ اسم عام	٣
٣	اسم جو عدد	٧
٤	عدد بابت وڌيڪ احوال	١٠
٥	اسم جي جنس	١٢
٦	" " " هلندڙ	١٤
٧	جنس بابت وڌيڪ احوال	١٦
٨	حالتون	٢٠
٩	حالت فاعلي	٢١
١٠	حالت مفعولي	٢٤
١١	حالت جري	٢٦
١٢	حالت اضافت	٢٨
١٣	حالت ندا	٣١
١٤	اسم جو گردان	٣٣
١٥	اسم جي عام صورت	٣٤
١٦	اسم جو گردان هلندڙ	٣٥
١٧	فعل لازمي	٣٦
١٨	فعل متعدي	٣٩
١٩	فعل جي ترڪيب	٤٢
٢٠	فعل متعدي جا قسم متعدي ۽ متعدي بالواسطه	٤٤
٢١	متعدي معروف ۽ متعدي مجهول	٤٦

سبق	مضمون	صفحو
	درجو ڇهون	
١	ضمير جو عدد ۽ جنس	٥٠
٢	ضمير خالص	٥٢
٣	ضمير خالص جا قسم	٥٣
٤	ضمير اشارو	٥٦
٥	ضمير اشاري جا قسم	٥٦
٦	ضمير مشترڪ	٥٨
٧	ضمير استفهام	٥٩
٨	ضمير موصول	٦١
٩	ضمير جواب موصول	٦٣
١٠	ضمير مبهم	٦٥
١١	ضمير منفصل ۽ متصل	٦٧
١٢	ضمير جي ترڪيب	٦٨
١٣	صفت بابت وڌيڪ احوال	٦٩
١٤	ضميري بنياد واريون صفتون	٧١
١٥	اسم مصدر	٧٣
١٦	" عام مان اسم ذات ٺاهڻ	٧٦
١٧	" مصدر جي ترڪيب	٧٨
١٨	فعل بابت وڌيڪ احوال	٧٩
١٩	امر	٨٠
٢٠	امر ۽ سندس اچارڻ	٨٢

سبق	مضمون	صفحو
٢١	اسم جا قسم	٨٤
٢٢	اسم مشتق (گردانيل) اسم فاعل	٨٧
٢٣	اسم مفعول	٩٠
٢٤	اسم حاليه	٩٤
٢٥	اسم استعمال	٩٧
٢٦	ماضي معطوفي	٩٧
٢٧	فعل جا زمان	٩٩
٢٨	زمان مضارع	١٠١
٢٩	زمان مستقبل	١٠٢
٣٠	زمان ماضي مطلق	١٠٥
٣١	زمان ماضي قريب	١٠٦
٣٢	زمان ماضي بعيد	١٠٧
٣٣	زمان ماضي استمراري	١٠٨
٣٤	زمان ماضي شڪي	١٠٩
٣٥	زمان ماضي مدامي	١١٠
٣٦	زمان ماضي شرطيه	١١١
٣٧	زمان حال	١١٢
٣٨	زمان حال استمراري	١١٣
٣٩	زمان حال مدامي	١١٤
٤٠	زمان حال شڪي	١١٥
٤١	زمانن جو دور ۽ زمانن جو چارٽ	١١٦
٤٢	فعلن جو گردان	١١٧

سبق	مضمون	صفحو
	درجو مضمون	
١	فعل اڪرمڪ	١٢٧
٢	مرڪب فعل	١٢٨
٣	ٻي قاعدي فعل	١٣٥
٤	فعل جي ترڪيب	١٤٧
٥	فعل جو ٻراوڪ	١٣٩
٦	تفريق (جملن جو ڇيد)	١٥١
٧	مفعول جو وڌاء	١٥٥
٨	جملن جو وڌاء	١٥٧
٩	مفرد جملن جو ڇيد ڪرڻ	١٦٠
١٠	مفرد جملن جو ڇيد هلندڙ	١٦٣
١١	مرڪب جملن جو ڇيد ڪرڻ	١٧١
١٢	مرڪب جملن جو ڇيد هلندڙ	١٧١
١٣	ڇيد ڪرڻ ۽ مرڪب جملن جو ڇيد ڪرڻ	١٧٦
١٤	ٻرڻ الهندي ضرورت	١٨٤
١٥	پهاڪا ۽ اصطلاح	١٩٩
١٦	املا جي صحت سان جدا جدا معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ	٢٠٨
١٧	ضد	٢١٠

گرامر ڀاڱو پهريون

درجي پهرين لاءِ

پهريون سبق

(ا) "اسم"

اسم جا قسم (اسم ذاتي ۽ اسم صفاتي)

ڇوڪرا! توهان درجي ۾ پڙهي آيا آهيو ته اسم ڇا کي چئجي. هتي سمجهائڻو آهي ته اسم ڪيترن ڍنگن ۽ وهنوار آهي. اسم جي قسمن سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا پڙهو ان ۾ لڪير ڏنل اهي اسم (جي حالت خاصيت ڪم جا نالا آهن) چونڊايو:-

١- "انسانيت هڪ گڻ آهي."

٢- "خدا کي ياد ڪرڻ فرض آهي."

٣- "شاهوڪاري لاءِ اعتبار ضروري آهي."

٤- "گندائي بيماريءَ جي پاڙ آهي."

٥- "احمد جي رهڻي ڪهڻي چڱي آهي."

اهي هن ريت بورڊ تي لکو:-

انسانيت — خاصيت (گڻ) جو نالو آهي.

خدا — ان مالڪ جو نالو آهي جو سڄي جهان کي هلائي ٿو.

شاهوڪاري — حالت جو نالو آهي.

گدلائي — خاصيت (اوگڻ) جو نالو آهي.

رڌڻي کهڻي — ڪم جو نالو آهي.

ان کانسواءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ نوٽ ڪرايو ته اهي اسم جي نالا هجڻ ڪري هن حالت، خاصيت ۽ ڪم جا لکي ۽ خدا جي نالي کي) اسم ذاتي چون ٿا.

وري هيٺيان جملا بورڊ تي لکي انهن مان اهي اسم چونڊايو جي نالا هجن ماڻهن، جانورن، جاين ۽ شين جا.

١- احمد ڪالهه شڪارپور ويو.

٢- شينهن ۽ ٻگهڙ رات جو ٻاهر نڪرندا آهن.

٣- جو، ٻاجهري، ڪڻڪ، جوئر وغيره ٻوڪون آهن

٤- اسڪول ۾ شاگرد پڙهندا آهن.

٥- مينهن جو گهر سڀني جانورن جي گهر کان سٺو آهي.

٦- موزون، ڪرسيون، ڪپڙا...... وغيره آلوس، جي ڪم جا آهن:-

/ اهي هن ريت بورڊ تي لکو:-

ماڻهن جا نالا — احمد

جانورن جا نالا — شينهن، ٻگهڙ، مينهن

شين جا نالا — جؤ، ٻاجهري، ڪڻڪ، جوئر، ڪمر، مڙون، ڪرڙون، ڪبت

جاين جا نالا — اسڪول

هن ڪان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوٽ ڪرايو ته "اهڙا اسم جي ڪن ماڻهن، جانورن، جاين ۽ شين جا نالا هجن (جن کي ڪا صفت ڏيکي ظاهر ڪجي) تنکي اسم صفاتي چوندا آهن" انهيءَ ڪري چئبو ته اسم ٻن قسمن جا آهن. (۱) اسم ذاتي (ذات) (۲) صفاتي هاڻي اسم جو چارٽ نمبر ۱ ورتل تي ڪڍو ۽ شاگردن کان ڪڍايو.

اسم جو چارٽ نمبر ۱

اسم ٻن قسمن جا آهن.

اسم صفاتي	اسم ذاتي
اسم صفاتي اهو اسم آهي جنهن کي صفاتي نالو ڏيکي ظاهر ڪيو ويو آهي.	اسم ذاتي اهو اسم آهي جو نالو هجي خاصيت، حالت ۽ ڪم جو. لوٽ:- هيڏا اسم ته اسم ذاتي آهي.

سبق ٻيو

ورتل تي لکو:-

۱- الور هڪ خاص ڇوڪر جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن ڇوڪر جو.

٢- سداران هڪ خاص ڇوڪريءَ جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن ڇوڪريءَ جو.

٣- تاج محل هڪ خاص جاءِ جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن جاءِ جو.

٤- آگرو هڪ خاص شهر جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن شهر جو.

٥- طائوس هڪ خاص تخت (شيءِ) جو نالو آهي ۽ نه سڀ ڪنهن تخت (شيءِ) جو.

٦- شاهجهان هڪ خاص ماڻهوءَ جو نالو آهي ۽ نه سڀڪنهن ماڻهوءَ جو. تنهنڪري چئبو ته ڪي نالا آهن جي خاص ماڻهن جا يا خاص شين ...... وغيره جا وڪيل آهن ۽ انهن اسمن کي خاص چئبو. ان ڪان پوءِ بورڊ تي لکو ۽ شاگردن کان نوٽ ڪرايو ته:-

اسم خاص:- اهو آهي جو نالو هجي ڪنهن خاص ماڻهوءَ، خاص جاءِ، خاص شيءِ......وغيره جو.

(٢) وري هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- اسان جي ڳوٺ ۾ ٣٥٨ ماڻهو رهن ٿا.

٢- هن جمع کي چاليهه اُٺ آهن.

٣- لوهاڻن جي ڳوٺ جا گهر سادا آهن.

٤- مسجد ۽ ديول عبادت ڪرڻ جون جايون آهن

مٿيان اسم جدا جدائي هيٺين ريت بورڊ تي لکو:-

[1] "ماڻهو" ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي نه چئي سگهبو پر سڀني آدمين کي ٿو.

(٢) "جمع" ڪنهن هڪ اٺ واري کي نه چئجي
تو سمجهجي ته سڀني اُٺن وارن کي ٿا.

(٣) "اٺ" ڪنهن اهڙي هڪ جانور کي نه چئجي
تو سمجهجي ته ان قسم جي سڀني جانورن کي ٿا.

(٤) "ڳوٺ" انسان جي هڪ ڳوٺ کي نه چئجي
تو سمجهجي ته سڀني کي ٿا.

(٥) "گهر" انسان جي رهڻ واري جاءِ کي نه چئجي
تو سمجهجي ته سڀني کي ٿا.

(٦) "مسجد" مسلمانن جي هڪ عبادت ڪرڻ
واري جاءِ کي نه چئجي تو سمجهجي ته اهڙين
سڀني جاين کي ٿا.

(٧) "ديول" هندن جي هڪ عبادت ڪرڻ
واري جاءِ کي نه چئجي تو سمجهجي ته اهڙين
سڀني جاين کي ٿا.

هن مان ثابت آهي ته جيڪي اهڙا اسم آهن جي اهڙين شين، جاين، جانورن وغيره جا نالا آهن جن جهڙيون اهڙيون گهڻيون شيون، جايون، جانور وغيره آهن ان کي ٿا ساڳيو نالو ڏيئي سگهجي ٿو.

اهڙن اسمن کي اسم عام چوندا آهن. عام معنيٰ هڪ کان گهڻا (وڌيڪ) ان ڪانپوءِ شاگردن کي هدايتون ڏيڻ لاءِ لکو ۽ شاگردن کي ياد ڪرايو ته:-

"اسم عام" اهو نالو آهي جو ڪنهن هڪ ماڻهوءَ

هڪ شئي. ۽ هڪ جانور لاءِ چئي سگهجي ٿو سڀني ماڻهن ۽ ان قسم جي سڀني شين ۽ ان نموني جي سڀني جانورن ...... وغيره لاءِ نه چئبو. ان ڪاڻ بورڊ تي اسم صفاتي جو چارٽ ڪڍ ۽ شاگردن کي سمجهاڻي ڏيڻ ۾ ڪم آڻيو.

اسم جو چارٽ نمبر (٢)

اسم صفاتي ٻن قسمن جو آهي.

(١) اسم خاص

اسم خاص اهو اسم آهي جو خاص ماڻهو، خاص جاءِ، خاص شئي، يا ڪنهن خاص ساهواري جو نالو هجي.

(٢) اسم عام

اسم عام اهو اسم آهي جو فقط ڪنهن هڪ شئي جو نالو نه هجي پر ان قسم جي سڀني شين جو نالو هجي جهڙوڪ: ماڻهو، جانور، ٻڪري، ڪتو ...... وغيره.

استعمالي سوال

(١) هيٺيان اسم چونڊيو جي اسم ذات ڪهڙا آهن؟
(هر هڪ اسم جملي ۾ وجهي ڏيکاريو).

(٢) هيٺيان اسم چونڊيو جي اسم خاص ڪهڙا آهن؟
(هر هڪ اسم جملي ۾ وجهي ڏيکاريو).

(٣) اسم عام ۽ اسم خاص ۾ تفاوت ٻڌايو؟

(٤) اسم ذات ڇا کي چئجي؟

(١) اسم خاص ڇا کي چئجي؟
(٢) اسم عام ڇا کي چئجي؟

سبق ٽيون

"عدد"

واحد ۽ جمع

١- مون هڪ انب خريد ڪيو.
٢- مون چار انب خريد ڪيا.

پهرئين جملي ۾ "انب" لفظ ڪم آيل آهي ۽ ٻئي ۾ "انب" هاڻي ٻئي جملي ۾ "انب" لفظ منجهي "انب" اهي ڪيئي ٿيو آهي جو پهرئين جملي ۾ هڪ انب آهي، اي ۾ انب جو عدد هڪ کان وڌيڪ آهي. هڪ کي واحد چئبو آهي، ۽ هڪ کان وڌيڪ يعني گهڻن کي جمع چئبو آهي.

مثال- هيٺين جملن مان اسم چونڊيو ۽ انهن جو عدد واحد يا جمع ٻڌايو:-

(١) ڍڳي کي چار ٽنگ آهن. (٢) ڇوڪري جي ٻوٽي ڪمپ ۾ ڪري پئي، ۽ سندس ڪتاب پسي پيا. اسانجو اسڪول رمضان جي موڪل ڪري چار ڏينهن بند آهي. (٤) چاچي کي نوڪرياڻي ۽ ٽي نوڪر آهن. (٥) هن دلي ۾ پنج سير کير آهي.

واحد مان جمع جوڙڻ جون واٽون

مثال – آ ۾ پڇاڙيءَ وارا ڏه اسم ڏجن ٿا انهن جو عدد جمع ٺاهيو جيئن ته :-

کٽ، کٽون. ڇپ، ڇپون. ڇڪ، ڇڪون. ڏل، ڏالون.

نوٽ ۾ ڏسو ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ آ آهي تن جو جمع آ مٽائي اون ڪرڻ سان ٺهي ٿو.

مثال – آ پڇاڙيءَ وارا ڏه اسم ڏجن ٿا انهن جو عدد جمع ٺاهيو جيئن ته :-

ٻلا، ٻلائون. آنڊا، آنڊائون. رضا، رضائون.

نوٽ ۾ ڏسو ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ آ آهي تن جو جمع اون لڳائڻ سان ٺهي ٿو.

مثال – ا پڇاڙيءَ وارا ڏه اسم ڏجن ٿا انهن جو عدد جمع ٺاهيو جيئن ته :- سمنڊ، سمنڊون. ڇت، ڇتون، ٻيٽ ٻيٽون.

نوٽ ۾ ڏسو ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ا آهي تن جو عدد پوءِ لڳائڻ سان ٺهيو.

مثال – ڏهن او پڇاڙيءَ وارن اسمن جو جمع ٺاهيو جيئن ته :-

ڪڏو، ڪڏو، ڀرون، مرون، وڻو، وڻو.

نوٽ ۾ ڏسو ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ او يا اون آهي سي واحد ۽ جمع ۾ هڪجهڙا آهن.

مثال – ڏسو او پڇاڙيءَ وارن اسمن جا ڏاڍا ٻڌايو ۽ انهن جو جمع ٺاهيو جيئن ته :- گهوڙو، گهوڙا، ٻلو، ٻلا

ڏسڻ ايندو ته جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ او آهي
تن جو جمع او مٽائي آ ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

مثال - هيٺين اي پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جا
مثال ڏيو ۽ انهن جو جمع ٺاهيو، جيئن ته: جالي، ڏالي،
ٻاري، ٻاري.

ڏسڻ ۾ ايندو ته جن مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ
۾ اي اچي ٿي سي واحد ۽ جمع ۾ هڪجهڙا آهن.

مثال - ڏهه اي پڇاڙيءَ وارن مونث اسمن جا
مثال ڏيو ۽ انهن جو جمع ٺاهيو، جيئن ته: ٻوڙي،
ٻوڙيون ڇاڻي، ڇاڻيون.

مثال - ڏهن اُ پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جا مثال
ڏيو ۽ انهن جو جمع ٺاهيو جيئن ته: آسُ، آسَ، اِٽُ، ٻِٽَ.

ڏسڻ ۾ ايندو ته جن مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾
اُ آهي تن جو جمع اُ مٽائي اَ ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

مثال - ڏهن اَ پڇاڙيءَ وارن مونث اسمن جا مثال
ڏيو. انهن جا جمع ٺاهيو: جيئن ته: لند، لندون،
نڪ، نڪون.

ڏسڻ ۾ ايندو ته جن مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾
اَ آهي تن جو جمع اَ مٽائي اُن ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

ڪيترا اسم جن جي پڇاڙيءَ ۾ اَ آهي ۽ جي مائٽي
ڏيکارين ٿا، تن جو جمع ٻي قاعدي ٺهندو آهي، جيئن

ٻ:- ٻاڪ، ٻاٽو، ٻمڻ، ٻمٽر، ڏي، ڏيڙ، ماڪ، ماٽو، ٻهون، ڏمر، ٻيڪ، ٻمٽر.

سبق چوٿون

"عددن بابت وڌيڪ احوال"

شاگردن جو ڌيان مٿي سمجهايل ٻن عددن (عدد واحد ۽ عدد جمع) ڏانهن ڇڪايو ۽ وڌيڪ ڪين ٻڌايو ته عدد جا ٻيا به ٻه قسم آهن. انهن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺين ريت جملا بورڊ تي لکو:-

(١) مون ڇهه انب ورتا.

(٢) گل محمد وٽ چاليهه رپيا آهن

(٣) عرس وٽ اٺ مينهون آهن.

(٤) لولو کي چار ڀائر آهن.

(٥) ڪلوءَ جي عمر ست سال آهي.

مٿين جملن مان شاگردن کان عدد (انداز) ڏيکاريندڙ (صفتون) چونڊائي هن ريت لکو:-

١- ڇهه، انداز تي ڏيکاري انبن جو. تنهنڪري صفت آهي انبن جي.

٢- چاليهه، انداز تي ڏيکاري روپين جو تنهنڪري صفت آهي روپين جي.

٣- اٺ، انداز تي ڏيکاري مينهن جو تنهنڪري صفت آهي مينهن جي.

٤- چار، انداز تو ڏيکاري ٻارن جو تنهن ڪري
صفت آهي، ٻارن جي.
٥- سٺ، انداز تو ڏيکاري سالن جو تنهن ڪري
صفت آهي سالن جي.

ٻارن کي سمجهايو ته ٻه ...... وغيره انداز (عدد) ڏيکاريندڙ لفظ آهن (٢) اهي ٻيا ڪي لفظ (ڪ ني، پنج، ڏهه ...... وغيره) شين جي ڳاڻاٽو ڪرڻ) جا لفظ (عدد آهن تنهنڪري اهڙن عددن ڏيکاريندڙن لفظن کي عدد شماري چوندا آهن.

تنهنڪانپوءِ شاگردن کي لوٽ ڪرايو ته عدد شماري اهي لفظ (انداز يا عدد جا) آهن جي شين جي شمار ڪرڻ جي ڪم ايندا آهن جهڙوڪ:- هڪ، پنج سوءِ هزار ...... وغيره.

وري هيٺين ريت جملا بورڊ تي لکو

(١) هن قطار مان "پنجون" ڇوڪر هيڏانهن اچي.
(٢) تون ڪلاس ۾ ستين بينچ تي ويهه.
(٣) اوڏ ايءُ قطار ۾ ستاويهون ڇوڪر آهي.
(٤) احمد پنهنجي پيءُ جو پنجون پٽ آهي.

انهن جملن مان قطار نمبر ڏيکاريندڙ (عدد) چونڊي بورڊ تي لکو:-

(١) "ڇهون" لفظ قطار ۾ ڇوڪر جو نمبر (عدد) ٿو ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي ڇوڪر جي.

(٢) "ستين" لفظ قطار ۾ اميچ جو نمبر (عدد) ٿو ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي اميچ جي.

(٣) "ٻي" لفظ قطار ۾ قطار جو نمبر (عدد) ٿو ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي قطار جي.

(٤) "ستاويهون" لفظ قطار ۾ امت جو نمبر (عدد) ٿو ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي ڇوڪر جي.

(٥) "ڇهون" لفظ قطار ۾ امت جو نمبر (عدد) ٿو ڏيکاري تنهن ڪري صفت آهي امت جي.

انهيءَ کانپوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوڪ ڪرايو ته "اهڙا عدد (الداز) جي ڏيکين يا قطار ۾ اسم جو نمبر ڏيکارين ٿا تن کي "عدد قطاري" چوندا آهن جهڙوڪ پهريون، ٻيون، ويهون، چاليهون، وغيره.

سبق ڇهون

"اسم جي جنس"

هن سبق سيکارڻ لاءِ شاگردن کي اڳ ٻڌايو ته انسان کي خبر آهي ته "اسم" نالا آهن ساهه وارن شين ... وغيره جا. هر جنس جي اسم ساهه وارن جا نالا آهن

لکي قدرت ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي يعني هڪڙي قسم (جنس) ۾ سڀئي نر ۽ ٻئي ۾ سڀئي ماديون شمار ٿيل آهن.

هنڪالپوءِ هيٺيان جملا پڙهو ۽ لکي انهن مان جنس نر ۽ ماديون چونڊايو:-

(١) حامد وٽ عمدو گهوڙو آهي.
(٢) عمر جي گهوڙي ڏاڍي ڊکي آهي.
(٣) محمد وٽ پنج ڳائيون، چار ٻڪا، ٽي گڏهه ۽ هڪ هرڻي آهي.
(٤) ڪبوتريون، ڳيرا، ڪانءُ ۽ باز جهنگلي پکي آهن.
(٥) ڪڪڙيون، مور، تتر، طوطا، گهرو پالتو پکي آهن. ڏنل اسم ۽ جنس پڌرا ڪري هن ريت لکو:-

	نر اسم	ماديون اسم
حامد	ڳيرا	گهوڙي
گهوڙو	ڪانءُ	ڳائيون
عمر	باز	هرڻي
هاشم	پکي	ڪبوتريون
ٻڪا	مور	ڪڪڙيون
گڏهه	طوطا، تتر	

اهڙي سمجهاڻيءَ ڏيڻ بعد شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوٽ

ڪرايو ته جيڪي اسم نر آهن تن جي جنس مذڪر ۽ جيڪي اسم ماديون آهن تن جي جنس مونث چئبي آهي. مذڪر معنيٰ آهي نر ۽ مونث معنيٰ آهي مادي. انهيءَ ڪري اسم جون ٻه جنسون آهن،
(۱) جنس مذڪر (نر) (۲) جنس مونث (مادي).

سبق ڇهون

اسم جي جنس هلندڙ

بي جان اسم جون جنسون

هن جي سمجهاڻيءَ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکي انهن مان مذڪر ۽ مونث چونڊائي ڌار ڌار ڪري بورڊ تي لکو.

۱- ڪتو الب ۾ آهي.
۲- مٺي ماني پچائي ڏي.
۳- ٻون وٽ لڪو ڪپ آهي.
۴- ننڍي ڪٽ مٿي چاڙهه.
۵- هي وڏو لوٽو پاڻيءَ سان ڀر.
۶- اڄ ڏاڍي گرمي آهي.

گهربل لفظ چونڊائي بورڊ تي لکو:-

مذڪر اسم:-	مونث اسم:-
الب	مالي
ڪپ	ڪٽ
لوٽو	گرمي

وري هيٺين جملن مان هيٺين اسمن جون صفتون ڳولهائي واسطيدار اسمن جي اڳيان ٻوڌ لي لکو ان ريت :-

مذڪر اسم	مونث اسم
ڪتو الب	مٺي مائي
لڪو ڪپ	لڏڙي ڪٽ
وڏو ٽولو	ٽوري گوڻي

ڇوڪرن جي ڌيان ۾ آڻيو ته اسم جي مذڪر آهن تن جي اڳيان جيڪي صفتون آيل آهن تن جي پڇاڙيءَ ۾ ”او“ جو آواز آهي. ٿورڪري چئبو ته جن واحد اسمن اڳيان ”او“ پڇاڙي جي آواز واري صفت اچي، سي مذڪر آهن. ۽ جيڪي اسم مونث آهن تن جي اڳيان آيل صفتون اهي آهن جن جو پڇاڙيءَ جو آواز ”اي“ آهي ٿورڪري قاعدو ٿيو ته جن اسمن اڳيان ” اي “ پڇاڙيءَ جي آواز واري صفت اچي سي اسم مونث آهن.

استعمالي سوال

هيٺين جملن ۾ آيل اسمن جون جنسون ٻڌايو؟

(١) احمد جي گهر کي چار چور ڪاٽ هڻي، سندس مالي چورائي ويا.

(٦) ٻهادر خان پنهنجي ڌيءَ علي بخش جي پٽ سان پرڻائي آهي.

گدرا، مينها، ونگا، هنداڻا، پهڻيون، لوڙيون ۽ واڳون، ڪرڙا، مرچ ۽ گهوڙن ڌارين جي پيدائش آهن.

سبق ستون

"جنس بابت وڌيڪ احوال"

شاگردن کي پڙهايو ته اسين ڄاڻي سگهيا آهيون ته جيڪي اسم نر آهن تن جي جنس، مذڪر ۽ جيڪي مادي آهن تن جي جنس مؤنث ڄاڻي آئي، ۽ نر ۽ مادي جاندار (ساهه وارن اسمن ۾ ظاهر هوندا) آهن. باقي بي جان اسمن ٻنهي جنسن کي قاعدن موجب لکيون آهن. انهن قاعدن مان هڪ قاعدو (صفت لڳائڻ جو) ڄاڻي سگهيا آهيون. ڪي وڌيڪ قاعدا هاڻي سکندا سون. شاگردن کي پڙهايو ته اسان سکيو آهي ته اکرن کي املا جي (آواز پيدا ڪندڙ) نشانين ڏيڻ سان يا حرف علت لڳائڻ سان آواز يا اچار پيدا ڪري سگهجن ٿا. يا ڪو ڪ آواز گڏ ٿي لفظ ٺهي پوندو.

جهڙوڪ:- اک، مٿو ...... وغيره

مثل پهريان مان پوران جي پڇاڙي ۾ زبر ـَ وارو پد (آواز) ۽ ٻئي جي پڇاڙيءَ وارو پد آواز "او" وارو آهي. انهيءَ ريت ڪن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ زبر ـَ ڪن جي پڇاڙيءَ ۾ زير ـِ ڪن جي پڇاڙيءَ ۾ "او" ۽ ڪن جي پڇاڙيءَ ۾ "اي" يا جن ڪن پڇاڙي ۾ "اي"

وارو پد (آواز) ايندو آهي. هن ڪري اسانکي ڌيان ڏيڻو پوندو ته ڪهڙي پڇاڙيءَ وارا اسم هميشه مذڪر يا هميشه مونث آهن ۽ ڪهڙين پڇاڙين وارا اسم مذڪر خواه مونث آهن. اهڙيءَ طرح ٻيهر وار پڇاڙين وارا اسم پورڻ ۾ لکي. انهن مان مذڪر ۽ مونث جوڙيا ٿيو اهي اسم واحد ۾ هجن.

١- ڪٽ، مٽ، ڪل، ال، چر، سر ... وغيره. ٻار جنس لهڻ لاءِ صفت لڳائڻ واري قاعدي سان ڏسندا ته هنن سڀني اسمن جو جنس مونث آهي.

ان ڪالهوءَ ڪون پڙهايو ۽ نوٽ ڪرايو ته "ـُ" پڇاڙيءَ وارا واحد اسم هميشه جنس مونث آهن.

٢- وت، ڪٽ، (ڪنهن ڪانو هن مان وڌا... وغيره نڪرندا آهن) دل، لٽ، چٽ، وٽ، ...... وغيره. ٻار ڏسندا ته انهن سڀني جون جنسون به مونث آهن.

هن ڪالهوءَ شاگردن کي پڙهايو ۽ نوٽ ڪرايو ته "ـِ" پڇاڙيءَ وارا واحد اسم گهڻو ڪري مونث آهن. جهڙوڪ ڪٿي ٿورا مذڪر به آهن جيئن ته سيٺ، سنڌ ...... وغيره.

٣- (الف) الٽ، ٻچ، ڪل، ان، اُن، پير، چم... وغيره
(ب) ڪٽ، ڪس، ڪنڊ، ڳُڙ، ڪار ...... وغيره

ٻار ڏسندا ته (الف) وارا اسم مذڪر ۽ (ب) وارا اسم مونث آهن. هن ڪالهوءَ شاگردن کي پڙهايو ۽ نوٽ

ڪرايو ته ”ءُ“ پڇاڙي وارا واحد اسم ڪي مذڪر ۽ ڪي مؤنث آهن.

(۴) (الف) ٻلا، ڍڳا، ڳلا، (ب) راڄا، ڏاڏا، ڀڳا، ٻار ڏسندا ته (الف) وارا اسم جنس ۾ مؤنث آهن ۽ (ب) وارا اسم جنس مذڪر آهن تنهنڪري ڪين ٻڌائي ۽ نوٽ ڪرايو ته ”جن واحد اسمن جو پويون اچار آواز ”آ“ ساڻ آهي، تن مان ڪي مذڪر ۽ ڪي مؤنث آهن. نوٽ- ”آ“ پڇاڙيءَ وارا مذڪر اسم گهڻو ڪري جاندار ٿيندا آهن.

(۵) ڏلو، ٽڪولو، ڪلو، سلو، ونو، لٺو، الو...... وغيره. ٻار ڏسندا ته اهي جي جنس مذڪر آهي، تنهن کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته ”جن واحد اسمن جو پويون آواز ”او“ آهي، سي هميشه جنس مذڪر ۾ آهن.“

(۶) (الف) ڪدو، زردالو، آلو، ڪچالو........ وغيره.

(ب) آبرو، بو، (بوءِ) ...... وغيره.

ٻار ڏسندا ته (الف) وارا اسم جنس مذڪر ۾ ۽ (ب) وارا مؤنث ۾ آهن. تنهنڪري اوهين شاگردن کي ٻڌايو ۽ پڻ نوٽ ڪرايو ته ”او“ پڇاڙيءَ آواز وارا واحد اسم ڪي مذڪر ۽ ڪي مؤنث آهن.“

(الف) لڏون، ڳڏون، چاڪيون، جمون، الون وغيره

(ب) پوءِ (پورو-زمينو) شاگردن کي ڏسڻ ۾ ايندو ته (الف) وارا اسم مذڪر ۽ (ب) وارا اسم مؤنث آهن. ان کان پوءِ کين لوڏ ڪرائبو ته "هن واحد اسمن جو پڇاڙيءَ آواز (ٻڌ) اُون آهي سي مذڪر به آهن ۽ مؤنث به."

(٨) الف- ڪلي، ڳڙي، ڏاڙهي، ڪڪڙي، پکي، جهلي ...... وغيره.

(ب) پٽي (ٻڙس) مولي (مولي جو دالو) مکي (پڇاڙيءَ جو ٻڙ پر ٻڙس) وغيره.

ٻارن کي ڏسڻ ۾ ايندو ته (الف) وارا سڀ اسم مؤنث ۽ (ب) وارا سڀ مذڪر آهن. ان کانپوءِ شاگردن کي ٻڌائبو ۽ لوڏ ڪرائبو ته "اي پڇاڙيءَ وارا اسم ڪي مذڪر ۽ ڪي مؤنث آهن ان کانپوءِ سڀني جو لسٽ ڪڍارائي هن ريت بورڊ تي لکو.

سڀني ٻي جان اسمن جون جنسون هيٺين قاعدن مطابق سهي ڪري سگهجن آهن.

(الف) "ي" پڇاڙيءَ وارا بي جان واحد اسم گهڻو ڪري مؤنث آهن.

(ب) "او" پڇاڙيءَ وارا بي جان واحد اسم گهڻو ڪري مذڪر آهن، (ج) ٽي، ار، اون، اي پڇاڙين وارا بي جان واحد اسم ڪي مذڪر ۽ ڪي مؤنث آهن.

سبق اٺون

"حالتون"

هيٺيان جملا بورڊ تي لکي ھن ۽ پوءِ شاگردن کي سمجھايو:-

(١) صابو ھڪ غريب ڇوڪر آھي، انھن ڪري ڏاڍو ڏکيو ٿو گذاري.

(٢) حبيب شاھوڪار ماڻھو آھي، انھن ڪري ھميشه ٿو مزا ماڻي.

سمجھاڻي ھن ريت ڏيو:-

پھرين جملي مان معلوم ٿو ٿئي ته صابوءَ جو حال چڱو نه آھي. يعني ھن جي حالت چڱي نه آھي. ٻئي جملي مان معلوم ٿو ٿئي ته حبيب جو حال چڱو آھي، يعني ھن جي حالت چڱي آھي.

(٣) ھاري سڄو ڏينھن اس ۾ ٿو سڙي.

(٤) مزدور سڄو ڏينھن ڪم ۾ ٿو ڳري.

(٥) زميندار سڄو ڏينھن اوطاق ۾ ٿو آرام ڪري.

(٦) نواب پيا عيش ڪن.

ٽئين ۽ چوٿين جملي ۾ "ھاري ۽ مزدور" جي حالت ڏکائتي آھي (ھو ٻئي تڪليف ۾ آھن).

پنجين ۽ ڇھين جملي ۾ "زميندار ۽ نواب" جي حالت سک واري آھي (ھي ٻئي پيا آرام ڪن).

اهو به رستو شاگردن جي ذهن ۾ ويهارڻ. جيئن رستو ڏاڍو هن زماني ۾ چڱيءَ يا خراب، ڏکي يا سکي حالت ۾ رهي ٿو، تيئن جوڙيءَ رستي اسم به جملي ۾ ڪن حالتن ۾ رهي سگهن ٿا. اسم کي جملي ۾ جن حالتن ۾ ڏيکاريو ٿو وڃي سي هيٺيون پنج آهن:-

(١) حالت فاعلي (٢) حالت مفعولي (٣) حالت جري (٤) حالت اضافت (٥) حالت ندا.

سبق نائون

"حالت فاعلي"

هن سبق سمجهائڻ واسطي هيٺيان جملا بورڊ تي لکي منجهن فعل چوندائي بورڊ تي لکو، هن ريت:-

(١) احمد ڊوڙي ٿو. (٢) صديق هو ڪاهي ٿو.
(٣) ڇوڪر پڙهي ٿو. (٤) باغائي الف هڻي ٿو.

بورڊ تي فعل هن ريت لکجن

(١) ڊوڙي ٿو. (٢) ڪاهي ٿو. (٣) پڙهي ٿو.
(٤) هڻي ٿو. شاگردن کان هيٺيان سوال ڪري انهن جا جواب وٺو ۽ درست ڪرايو.

(١) ڊوڙڻ جي ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟
(جواب:- "احمد").
(٢) ڪاهڻ جي ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

(جواب :- ”صديق“).

(۴) ڏهڻ جي ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

(جواب :- ”چوکر“).

(۵) ٻنڻ جي ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

(جواب :- ”باغائي“).

ان کان پوءِ اوري آيل فعلن مان هيٺيون لکو:-

(۱) ڊوڙي ٿو	(ڪير؟)	”احمد“
(۲) ڪاهي ٿو	(ڪير؟)	”صديق“
(۳) ڏهي ٿو	(ڪير؟)	”چوکر“
(۴) ٻني ٿو	(ڪير؟)	”باغائي“

هن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته ڊوڙڻ وارو ”احمد“ ڪاهڻ وارو ”صديق“ ڏهڻ وارو ”چوکر“ ٻنڻ وارو ”باغائي“ اهي سڀئي اسم آهن انهن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي جملي واري فعل جو ڪندڙ آهي (فعل وارو ڪم ڪري ٿو)

انهيءَ کانپوءِ شاگردن کان نوٽ ڪرايو ته اهو اسم جو فعل واري ڪم جو ڪندڙ هجي تنهن کي ان فعل جو ”**فاعل**“ چوندا آهن.

”فاعل معنيٰ آهي ڪم ڪرڻ وارو.

(۶) هيٺيان جملا لکي وري سمجهايو:-

۱- مراد اڄ اسڪول ۾ آهي.

۲- هاشم ڪلهه اسڪول ۾ هو.

٣- ماستر سياڻو هوندو.

مٿين مان فعل چونڊائي پوءِ ٻڌائي ته لکو جي لفظ "آهي، هو ۽ هوندو" آهن. شاگردن جي مغز ۾ وهارڻو ته پهرئين جملي مان مراد جي اڄ هجڻ جي ٻئي مان هاشم جي ڪالهه هجڻ جي، ٽئين مان ماستر جي سياڻي هجڻ جي خبر پوي ٿي. هتي پهرئين جملي ۾ مراد، ٻئي ۾ هاشم ۽ ٽئين ۾ ماستر فاعل آهي، ڇو ته سڀني ۾ ته اُهي ٽيئي فاعل ڪري ڪو ڪم ڪين ٿا بلڪ انهن بابت ڪا خبر پوي ٿي. انهيءَ ڪري چئبو ته فاعل اهو آهي جنهن بابت جملي مان ڪا خبر پوي. ان کان پوءِ شاگردن کي لوٽ ڪرائڻ ته "اهو اسم جو جملي ۾ آيل فعل جو ڪم ڪندڙ هجي يا جنهن بابت جملي مان ڪا خبر ملي" تنهڪري ان فعل جو فاعل چوندا آهن" ۽ هي ياد ڪرائڻ ته جيڪي اسم فعل جو فاعل هوندا آهن تن جي "حالت فاعلي" هوندي آهي.

استعمال سوال

هيٺين جملن مان فاعل چونڊايو.

١- ولي محمد اڄ ڳڙهي ياسين ويو.

٢- سومرو واپار ڪندو آهي.

٣- لطيف پنهنجي گهر ۾ رهندو آهي.

٤- رمضان ڪالهه باغ ۾ ويو.
٥- صالح اٺ تي ٿو چڙهي.
٦- سليمان اڄ پنهنجي گهر هوندو.

سبق ڏهون

"حالت مفعولي"

هيٺيان جملا پورا آهن لکي انهن ۾ فعل ۽ فاعل ٻئي پورا آهن هن ريت لکو:-

١- وڏو دروازو ٽٽي ٿو.
٢- ڪاسائي ڇيلو ڪهي ٿو.
٣- نواز علي ڪاڳر لکي ٿو.
٤- محمد ماني کائي ٿو.
٥- قاسم هڪي ماري ٿو.

پهرين جملي ۾ فعل آهي "ٽٽي ٿو" ۽ ان جو فاعل "وڏو" ٻئي جملي ۾ فعل آهي "ڪهي ٿو" ان جو فاعل آهي "ڪاسائي" ٽئين جملي ۾ فعل آهي "لکي ٿو" ۽ ان جو فاعل آهي "نواز علي" چوٿين جملي ۾ فاعل آهي "کائي ٿو" ۽ ان جو فاعل آهي "محمد" پنجين جملي ۾ فعل آهي "ماري ٿو" ۽ ان جو فاعل آهي "قاسم".

الڪان ٻوه شاگردن کي هيٺيون ڳالهيون ٻڌايو.
جملي (١) ۾ وڏو فاعل آهي ۽ ٽٽي ٿو فعل آهي.

سوال ڪبو ته ڇا ٿو ٺاهي؟ جواب ملي ٿو ”دروازو“ انهيءَ ڪري دروازو مفعول آهي فعل ٺاهي ٿو جو، انهيءَ ڪري دروازي جي حالت مفعولي چئبي.

اهڙيءَ طرح ڪاسائي ڪنهن کي ٿو ڪهي؟ ڇيلي کي
اواز علي ڇا ٿو ڪپي؟ ڪاٺي.
محمد ڇا ٿو کائي؟ ماني.
قاسم ڪنهن کي ٿو ماري؟ هن کي.

سڀني جملن مان ڏسندا ته جيڪڏهن دروازو، ڇيلو، ڪاٺي، ماني، هن کي، اهي لفظ نه لکجن ها ته جملن مان پورو مطلب نڪري ڪين سگهي ها. انهيءَ ڪري انهن سڀني لفظن جي حالت مفعولي آهي. مفعول معنيٰ آهي جنهن تي ڪم ٿئي يا جيڪو ڪم سهي.

جملي ۾ جيڪو اسم مفعول آهي تنهن جي حالت مفعولي آهي.

” استعمال لاءِ سوال “

هيٺين جملن مان اهي اسم چونڊيو جن جي حالت مفعولي آهي.

١- باغائي باغ مان انب پٽيا.
٢- آءٌ ڪل ڇني آيو آهيان.
٣- ودو ڪاٺ چيري ٿو.
٤- ماڇو ڪاني وڍي ٿو.

هيٺين جملن مان اهي اسم چونڊيو جن تي جملي ۾ آيل فعل جو اثر لڳي ٿو:-

٥- اسين هي ٻه ڇوڪرا هن اسڪول کي ڏيون ٿا.

٦- ولايت جي ڪارخانن ۾ ڪاريگر ڪچي مال مان عمدو سامان ٺاهيندا آهن.

٧- پاڪستان ۾ ٿورا ڪي اهڙا ڪاريگر آهن جي ولايتي مال جهڙو تيار ڪري سگهن ٿا.

هيٺين جملن ۾ جن اسمن جي حالت مفعولي آهي سي لکو.

٨- غلام نبي هن کي ڏاڍو ماريو آهي.

٩- شاهنواز جو نوڪر آهي.

١٠- شير علي مڇون ٿو ڏئي.

١١- ٻگهڙ رڍ ماري ويو.

سبق ٻارهون

"حالت جري"

سبق جي شروع ۾ شاگردن کي ياد ڏيارڻو ته اوهان سکي آيا آهيو ته "حرف جر" اهو لفظ آهي جو جملي ۾ ڪنهن اسم يا ضمير جي اڳيان اچي ۽ انهيءَ ٻوڙيءَ لفظ جو ناطو ۾ لاڳاپو ڏيکاري جملي جو صحيح مطلب ظاهر ڪري. ان کان پوءِ هيٺيان جملا بورڊ تي ڌار لکو هن ريت:-

١- مون لاءِ ڪتاب کڻي ڏي.

٢- ٻڪر مان ٻه لاٽا الر.

٣- لوري کي الب ڏيڻ لو.

چوالبل حرف جر ٻوڙ لي هن ريت لکو:-
تان، مان، کي. ٽارن کي سمجهايو ته اسان حرف جر سکڻ وقت سکي آيا آهيون ته جڏهن جملي مان حرف جر ڪڍي ڇڏيون ته لفظن مان صحيح مطلب ڪونه نڪرندو. وڌيڪ ٻڌايو ته:-

١- ”تان“ حرف جر، ميز جو ڪتاب سان لاڳاپو لي ڏيکاري، ان ڪري جملي مان پورو مطلب نڪري ٿو ميز جي حالت جري ڇٽبي سمهان تان حرف جر جي.

٢- ”مان“ حرف جر، ٻڪر جو ٻڪرن سان لاڳاپو ڏيکاري ٿي ان ڪري ٻڪر جي حالت جري ڇٽبي.

٣- ”کي“ حرف جر، لوري جو الب سان لاڳاپو ڏيکاري ٿي ان ڪري لوري جي حالت جري ڇٽبي.

هن مان ظاهر آهي ته اسم جن جي پٺيان حرف جر اچي ٿو، اهڙي طرح انهن جو لاڳاپو ٻين لفظن سان ڏيکاري پورو مطلب ظاهر ڪري ٿو اهڙن اسمن جي حالت ”جري“ چوندا آهن.

جر جي لفظ جي معنيٰ آهي "لاڳاپو ڏيکاريندڙ". هوءَ شاگردن کان ڌار ڪرايو ته "حالت جري" اسم يا ضمير جي اها حالت آهي جا سندس لاڳاپو ٻين لفظن سان ڏيکاري جملي جو صحيح مطلب ظاهر ڪري.

استعمالي سوال

١- ڪهڙن لفظن کي حالت جري لائي سگهندا؟
٢- حالت جري ڇا کي چئجي؟

هيٺين جملن مان اهي اسم چونڊيو جن جي حالت جري هجي.

٣- مون لاءِ انب آڻج.
٤- سندس ڳالهائڻ مان سڀني کي معلوم ٿو ٿئي ته ڏوهه ان جو آهي.
٥- صوف ٽڪي تي نه پچايو آهي.
٦- لوهي ۾ لوڻ ۽ مرچ وجهي ٽڪي تي گرم ڪري کاءُ.

سبق ٻارهون

"حالت اضافت"

هيٺيان جملا بورڊ تي لکي انهن مان حالت جري ۾ وارا لفظ ۽ حرف جر چونڊائي بورڊ تي لکو:-

١- حاجيءَ وارو گهوڙو اڄ مون ورتو.
٢- هادي بخش جو ڏاند ڏاڍو سٺو آهي.
٣- تو سعد ۽ اسد جو ڪاهي ويا.

٤- هن واري ڳالهه ڏي ڌيان ڏجي.

حرف جر جا اهي لفظ جن جي حالت جري آهي.

وارو- حاجيءَ جي حالت جري آهي.

جو- هادي بخش جي حالت جري آهي.

سندو- تو جي حالت جري آهي.

واري- هن جي حالت جري آهي.

هن ڳالهه شاگردن کي هيٺينءَ ريت سمجهائي ڏيو.

"وارو" حرف جر حاجيءَ ۽ گهوڙي جو لاڳاپو ڏيکاري ظاهر ڪري ٿو ته "حاجي" گهوڙي جو مالڪ آهي.

"جو" حرف جر هادي بخش ۽ ڏاند جو لاڳاپو ڏيکاري ظاهر ڪري ٿو ته "هادي بخش" ڏاند جو مالڪ آهي.

"سندو" حرف جر "تو" ۽ "اٺ" جو لاڳاپو ڏيکاري ظاهر ٿو ڪري ته تون اٺ جو مالڪ آهين وغيره.

وري ٻيا جملا وٺو جن ۾ آيل ڪن اسمن جي حالت جري هجي ۽ مالڪيءَ جو لاڳاپو به هجين. منجهائن حالت جري وارا لفظ چونڊائي لکو:-

١- تو لاءِ صوف آندو اٿم.

٢- خالق ۾ وس رکي آءٌ

٣- احمد وٽ پنج روپيه آهن.

٤- هن کان قلم وٺ.

حالت جري لفظ

"لوءِ" "خاليءَ"، "احمد" ۽ "هن" جي حالت جري آهي. ڇوته لفظن جي پٺت ڪري ڏيکاريو ته هنن جو انهيءَ جملي وارن لفظن مان ڪي سان مالڪيءَ جو لاڳاپو نه آهي. ان کان پوءِ شاگرن کي اوت ڪرايو ته "جڏهن ڪي حرف جر ڪن اسمن جي پٺيان اچن ۽ انهن جو ٻين اسمن سان مالڪيءَ جو واسطو ڏيکارين تن جي حالت اضافت چئبي آهي."

نوٽ:- حالت اضافت حالت جري جو هڪ قسم آهي.

"استعمال لاءِ سوال"

هيٺين جملن مان ڪهڙن لفظن جي حالت اضافت آهي ۽ ڪهڙن جي حالت جري.

١- آءٌ ٻاڙ وارو ڪپ تو لاءِ کڻي آيو هيان.

٢- هن کي ڪپي ته انهيءَ ڪتاب اوڪي موڪائي ڏني.

٣- گڏڙ ۽ ٻيا جهنگلي مرون رات جو ٻاهر نڪرندا آهن.

٤- ٻچل سنڌو ڪتاب لو رت آهي.

سبق ٻارهون

"حالت ندا"

هي جملا بورڊ تي لکي، انهن مان اسم چونڊايو جن کي سڏ ڪيل آهي ۽ انهن بورڊ تي هڻ لکو:-

١- او احمد! هيڏانهن اچ؟

٢- اڙي ارباب! هن وقت سوڙ ڪٿي هئين؟

٣- سومار! ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

٤- عثمان! اهو ڪي وٺي آهه؟

چونڊيل اسم

١- احمد ٢- ارباب

٣- سومار ٤- عثمان

شاگردن کي ٻڌايو ته احمد جي اڳيان "او" (حرف ندا) ارباب جي اڳيان "اڙي" (حرف ندا) آيل آهي. پر "سومار ۽ عثمان" جي اڳيان اهڙو حرف ندا ڪم آيل ڪونه آهي ان هوندي به "او يا اڙي" لفظ سڏڻ اڳيان ڳجهو آهي. انکانپوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ نوٽ ڪرايو ته:-

"اهي لفظ جن جي اڳيان حرف ندا جو ڪو لفظ سڏ ڪرڻ لاءِ آيل هجي يا ڳجهانئن ڪابه سڏ ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي تن جي حالت ندا آهي." ندا لفظ جي معنيٰ آهي ٿي "سڏ ڪرڻ".

نوٽ:- شاگردن کي ٻڌايو ته اوهان کي مٿي ٻڌايو ويو آهي ته اسم سان پنج حالتون لڳنديون آهن.

استعمالي سوال

هيٺين مان حالت ندا وارا اکر چونڊيو؟

١- منو! احمد ڪٿي آهي؟
٢- ارباب! تون ڇوڪرن سان ويو آهين؟
٣- بهادر! اڄ ته سڪر هلون؟
٤- رستم! توکي هاشم ڇو هوله، ته مون سان ملي وڃ؟
٥- سهراب! هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟

حالتن جو چارٽ

حالتون پنج آهن.

١- حالت فاعلي:- اسم يا ضمير جي اها حالت آهي جنهن ۾ ڪنهن به اڳيئي ته واسطيدار اسم يا ضمير فعل جو فاعل آهي

٢- حالت مفعولي- اسم يا ضمير جي اها حالت آهي جنهن ۾ فعل جو اثر واسطيدار اسم يا ضمير يعني مفعول تي لڳي.

٣- حالت جري- اسم يا ضمير جي اها حالت آهي جنهن ۾ لفظن سان لاڳاپو ظاهر ڪي ٿو ماڪي ڪاله هجي.

٤- حالت اضافت - اسم يا ضمير جي اها حالت آهي جا واسطيدار اسم يا ضمير جو جملي ۾ ٻئي اسم سان مالڪي جو لاڳاپو ڏيکاري.

٥- حالت ندا - اسم جي اها حالت آهي جنهن ۾ ظاهر ٿئي ته واسطيدار اسم کي سڏ ڪيل آهي.

سبق چوڏهون

اسم جي گردان

شاگردن جن ڏنل ڇپايل اسان مٿي سکي آيا آهيون ته اسم کي جملي ۾ انهن حالتن ۾ ڦيرائي سگهبا آهيون ساڳئي اسم کي عدد موافق واحد ۽ جمع ۾ به انهن ئي حالتن جي ڦيرائڻ کي اسم جو گردان چئبو آهي. گردان معني آهي ڦيرو ڪرڻ. اڳيئن ڪان ٻيو شاگردن کي سمجهائڻ لاءِ هيٺيان گردان ورتا آهن جي شاگردن کي ڪري ڏيکاربا.

١- اسم (گهوڙي) جو گردان

حالت	عدد واحد ۾	عدد جمع ۾
حالت فاعلي	گهوڙو آيو	گهوڙا آيا
حالت مفعولي	گهوڙي کي ته مار	گهوڙن کي ته مار
حالت جري	گهوڙي وٽ ته وڃ	گهوڙن وٽ ته وڃ

حالت اضافت گهوڙي جو ڪن وڍ. گهوڙن جا ڪن ...
حالت ندا. اي گهوڙا هيڏانهن اچ. اي گهوڙا هيڏانهن ا...

اسم (زال) جو گردان

حالت فاعلي.	زال آئي	زالون آيون
حالت مفعولي.	زال کي وٺي اچ	زالن کي وٺي ا...
حالت جري.	زال لاءِ چولو آڻ	زالن لاءِ چولا آ...
حالت اضافت.	زال جو گهر ڏس	زالن جا گهر ڏ...
حالت ندا.	اي زال! گهر وڃ	اي زالون گهر وڃ

سبق پنڌرهون

"اسم جي عام صورت"

عام صورت سمجهائڻ لاءِ بورڊ تي ' چوڪر ' ...
گردان لکو هن ريت:-

حالت	عدد واحد	عدد جمع
حالت فاعلي.	چوڪر ويو	چوڪر (چوڪرا) و...
حالت مفعولي.	چوڪر کي ماڻهو	چوڪرن کي ماڻهو
حالت جري.	چوڪر لاءِ قلم وٺ	چوڪرن لاءِ قلم وٺ
حالت اضافت.	چوڪر جو ڪتاب کڻ	چوڪرن جا ڪتاب کڻ
حالت ندا.	اي چوڪرا ڪيڏانهن ٿو وڃين.	اي چوڪرو (چوڪ... ڪيڏانهن ٿا وڃو

هن گردان ۾ شاگردن کي ڏيکاريو ته حالت فاعلي

۾ عدد واحد ۾ ”ڇوڪر“ (لفظ آهي) آهي جو حالت مفعولي، حالت جري ۽ حالت اضافت ۾ ٿئي ”ڇوڪرن“ ٿي پيو آهي. ساڳيءَ ريت حالت فاعلي ۾ عدد جمع ۾ ”ڇوڪرا“ (لفظ آيل) آهي سو ٻين ٽنهي حالتن ۾ ٿئي ”ڇوڪرن“ پيو آهي. هن مان ڏسجي ٿو ته اسم جو گردان ڪرڻ وقت حالت مفعولي، حالت جري، حالت اضافت ۾ عدد واحد ۾ توڙي عدد جمع ۾ هڪ جهڙيون شڪليون (صورتون) وٺي ٿو. انڪري شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته ”اسم جي عام صورت اها ساڳي شڪل آهي جا هو گردان ڪرڻ وقت حالت مفعولي، حالت جري ۽ حالت اضافت ۾ وٺي ٿو.“

سبق سورهون

”اسم جا گردان هلائڻ“

هنئون سبق ۾ اسم جي گردان سمجهائڻ لاءِ هر هڪ واسطيدار اسم کي جملن ۾ حالت موافق ڦيرايو ويو آهي، جنهن ڪري حالتون چٽيون ٿي پيون آهن. پر هن سبق ۾ شاگردن کي فقط واسطيدار اسم جي گردان ۾ رڳو حالت ٻڌائڻ کپي، ڇو ته عملي جو ضرور ڪرڻي.

”اسم هاٿي جو گردان“

حالت	عدد واحد	عدد جمع
” فاعلي	هاٿي	هاٿي
” مفعولي	هاٿيءَ کي	هاٿين کي
” جري	هاٿيءَ لاءِ	هاٿين لاءِ
” اضافت	هاٿيءَ جو	هاٿين جو
” ندا	اي هاٿي !	اي هاٿي

(٢) اسم (ٻلي) جو گردان

” حالت فاعلي	ٻلي	ٻليون
” مفعولي	ٻليءَ کي	ٻلين کي
” جري	ٻليءَ لاءِ	ٻلين لاءِ
” اضافت	ٻليءَ جو	ٻلين جو
” ندا	اي ٻلي	اي ٻليون

(٣) اسم (ڳانءِ) جو گردان

حالت فاعلي	ڳانءِ	ڳانئون
[illegible] صورت	ڳانءِ	ڳانئن

سبق سترهون

فعل جو قسم

(١) ”فعل لازمي“

شاگردن جو ڌيان ڇڪايو ته انهن اڳ سکي آيا

آهيون ته " فعل اهو لفظ آهي جو جملي ۾ ڪنهن
ڪم جي معنيٰ ڏيکاري."

هاڻي اسين فعل بابت وڌيڪ احوال لکندا آهيون.

هن لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

(١) منهنجا ڪتاب ڪٿي آهن؟
(٢) منهنجو ڪتاب ڪٿي آهي؟
(٣) منهنجا ڪتاب ڪٿي هئا؟
(٤) منهنجو ڪتاب ڪٿي هو؟
(٥) منهنجا ڪتاب ڪٿي هوندا؟
(٦) منهنجو ڪتاب ڪٿي هوندو؟

هيٺين جملن مان فاعل ۽ فعل چونڊائي هن ريت بورڊ تي لکو:-

فاعل	فعل
(١) منهنجا ڪتاب	آهن
(٢) منهنجو ڪتاب	آهي
(٣) منهنجا ڪتاب	هئا
(٤) منهنجو ڪتاب	هو
(٥) منهنجا ڪتاب	هوندا
(٦) منهنجو ڪتاب	هوندو

شاگردن کي سمجهايو ته مٿين جملن مان هر هڪ جملي ۾ جڏهن فعل جو فاعل جمع مذڪر آهي ته فعل به جمع مذڪر ۾ آهي ۽ جي فاعل واحد مذڪر

۽ آهي ته فعل ٻن واحد مذڪر ۽ آهي تنهن ڪري ڇٽبو ته ”آهي سيٽي فعل پنهنجي فاعل سان لڳل آهن ۽ سيٽي فعل پنهنجي فاعلن وانگر عدد ۾ مٽجن ٿا. جملن مان فعل جي هٽڻ جي خبر پوي ٿي.

(٣) سمجهائن پورو مطلب نڪري ٿو.

وري هيٺيان جملا پورب ڏي لکو:-

ب (١) اسان جو ڪم ٿئي ٿو. (٢) اسان جا ڪم ٿين ٿا. اسان جو ڪم ٿيو. (٤) اسان جا ڪم ٿيا. (٥) اسان جو ڪم ٿيندو. (٦) اسان جا ڪم ٿيندا.

هنن مان به فاعل ۽ فعل مٿين وانگر ڌار ڌار چولدائي پورب ڏي لکي مٿين وانگر سمجهايو ته ”هي فعل به فاعل سان لڳل آهن، فاعل جي لنگ جي معني ڪي پڪارين ٿا. جملن مان پورو مطلب نڪري ٿو ۽ فاعلن وانگر عدد ۾ مٽجن ٿا.“

وري هيٺيان جملا پورب ڏي لکو:-

(ت) (١) ڇوڪر ڊوڙي ٿو. (٢) ڇوڪر ڊوڙن ٿا.

(٣) ڇوڪري ڊوڙي ٿي (٤) ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون

(٥) عورت ڊوڙي ٿي. (٦) هو ڊوڙن ٿيون.

ساڳيءَ ريت فعل ۽ فاعل چولدائي پورب ڏي لکو ۽ سمجهايو ته ” هي فعل به فاعل سان لڳل آهن. سمجهائڻ ڪرڻ جي معني نڪري ٿي ۽ فعلن مان

ٻو مطلب ڏيکاري ٿو ۽ عمل ڏيکاريندڙ فاعل وانگر جنس ۾ ملندڙ آهي." ان نالي واري شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوت ڪرايو ته اهڙا فعل جن مان هلڻ، لڪڻ، يا ڪرڻ جي معني نڪري ۽ جملي مان پورو مطلب ظاهر ٿئي ۽ اهي ل فاعل سان لڳل هجن ته کين فعل لازمي چئبو هي. لازمي معني آهي لڳل، يعني جو فاعل سان لڳل هجي."

سبق ارڙهون

فعل جا قسم (٢- فعل متعدي)

فعل جي سمجهاڻي واسطي هيٺ جملا ٻورڊ تي هن ريت لکو:-

(١) هاري پوکي ٿو. (٤) هاري جوئر پوکي ٿو.
(٢) باغائي پٽي ٿو. (٥) باغائي گل پٽي ٿو.
(٣) واڍو ٺاهي ٿو. (٦) واڍو در ٺاهي ٿو.

١-٢-٣ جملن مان فاعل ۽ فعل چونڊائي هيٺ لکيل نموني تي لکو:-

جملو	فاعل	فعل
(١)	هاري	پوکي ٿو.
(٢)	باغائي	پٽي ٿو.
(٣)	واڍو	ٺاهي ٿو.

شاگردن کي ٻڌايو ته هنن مان ظاهر ٿئي ٿو ته فاعل

ڪڍڻ ضروري ٿو، ٻيو وري خبر ڏيئي ٿو ته هو ڇا ٿو ڪري. ٻر ٤-٥ ۽ ٦ جملي مان معلوم ٿئي ٿو ته:-

(٤) فاعل (هري) ڇوڪر ٻوڪڻ جو ڪم ٿو ڪري.

(٥) فاعل (بادشاهه) گلن ٽوڙڻ جو ڪم ٿو ڪري.

(٦) فاعل (واڍو) در ٺاهڻ جو ڪم ڪري ٿو.

(يعني فاعل جو ڪم ڪن ٿا (ٻيا اسم فعلن وارا ڪم سهن ٿا.

ٻيءَ صورت ۾ چئجي ته ڪنهن ڪم جو اثر لڳي ٿو ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوٽ ڪرايو ته "اهڙا فعل جي ڏيکارين ته فاعل ڪو ڪم ڪن ٿا ۽ ان جو اثر ڪن ٻين اسمن تي اچي ٿو تن کي فعل متعدي چوندا آهن."

جن اسمن تي فعل جو اثر لڳي ٿو جيئن ته " جوٺو گل ۽ در، تن کي فعلن جو مفعول چئجي ٿو يعني جوٺو، گل ۽ در، مفعول آهن ڪوئي تو ٻڌي ٿو ۽ ٺاهي ٿو فعل ڇا."

استعمالي سوال

(١) فعل ڇا آهي؟

(٢) فعل جا ڪيترا قسم ٿيا آهن؟

(٣) فعل لازمي ڇا کي چئجي؟

(٤) فعل متعدي ڇا کي چئجي؟

فعل جو چارٽ نمبر ١

مکيه فعل ٻه آهن

١- فعل لازمي

اهو فعل آهي جنهن کي فاعل جي بيان لکڻ سان جملي جو مطلب پورو ڪري سگهي، جيئن ته "هاشم اچي ٿو" "هاشم" فاعل آهي ان جي بيان "اچي ٿو" فعل لکڻ سان جملو پورو ٿيو ۽ ان جو مطلب صاف سمجهڻ ۾ آيو.

٢- فعل متعدي

اهو فعل آهي جنهن مان مفعول نه ڪڍڻ ڪري مطلب نه نڪري ۽ جملو اڌورو رهجي وڃي جيئن ته "هاشم کاڌو" هن جملي مان مطلب پورو واضح ڪري نه ٿو، ڇاڪاڻ ته هن فعل واري جملي ۾ فاعل سان گڏ مفعول جو هجڻ ضروري آهي جيئن ڪم پورو ٿئي ته فاعل جي ڪم جو اثر ڪنهن مفعول تي ٿيو جيئن ته "هاشم ماني کاڌي" يعني هاشم فاعل آهي ۽ کاڌي فعل آهي ۽ ماني مفعول آهي.

استعمالي سوال

هيٺين جملن ۾ آيل فعل ۽ مفعول ڪهڙا آهن؟

(١) رازق ڏلو ڪالهه شڪارپور مان آيو.

(٢) فيض محمد اڄ لکيو ٿي رهيو.

(٣) صاحبداد ڪتاب پڙهندو آهي.

(٤) مولانا صاحب وعظ ٿي ڪيو.

(۵) عبدالمجيد لڪڙ ٻڌو گهمي.

(۶) شاهه محمد ڪتاب کڻي ويو.

سبق اوڻٽيهون

هن جي سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(۱) ڇوڪر اچ آيو   (۲) ڇوڪر اچ آيا

(۳) ڇوڪري اچ آئي   (۴) ڇوڪريون اچ آيون

شاگردن کي هن ريت سمجهايو:-

(۱) "ڇوڪر" فاعل عدد واحد ۾ آهي ته فعل "آيو" به عدد واحد ۾ آهي.

(۲) "ڇوڪر" فاعل عدد جمع ۾ آهي ته فعل "آيا" به عدد جمع ۾ آهي.

(۳) "ڇوڪري" فاعل عدد واحد ۾ آهي ته فعل "آئي" به عدد واحد ۾ آهي.

(۴) "ڇوڪريون" فاعل عدد جمع ۾ آهي ته فعل "آيون" به عدد جمع ۾ آهي.

هن مان ڏسجي ٿو ته "فعل پنهنجي فاعل موجب عدد ۾ مٽجي ٿو" وڌيڪ ٻڌايو ته پهرين ٻن جملن ۾ جي فاعل آهن، تن جي جنس مذڪر آهي ته "آيو" ۽ "آيا" فعل جي جنس به مذڪر آهي. ٻين ٻن جملن ۾ جي فاعل آهن تن جي جنس مونث آهي ته "آئي"

"آيو" فعل جي جنس به مذڪر آهي، تنهن ڪري
چئبو ته "فعل فاعل سان ڳالهه جنس ۾ به ٺهڪي ٿو" تنهن
ڪري ثابت آهي ته فعل پنهنجي فاعل جي عدد ۽
جنس موافق ملندو آهي (جيئن عدد ۽ جنس ۾ لڳندا آهن)
پهرين کان وٺي شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته "ترڪيب
ڪرڻ وقت فعل جو قسم عدد ۽ جنس ٻڌائڻا
پوندا آهن".

ان کانپوءِ فعل جي مثال لاءِ ترڪيب ڪري ڏيکاريو

١- محمد شڪار تي ويو.
٢- نور احمد خط لکيو.

"ويو" فعل لازمي، عدد واحد، جنس مذڪر،
فاعل اٿس محمد.

"لکيو" فعل متعدي، عدد واحد، جنس مذڪر،
فاعل اٿس نور احمد ۽ مفعول اٿس خط.

انکانپوءِ استعمال لاءِ فعل جي ترڪيب ڪرايو.

استعدادي سوال

١- آهي تندرستي نعمت هڪ عجيب.
٢- ڏٺي منهنجا ڪرمن سان پنهنجو ڪرم.
٣- وقت ضايع ڪيو اجايو جنهن.
٤- چورن وتکي آءُ جوان غافل ڪمن پنهنجن.
٥- پوڙهي جا جوان جو قياس نه ڪريان ڪو.
٦- سڪيءَ کي مسڪيءَ جهو ادي الله توهار.

٧- ڇوڪر ٻڪرا هي ڪرائو سڄيو ڏينهن واڙ.

نوٽ:- نظر ڪي امر جي صورت ۾ آڻي ترڪيب ڪرڻ گهرجي.

سبق ويهون

فعل متعدي جا قسم

هن لاءِ هيٺيان جملا نوٽ ۾ لکو:-

١- فيض احمد چور پڪڙيو.

(ب) فيض احمد سپاهيءَ کان چور پڪڙايو.

٢- نورالدين قمرالدين کي ماريو.

(ب) نورالدين قمرالدين کي ماستر کان مارايو.

مٿين جملن مان هيٺين ريت فاعل ۽ فعل چونڊي نوٽ ۾ لکو:-

١- "فيض احمد" فاعل آهي ۽ "پڪڙيو" فعل آهي.

٢- "نورالدين" فاعل آهي ۽ "ماريو" فعل آهي.

(١ جي ب ۾) فيض احمد فاعل آهي ۽ "پڪڙايو" فعل آهي.

(٢ جي ب ۾) "نورالدين" فاعل آهي ۽ "مارايو" فعل آهي.

هن لاءِ هن ريت سمجهايو ته ١ ۽ ٢ جملن ۾ جيڪي فاعل آهن، تن فعلن وارو ڪم پاڻ ڪيو آهي مگر ١ جي ب ۽ ٢ جي ب ۾ جيڪي فاعل آهن، تن

فعلن وارو ڪم پاڻ نه ڪيو آهي پر ٻين کان ڪرايو اٿن يا ٻيءَ صورت ۾ چئجي ته ان فعل وارو ڪم ٻين جي معرفت يا واسطيداريءَ سان ٿيڻو آهي يعني فعل چارئي متعدي آهن پر پهريان سڌا فاعلن پاڻ ٿيا ڪيا ۽ ٻيا ٻين جي واسطي سان ٿيل آهن. پهرين ان فعلن کي فعل متعدي چئجي ۽ ٻين کي متعدي بالواسطه. بالواسطه جي معنيٰ ٿي آهي ٻي واسطيداري (معرفت) سان. انهيءَ کان پوءِ ٻارن کي هن ريت لوٽ ڪرايو ته "متعدي فعل جا ٻه قسم آهن. (١) کي فعل متعدي ۽ ٻئي کي متعدي بالواسطه چئبو.

فعل متعدي جي وصف شاگرد اڳ سکي آيا آهن باقي متعدي بالواسطه لاءِ هن ريت لوٽ ڪرايو: "اهڙا متعدي فعل جي سيکاريل ته فعل وارو ڪم فاعل پاڻ نه پر ٻين کان (ٻين جي معرفت) ڪرايو آهي تن کي متعدي بالواسطه چوندا آهن" انکانپوءِ استعمال لاءِ سوال ڪرايو.

استعمالي سوال

(١) ٻن ڄڻن هڪ ٻار کان پاڻ ۾ اچي جهيڙو ڪيو.

(٢) جمعن هٿ سهج ڪن لوڻ سومراڻ هيرا پڙهيو هار.

(٣) قاضيءَ ٻار هڪ کي ڏه پاڙيو ؟ ٻيءَ کي ڪڙائي ڪڍايو.

٤- چورن چوڻ نه ٽال ڪٽي، شهر جي ٻاهران هلي
هڪ ڏال جاءِ ۾ ورهائيندا سون.
٥- ٻيهل کي ٻوءِ رات جو سڏايو سلطان.
٦- سو مڱي، سو گهري، سڙي آئي نه صلاح.
٧- غريبن نه گڏري، او ماري مور ملاح.
٨- ٻانهو ٻراڻن جا لڳ سو ٻڌو ڪيي ساه.

سبق ايڪيهون

فعل متعدي جا قسم

"متعدي معروف ۽ متعدي مجهول"

هن جي سمجهاڻي لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

١- مون ماني پچائي. ٢- ماني پچائي.
٣- مون ڪتاب پڙهيو. ٤- ڪتاب پڙهيو.
٥- مون ماني نوڪر کان پچرائي.
٦- ماني نوڪر کان پچرائي.
٧- مون ڇوڪر کان ڪتاب پڙهرايو.
٨- ڇوڪر کان ڪتاب پڙهرايو.

نمبروار جملن جا متعدي ١- پچائي ٢- پچائي ٣- پڙهيو ٤- پڙهيو.

نمبروار متعدي بالواسطه فعل.

٥- پچرائي ٦- پچرائي ٧- پڙهرايو ٨- پڙهرايو

وري هر هڪ جملي مان فاعل ۽ مفعول ۽ فعل چونڊائي هن ريت ٻورڊ تي لکو:-

جملو	فاعل	مفعول	فعل
١-	موهن	ماني	پچائي
٢-	موهن	ڪتاب	پڙهيو
٣-	موهن	ماني	پچارائي
٤-	موهن	ڪتاب	پڙهارايو

مٿين پهرين جملن ۾ فاعل معلوم يعني ظاهر آهي پر پوين ٻن جملن ۾ ڪم جو ڪندڙ فاعل خود باطن آهي، تنهنڪري اهڙن جملن فعل کي فعل متعدي معروف چئبو آهي. مگر پوين ٻن جملن ۾ فعل جو ڪم ٻئي جي معرفت ڪرايل آهي، تنهنڪري اهڙن پوين ٻن فعلن کي متعدي بالواسطه معروف چئبو. هن سبق جي شروع ۾ ڏنل ٨ جملا وري ٻورڊ تي لکو جملي ٢ ۾ ماني پچائڻ وارو (اصلوڪو فاعل گم آهي پر، "ماني" مفعول، فاعل جي جاءِ تي آيو آهي ۽ "پچائبي" فعل آهي.

(جملي "٤" ۾ ڪتاب پڙهڻ وارو (اصلوڪو فاعل) گم آهي ۽ پڙهيو فعل آهي.

(جملي ٦ ۾) ماني ۽ پچائڻ وارو (اصلوڪو) فاعل گم آهي

۽ "مائي" مفعول، فاعل جي جاءِ تي آيو آهي ۽ فعل آهي.

(جملي ۸ ۾) ڪتاب پڙهڻ وارو (اصلوڪو فاعل) گم آهي ۽ "مڪتب" مفعول، فاعل جي جاءِ تي آيو آهي ۽ پڙهائيو فعل آهي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته هنن فعلن ۾ اصلوڪا فاعل گم (اڻ ڄاتل) آهن ۽ مفعول ترقي فاعل ٿيا آهن انهيءَ ڪري اهڙن فعلن کي فعل متعدي مجهول باالواسطه چوندا آهن.

مجهول معنيٰ اڻ ڄاڻ، پر مٿيان ٻه فعل متعدي مجهول آهن، ڇاڪاڻ ته متعدي مان ٺهيا آهن ۽ ٻيان ٻه فعل متعدي باالواسطه مجهول آهن ڇاڪاڻ ته هي متعدي باالواسطه مان ٺهيا آهن.

استاد ان مهل شاگردن کي نوٽ ڪرائي ته:-

۱- اهڙا متعدي فعل جن ۾ اصل فاعل گم ٿي وڃي ۽ مفعول ترقي فاعل ٿئي ته انهن کي فعل متعدي مجهول چوندا آهن.

۲- اهڙا متعدي باالواسطه فعل جن جو اصلوڪو فاعل گم هجي ۽ مفعول ترقي فاعل ٿئي ته انهن کي فعل متعدي باالواسطه مجهول چوندا آهن.

امتحاني سوال

۱- متعدي معروف ڇا کي چئجي؟

۲- متعدي مجهول ڇا کي چئجي؟

٣- متعدي بالواسطہ ڇا کي چئجي ؟

٤- فعل متعدي بالواسطہ مجهول ڇاکي چئجي؟

٥- فعل متعدي معروف ۽ فعل متعدي مجهول ۾ فرق ٻڌايو ؟

٦- فعل متعدي بالواسطہ مجهول ۽ فعل متعدي مجهول ۾ فرق لکو.

٧- هيٺين مان چونڊي ٻڌايو ته هر هڪ ۾ آيل فعل ڪهڙو آهي ؟

(الف) واڍو ڪاٺ چيري ٿو.

(ب) مون ڌوٻيءَ کان ڪپڙا ڌئارايا.

(ت) ماستر محمد کي سبق ڏنو.

(ج) هاشم، حيدر بخش کي رقم ڏياري.

(د) ڪوٽ سٻارائبو.

(س) چاهه ٺهرائبي.

(ع) رحم علي چاهه ٺهرائي.

گرامر ڀاڱو ٻيو

درجو ڇهون

سبق پهريون

ضمير جو عدد ۽ جنس

اسان سکي آيا آهيون ته ”ضمير جملي ۾ ڪنهن اسم جي بدران ڪم اچي ٿو. انهيءَ ڪري اهو لازمي آهي ته ضمير ۾ به اسم وارا عدد، جنس ۽ حالتون هجن. انهيءَ ڪري استاد کي گهرجي ته ضمير جي عدد ۽ جنس سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکي سمجهائي، ضمير ڇڏائي بورڊ تي لکايو.

(۱) اهي (هو) ڪتاب پڙهندو هو.

(۲) اهي (هو) ڪتاب پڙهندا هئا.

(۳) اها (هوءَ) ڪتاب پڙهندي هئي.

(۴) اهي (هو) ڪتاب پڙهنديون هيون.

گهربل لفظ ڇونڊائي هن ريت بورڊ تي لکو

مذڪر:- واحد ۾ اهو (هو) جمع ۾ اهي (هو)

مونث:- واحد ۾ اها (هوءَ) جمع ۾ اهي (هو)

وڌيڪ سمجهايو ته اهي يا هو هڪ ماڻهو جي بدران ڪم آيل آهي.

"اهي" ڪهڙن ماڻهن ٻدران ڪم آيل آهي.
"اها" ڪنهن هڪ عورت جي ٻدران ڪم آيل آهي.
"اهي" ڪهڙين عورتن جي ٻدران ڪم آيل آهي.

جا ضمير "اهو يا هو" جنس مذڪر، عدد واحد ۾ ڪم اچي ٿو ۽ ضمير "اهي يا هو" جنس مذڪر، عدد جمع لاءِ ڪم اچي ٿو. ٻئي طرف وري ضمير "اها يا هوءَ" جنس مؤنث، عدد واحد آهي.

هن مان ثابت ۾ اچي ٿو ته ضمير به اسم وانگر عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿو. يعني ڪنهن اسم وارا ساڳيا ئي عدد (عدد واحد ۽ عدد جمع) ۽ ساڳيون ئي جنسون (جنس مذڪر ۽ جنس مؤنث) لڳنديون آهن.

استعمالي سوال

هيٺين جملن مان جيڪي ضمير آهن تن جو عدد ۽ جنس ٻڌايو؟

(١) تون اسان وٽ ڪالهه ڇو ڪين آيو هئين؟
(٢) مون هنن کي چيو هو ته توکي ڪجهه به نه ڏيون؟
(٣) اهي ڪير آهن، جي هر روز ٻار سان وڙهن ٿا؟
(٤) "جيڪي آيو سواڪهو" تو وٽ اهو ڪارخانو لڳو پيو آهي؟
(٥) ڪهڙي ماڻهوءَ هن کي ماريو؟

(٦) اهو ڪي ڪجهي جو مٺڻ وسندي ڪم اچي؟
(٧) هڪڙن مان ڪو ڪاريگر آهي، ڪو مزور ۽
ڪي ٺيڪيدار؟

سبق ٻيهو

"ضمير جا قسم"

"ضمير خالص"

شاگردن جو ڏيان اڳ مڪمل ضمير جي وصف ڄاڻي چڪا آهن ته ضمير اهو لفظ آهي جو جملي ۾ ڪنهن به اسم جي بدران ڪم اچي. اهو سمجهي ياد ڏيارڻ بعد وڌيڪ ڪين ٻڌايو ته ڪهڙيءَ ريت جا قسم سمجهيا آهيون ليڪن هتي ضمير جا قسم سمجهنداسون. پهريون ضمير خالص سيکارڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکي سمجهائڻ اهي ضمير جي ليکائڻ جي ڪن ماڻهن جي بدران ڪم آيل هجن.

(١) آءٌ سپاهي لاڙڪاڻي ويندس.
(٢) مون کي لو جهلير نه اڄ نه وچ سپاهي اسين
ٻه هلنداسون.
(٣) هو اڄ آيو آهي ان کي لوهان ڇئو نه مون
وٽان امانت کڻي وڃ.

(٣) هن کي معلوم آهي ته اهي سندس امانت ضايع نه ڪندا.

چونڊايل ضمير هن ريت بورڊ تي لکو:-

آءٌ، اسان، مون، تو، هو، ان، اوهان، مون، ۽ هنن.

سوال جواب وسيلي شاگردن جي ذهن ۾ ويهاريو ته مٿيان ضمير اهڙا آهن جي ماڻهن کان سواءِ ڪنهن به اسم جي بدران نه ايندا يعني اهي خالص ماڻهن جي بدران ايندا آهن.

ان کان پوءِ بورڊ تي لکو ۽ شاگردن کان لکايو ته ضمير خالص اهو آهي جو فقط خاص ماڻهن جي بدران ڪم اچي ٿو.

جهڙوڪ:- آءٌ، مان، مون، اسان، اسين، تون، توهان، توهين، اوهان، هو، هن، ۽ هنن.

سبق ٽيهون

ضمير خالص جا قسم

الف ضمير خالص متڪلم- هن جي سمجهاڻي لاءِ سبق ٻئي وارن جملن مان اهي ضمير خالص چونڊايو جي ڳالهائڻ وارو يا ڳالهائڻ وارا ماڻهو پنهنجي بدران ڪم آڻين ٿا. اهو بورڊ تي هن ريت لکو:-

ڳالهائڻ وارا جي ٻنهي بدران ضمير ڪم آڻين ٿا سي آهن، ”آءٌ، مون، مان، اسان ۽ اسين“.

هن کان پوء شاگردن کي ٻڌايو ته عربيءَ ۾ ڳالهائڻ واري ماڻهوءَ کي ”متڪلم“ (ڪلام ڪرڻ يا ڳالهائڻ وارو) چوندا آهن. تنهن ڪري ”اهڙا لفظ جي ڳالهائڻ وارو ڳالهائڻ وقت پنهنجي بدران ڪم آڻي ٿو تن کي ضمير متڪلم چوندا آهن.“

ضمير حاضر

ساڳين مٿين جملن مان اهي ضمير خالص چونڊايو جي اُهيءَ ماڻهوءَ (انهن ماڻهن) جي بدران ڪم آندا ويا آهن جنهن (جن) سان ڳالهائجي ٿو. اهي بورڊ تي هن ريت لکو:-

تو (تون) توهان. توهين، اوهان ۽ اوهين.

شاگردن کي ٻڌايو ته هي ضمير اهيءَ (انهن) ماڻهن جي بدران ڪم آڻيا آهن، جنهن (جن) سان ڳالهائبو آهي سو (سي) ضرور ئي اڳي هوندا آهن. تنهن ڪري اهڙن ضميرن کي ضمير حاضر چوندا آهن.

ساڳين مٿين جملن مان اهي ضمير چونڊايو جي انهن ماڻهن جي بدران ڪم آيل هجن جن جي ڳالهه ڪجي پر سي اڳي حاضر نه هجن. اهي بورڊ تي هيئن ريت لکو:- هو، هن ۽ هنن.

شاگردن کي ٻڌايو تہ ھي ضمير جن ماڻھن جي بدران ڪم آيل آھن سي يا تہ غير حاضر (غائب) آھن يا اھن ابت ڪو ٻيو ڪجھ احوال چوي ٿو. تنھن ڪري اھي ضمير غير حاضر (غائب يا ٽڪل) سمجھيا وڃن ٿا. اھڙن ضميرن کي **ضمير غائب** چوندا آھن ان کان پوءِ ضمير خاص جي ٽنھي قسمن جا گردان ڪريو.

ضمير متڪلم جو گردان

	حالت	عدد واحد	عدد جمع
	حالت		
”	فاعلي	آءٌ ، مان	اسين (اسان)
”	مفعولي	مون کي	اسان کي
”	جري	مون لاءِ	اسان لاءِ
”	اضافت	منھنجو	اسان جو

ضمير حاضر جو گردان

	حالت	عدد واحد	عدد جمع
حالت	فاعلي	تون	توھان
”	مفعولي	تو کي	توھان کي
”	جري	تو وٽ	توھان وٽ
”	اضافت	تنھنجو	توھانجو

ضمير غائب جو گردان

	حالت	عدد واحد	عدد جمع
حالت	فاعلي	ھو، ھوءَ	ھو
”	مفعولي	ھن کي	ھنن کي
”	جري	ھن کان	ھنن کان
”	اضافت	ھن جو	ھنن جو

سبق چوٿون

ضمير اشارو

هن ضمير جي سيکارڻ لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

(١) هو ڪير آهي؟ آڱر سان اشارو ڪري سوال پڇو
(٢) اهو وڻ ڪٿي آهي؟ " " "
(٣) هي ڇا آهي؟ " " "
(٤) اهو ٻڪرو ڪهڙو آهي؟ " " "

هن جملن ۾ شاگردن کي اهي ضمير ڏيکاريو جي ڪنهن (ماڻهو يا شي) ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

(١) "هو" اشارو ٿو ڪري هڪ ماڻهوءَ ڏانهن.
(٢) "اهو" اشارو ٿو ڪري هڪ وڻ ڏانهن.
(٣) "هي" اشارو ٿو ڪري هڪ ٻڪريءَ ڏانهن.
(٤) "اهو" اشارو ٿو ڪري هڪ ٻڪريءَ ڏانهن.

انهيءَ کان پوءِ شاگردن کي سمجهايو ته ضمير جي ڪن اسمن ڏانهن اشارو ڪن تن کي **ضمير اشارو** چوندا آهن.

سبق پنجون

ضمير اشاري جا قسم

(الف) سبق چوٿين وارن جملن ۾ شاگردن کي

اهي ضمير چوائبا جي ڪنهن ڏورانهين (ڏور) شيءِ (اسم) ڏانهن اشارو ٿا ڪن. اهي ٻو رڻ تي لکو:-

(١) هو ڪنهن پريان ويندڙ ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ٿو ڪري.

(٢) اهو ڪنهن پراهين رڇ ڏانهن اشارو ٿو ڪري

ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته ”اهي ضمير اشارو جي ڪنهن ڏورانهين شيءِ ڏانهن اشارو ڪن، ان کي ضمير اشارو ڏور چئجي.

(ب) تنهن ضمير کان اهي ضمير چوائبا جي ڪنهن ويجهي شيءِ (اسم) ڏانهن اشارو ڪن، اهي ٻه ورڻ تي ... لکو.

(١) هي ڪنهن ويجهيءَ شيءِ (اسم) ڏانهن اشارو ٿو ڪري.

(٢) اهو ڪنهن ويجهي ٻڪريءَ (اسم) ڏانهن اشارو ٿو ڪري. ان بعد شاگردن کي ٻڌايو ۽ لکت ڪرايو!

اهي ضمير اشارا جي ڪنهن ويجهيءَ شيءِ ڏانهن اشارو ڪن ان کي ضمير اشارو ويجهو چوبا آهن. هن تي ضمير جا گردان ڪرايو.

(ا) ضمير اشاري ڏور جو گردان

حالت	واحد		جمع	
	جنس	جنس	جنس	جنس
	مذڪر	مونث	مذڪر	مونث
حالت فاعلي	هو	هوءَ	هو	هو

		واحد		جمع	
حالت		جنس	جنس	جنس	جنس
		مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
حالت	مفعولي	هن کي	هن کي	هنن کي	هنن کي
"	جاري	هن لاءِ	هن لاءِ	هنن لاءِ	هنن لاءِ
"	اضافي	هن جو	هن جو	هنن جو	هنن جو

اوپر ڏنل هو جي عام صورت واحد لاءِ هن ۽ جمع لاءِ هنن آهي.

ضمير اشاري ويجهي جو گردان

حالت فاعلي	هي	هيءَ	هي	هي
عام صورت	هن	هن	هنن	هنن

سبق ڇهون

ضمير مشترڪ

ضمير مشترڪ سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا لکو:-

(۱) خود محمد اهي چيو هو، ته تون پاڻ نه اچج.

(۲) صوبيدار خود پاڻ وڃي چور پڪڙيو.

(۳) هن پنهنجو پاڻ کي ماريو.

انهن جملن ۾ اهي ضمير ڪم آيا جي فاعل يا مفعول سان لڳن (شريڪ ٿين) ٿا ۽ جملي کي زور يا اثر وارو ڪن ٿا. اهي نمونو لئي هن ريت لکو:-

(۱) "پاڻ" مشترڪ (شريڪ) ٿيو آهي (توهان) سان.

”خود“ ضمير مشترڪ (شريڪ) ٿيو آهي (ڇور) مفعول سان.

(٢) ”خود“ ضمير مشترڪ (شريڪ) ٿيو آهي (پاڻ) مفعول سان.

الهيءَ ڪالهوءَ شاگردن کي ٻڌايو ته ”اهڙا“ ضمير جي جملي ۾ فاعل يا مفعول سان شريڪ ٿين ۽ جملي کي وڌيڪ ”زور وارو“ بنائين تن کي ضمير مشترڪ چوندا آهن:-

جهڙوڪ پاڻ، خود، بذات (لاڙ ۾ ڳالهائبو آهي) مشترڪ جي معنيٰ آهي شريڪ ٿيندڙ.

ضمير مشترڪ پاڻ جو گردان

حالت	عدد واحد	عدد جمع
حالت فاعلي	پاڻ	پاڻ
" مفعولي	پاڻ کي	پاڻ کي
" جري	پاڻ لاءِ	پاڻ لاءِ
" اضافت	پنهنجو	پنهنجو يا پنهنجي

سبق پنجون

ضمير استفهام

هن جي سمجهاڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) اڄ ڪير ڳالهائيندو؟

(٢) ڪهڙو لو ڪوڙ ڪري؟

(٣) توکي ڇا کپي؟

(٤) ڪهاڙي لاءِ آيو آهين؟

نوٽ:- ڪهاڙي لاڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ڇا جي معنيٰ ۾ ڪارائتو آهي؟

هن جملي مان سوال پڇڻ وارا ضمير چونڊائي بورڊ تي هن ريت لکو:-

(١) ڪير ضمير ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ٿو اچي.

(٢) ڪهڙو ضمير ڪنهن جي ڪر (ماڻهوءَ) لاءِ ٿو اچي.

(٣) ڇا ضمير ڪنهن گهرل شيءِ (اسم) وءِ ٿو اچي.

(٤) ڪهاڙو ضمير ڪنهن گهرل شيءِ (اسم) لاءِ ٿو اچي.

شاگردن کي ٻڌايو ته ”ڪير“ فقط ماڻهن سان لڳي ٿو. ”ڪهڙو“ ماڻهن شين سان ۽ ڪنهن سان لڳي ٿو.

ڇا ۽ ڪهاڙو فقط شين سان لڳي ٿو.

ٻڌايو ته مٿيان چار لفظ سوال پڇڻ جا لفظ آهن، جي ڇا ڪرڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. ٻيو نوٽ ڪرايو ته ”اهڙا ضمير جي سوال پڇڻ لاءِ ڪم ايندا آهن تن کي ضمير استفهام چوندا آهن“. استفهام جي معنيٰ آهي سوال ڪرڻ.

ضمير استفهام (ڪير) جو گردان

حالت	عدد واحد	عدد جمع
حالت فاعلي	ڪير، ڪير	ڪير
عام صورت	ڪنهن	ڪن

ضمير استفهام (ڪهڙو) جو گردان

	واحد	جمع
حالت فاعلي	ڪهڙو - ڪهڙي	ڪهڙا - ڪهڙيون
عام صورت	ڪهڙي - ڪهڙيءَ	ڪهڙن - ڪهڙين

سبق اٺون

"ضمير موصول"

هيٺيان جملا ورق تي لکو:-

(١) هي اهو ماڻهو آهي، جو سوير آيو هو.

(٢) مونکي اها شيءِ گهرجي جا اوهان وٽ ڪالهه آهي.

(٣) مون کي اهوئي مليو جنهن کي گهريو هو.

شاگردن کي ٻڌايو ته هنن جملن مان هر هڪ جا ٻه ڀاڱا آهن. اڳي ۾ پهرئين ڀاڱي مان ۽ پوءِ ٻئي ڀاڱي مان ضمير چونڊائي ورق تي لکو:-

جملي جي پهرئين ڀاڱي جا ضمير	جملي جي ٻئي ڀاڱي جا ضمير
(١) هي ۽ اهو.	(١) جو.
(٢) مون ۽ اها.	(٢) جا.
(٣) مون ۽ اهوئي.	(٣) جنهن کي.

شاگردن کي ٻڌايو ته پهرئين درجي وارا سڀئي ضمير اسين سکي آيا آهيون باقي ٻئي ڀاڱي وارا ضمير ساڳئي

جملي جي ٻن ڀاڱن کي پاڻ ۾ ملائيندا آ. انهيءَ ڳالهيءَ لاءِ مثال جملي جي ٻئي ڀاڱي وارا ضمير ڪڍي باقي جملا پورا ڪري لکي ڏيکاريون:-

(١) هي اهو مهمان آهي، سو اڄ آيو هو. (مهمان سوير آيو هو.)

(٢) مون کي اها شيءِ کپي. تو وٽ ڪالهه آهي (شيءِ تو وٽ ڪالهه آهي)

(٣) مون کي اهوئي ماڻهو، گهربو هو. (ڪا شيءِ گهربي هئي.)

شاگردن ڏٺو ته جملن مان ملائيندڙ ضمير ڪڍيا ويا آهن ته جملا اڻ وڻندڙ ۽ کوٽو ڪري ري مطلب ٿي پيا آهن. ٻي صورت ۾ ڇڏجي ته هرهڪ جملي مان ڌار ڌار ٻه جملا ٿي پيا آهن جن جو هڪ ٻئي سان ڪوبه واسطو ڪونه ٿو سمجهجي. جڏهن وري ساڳيا ملائيندڙ ضمير اصلوڪين جاين تي وڌا ويا آهن، تڏهن ٻئي جملا ڳنڍجي وري هڪ جملو ٺهيو آهي ۽ هرهڪ مان پورو مطلب نڪري ٿو.

”اهڙا ضمير جي ساڳئي فعل جي ٻن جملن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ پورو جملو ڪن ٿا تن کي **ضمير موصول** چوندا آهن. موصول جي معنيٰ آهي وصل ڪرائيندڙ (ملائيندڙ) ضمير موصول جا هي مثال آهن:- جو، جيڪو، جيڪا، جيڪي، ...... وغيره.

ضمير موصول (جو) جو گردان

حالت	عدد واحد		عدد جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
حالت فاعلي	جو	جا	جي	جي
عام صورت	جنهن	جنهن	جن	جن

٢- موصول (جيڪو) جو گردان

حالت	عدد واحد		عدد جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
حالت فاعلي	جيڪو	جيڪا	جيڪي	جيڪي
عام صورت	جنهن	جنهن	جن ڪن	جن ڪن
	ڪنهن	ڪنهن	جن ڪن	جن ڪن

سبق نائون

ضمير جواب موصول

هن سمجهاڻ واسطي هيٺان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) مهمان جو سوير آيو هو سو موٽي ويو.

(٢) شيءِ جا مون کي گهرجي هئي سا لو وٽ ڪال آهي.

(٣) مون کي جيڪي گهربو هو سو مليو.

انهن جملن جي ٻولن اڳ وارا ضمير ڏيکي ٻاڌي

( ) مهمان جو سو آيو موٽي ويو.
(٢) شيءِ جا مالڪي گهري هئي سو وٺي ڪالهه هئي.
(٣) مالڪي جنهن گهوڙو هو سو مئو.

شاگردن کي ٻڌايو ته مٿين جملن مان ليڪ ڏنل ضمير ڪڍيا ويا آهن ته هر هڪ جملي مان ٻه ڌار ڌار مطلب وارا جملا ٺهي پيا آهن. جن جو پاڻ ۾ ڪو به واسطو ڪونه ٿو ڏسجي. انهيءَ ڪري چئبو ته ليڪ ڏنل ضمير ٻه ساڳين فاعلن وارن ٻن جملن کي ملائي هڪ ڪن ٿا ٻيا ضمير موصول آهن. ٻيا اهي ضمير ٻئين ڀاڱي ۾ جيڪي ضمير ڪم آيل آهن تن جي جواب ۾ ڪم آيل آهن. انهيءَ ڪري ٻيون (ليڪ ڏنل) ضميرن کي ضمير جواب موصول چوندا آهن. ان کان پوءِ شاگردن کي لوٽ ڪرايو ته اهي ضمير جي ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچن ٿا جملي جي ٻن ڀاڱن کي گڏي هڪ ڪن ٿيون چوندا آهن. ”جواب موصول“

ضمير جواب موصول (سو) جو گردان

حالت	عدد واحد		عدد جمع	
	مذڪر	مونث	مذڪر	مونث
حالت فاعلي	سو	سا	سي	سي
عام صورت	تنهن	تنهن	تن	تن

سبق ڏهون

"ضمير مبهم"

هيٺيان سمجهائڻ لاءِ بورڊ تي لکو:-

(١) ڪو اندر آهي.
(٢) ڪي گهر ويٺي.
(٣) تو هٿين ڪجهه ڏار.
(٤) بابا! اڄ ڪير تو ڪنهن کي اچي.

جملن مان ضمير (الڳ ڪري) چونڊائي هيٺ وانگر بورڊ تي لکو.

ڪو، ڪي، ڪجهه، ڪير.

وڌيڪ سمجهايو ته "ڪو" ضمير آهي جو ڪنهن ماڻهوءَ جي بدران ڪم آيل آهي پر جنهن ماڻهوءَ جي بدران ڪم آيل آهي تنهن جي خبر ڪانه آهي (اهو) ماڻهو (اسم لڪل) آهي. اهڙيءَ ريت "ڪي" ۽ "ڪجهه" جن شين (اسمن) جي بدران ڪم آيل آهن سي اسم به ڳجها آهن. "ڪير" ضمير استفهام آهي جو ته سوال پڇڻ ۾ ڪم آيل آهي. پر ٽئي "ڪير" لفظ سوال پڇڻ لاءِ ڪم آيل نه آهي هن حالت ۾ ڪير جي معنيٰ (ڪو) ٿيندي ڇاڪاڻ ته سڄي جملي کي لفظن ۾ هن ريت ڦيرايو ته به مطلب ساڳيو نڪرندو.

بابا! ڪير ڪنهن کي اچي ٿو ڪوٺي ٿو. هتي جيڪو ڪير لفظ آيل آهي سو جنهن ماڻهوءَ جي بدران آيل آهي سو ڳجهو آهي يعني ان ماڻهوءَ کي لکي يا معلوم ڪري نه ٿو سگهجي، انهيءَ ڪري هتي ڪير ضمير مبهم آهي.

هن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته اهڙا ضمير جي اسمن جي بدران ڪم آيل هجن سي اسم ڳجها هجن (انهن جي خبر ئي ڪانه پئي يا ته ڪير ڇا آهن) ان کي ضمير مبهم چوندا آهن. مبهم جي معنيٰ آهي ڳجهو يا ڍڪل.

ضمير مبهم جا مثال- ڪو، ڪي، ڪجهه ۽ ڪير اسمن بدران ڪم ايندا آهن.

ضمير مبهم (ڪو) جو گردان

حالت	عدد واحد	عدد جمع
	مذڪر مؤنث	مذڪر مؤنث
فاعلي	”ڪو“ ”ڪا“	”ڪي“ ”ڪي“
عام صورت	”ڪنهن“ ”ڪنهن“	”ڪن“ ”ڪن“

هن کانپوءِ ضمير جي سراسري الڳ ڪري ضميرن جا چارٽ بورڊ تي لکيو ويو.

ضمير جو چارٽ

(ا) **ضمير خاص**- هن جا ٽي قسم آهن. ضمير متڪلم جيئن ته مان، اسان، ضمير حاضر جيئن ته تون، اوهان ضمير غائب جيئن ته هو، اهي.

(٢) ضمير اشارو:- هن جا ٻه قسم آهن.

(١) ضمير اشارو ڏور جهڙوڪ:- هو.

(٢) ضمير اشارو ويجهو جهڙوڪ:- هي.

(٣) ضمير مشترڪ:- جهڙوڪ:- پاڻ، خود، پنهنجو.

(٤) ضمير استفهام:- جهڙوڪ:- ڪير، ڪهڙو، ڪيئن، ڪيڏو، ڇا يا ڪهڙو.

(٥) ضمير موصول:- جهڙوڪ:- جو، جيڏو.

(٦) ضمير جواب موصول:- جهڙوڪ:- سو، تيڏو.

(٧) ضمير مبهم:- جهڙوڪ:- ڪو، ڪا، ڪي.

سبق ٻارهون

ضمير منفصل ۽ متصل

هيٺيان جملا ڌيان ڏئي لکو.

(١) منهنجو پٽ سڪو ويٺو. — (١) پٽم سڪو ويٺو.

(٢) تنهنجو پٽ سڪو ويٺو. — (٢) پٽءِ سڪو ويٺو.

(٣) هنجو پٽ سڪو ويٺو. — (٣) پٽس سڪو ويٺو.

(٤) مون ماني کاڌي. — (٤) ماني کاڌم.

(٥) تو ماني کاڌي. — (٥) ماني کاڌءِ.

(٦) هن ماني کاڌي. — (٦) ماني کاڌائين.

(٧) مون وٽ پنج رپيا آهن. — (٧) وٽم پنج رپيا آهن.

(٨) تو وٽ ڇهه رپيا آهن. (٨) وٽئه ڇهه رپيا آهن.
(٩) هن وٽ پنج رپيا آهن. (٩) وٽس پنج رپيا آهن.

شاگردن کي سمجهائڻو ته ا کان ٩ تائين لکيل جملن ۾ ضمير خالص بلڪل چٽا ۽ ظاهر آهن. انهن لاءِ جملن سامهون ٻيا جملا لکيل آهن، جن جي معنيٰ بلڪل ساڳي نمبروار پهرين لاءِ جملن جهڙي آهي، پر تفاوت فقط اهو آهي جو ضمير خالص بلڪل لکيل نه آهن. انهن جي بدران ڪي اشاريون اسم، حرف جر ۽ فعل جي پڇاڙيءَ ۾ آندل آهن. اصل وارن ضمير خالص کي ضمير متصل به چئجي ٿو. پر انهن جي بجاءِ لڳايل سان ڳاڻايل ضمير خالص کي ضمير منفصل چئجي ٿو.

نوٽ

عام ترڪيب ۾ مٿيان ٻه قسم ضمير جا ڪم ڪين آڻيا آهن، مگر انهن جي ڄاڻ ٻارن لاءِ ضروري سمجهي انهن جي حقيقت هتي بيان ڪيل آهي.

سبق ٻارهون

ضمير جي ترڪيب

جڏهن صورت ۾ ضمير هميشه اسم جي بدران ڪم ايندو آهي، تنهن صورت ۾ ترڪيب ۾ اسم وانگر ڪبي اٿس يعني (١) ضمير جو قسم (٢) جنس (٣) عدد (٤) حالت وغيره اسم وانگر چئجي.

مثلاً:- مون پڇيو مان ته اوهان جي گهر ۾ ڪو آهي.

جو هن ڀاڙن جي حفاظت ڪري.

هن جملي ۾ جيڪي ليڪ ڏنل لفظ آهن سي ضمير آهن جي پورب تي لکي هن ريت ترڪيب ڪرايو.

مون:- ضمير متڪلم، جنس مذڪر (يا مؤنث)، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل آهي پڇيو فعل جو.

اوهان:- ضمير حاضر، جنس مذڪر (يا مؤنث جڏهن هجي)، عدد جمع، حالت اضافت سبب جي حرف اضافت جي.

ڪو:- ضمير استفهام، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل آهي ڪري فعل جو.

هن:- ضمير اشارو ويجهو لڳي ٿو ڇوڪر سان.

سبق ٽيرهون

صفت بابت وڌيڪ احوال

استادن لاءِ نوٽ:- ڪن گرامرن ۾ صفت جا ٽي درجا ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ صفت خالص، صفت تفضيل ۽ صفت مبالغو. اسان جي سمجهه ۾ ائين ٿو اچي ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا خاص لفظ ڪونه آهن، جنکي اسين صفت مبالغا ۽ صفت تفضيل چئون. جاڪاڻ ته جيڪڏهن اسان کي ڪنهن ۾

اسم جي صفت کي ٻئي ڪنهن يا ان کان جي صفتن سان ڀيٽيو ويندو آهي ته. ڪن حرف جر جي لفظن وچهڙ سان ڀيٽي سگهندا آهيون.

جهڙوڪ:- احمد علي کان وڏو آهي. هتي احمد جي عمر علي جي عمر سان ڀيٽيل آهي، ۽ صفت وڏو جي صورت ۾ ڪوبه ڦيرو نه آيو آهي.

انهيءَ ڪري اسان هتي ڌار ڌار لفظ ترڪيب ڪري سگهون ٿا ۽ نه ايڪا ٻئي لفظ گڏي. پارسي ۾ ڪن ٻين ٻولين ۾ اهڙيون خاص نشانيون آهن جي صفتن سان شامل ٿيڻ ڪري، هڪ اسم جي حالت ٻئي اسم يا ٻين اسمن جي صفتن سان ڀيٽيون ويندڙيون آهن.

جهڙوڪ:- احمد کلانتر است از علي. هن جي معنيٰ آهي ته احمد علي کان وڏو آهي هتي کلانتر صفت تفضيل آهي.

يا احمد کلان ترين از همه مرد مان است، يعني احمد سڀني مردن کان وڏو آهي. هتي کلان ترين صفت مبالغو آهي.

هن مان ڏسجي ٿو ته ائين سنڌيءَ ۾ اهڙيون نشانيون ڪين آهن، جي ڪن اسمن جي صفتن جي ڀيٽ ڪن. جي ٿورا لفظ آهن جي حقيقتا پارسي آهن مگر رواج ۾ سنڌيءَ سان استعمال ڪيا وڃن ٿا.

جهڙوڪ:- "بهتر" ۽ اهي لفظ اهڙا ٿورا ليندا

آهن جهڙوڪ اُتي ۾ لوڪ. تنهڪري ڪن ٿورن ڏارين ٻولين جي لفظن جي تقليد ڪري هر ڪنهن صفتن جا درجا مقرر ڪري شاگردن جي سمجهاڻيءَ لاءِ ٻيو وجهڻ مناسب نه آهي تنهڪري صفت جا درجا گرامر مان ڪڍيا ويا آهن، شاگردن کي پڙهڻ سنڌي ۾ ضميري بنياد وارين، صفتون لڳنديون آهن، جن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا پڙهي ٿي لکو :-

سبق چوڏهون

ضميري بنياد وارين صفتن

هن لاءِ هي جملا پڙهي ٿي لکي انهن مان صفتون چونڊائي پوءِ اُن ٻه لکو :-

(١) مونکي ايترو ڪسو ڪولو آهي.
(٢) تو جهڙو ماڻهو نه اهڙا ڪم نه ڪري!
(٣) ڇرو ڪهڙو نه قهر ڪري ويا!

چونڊيل صفتون

(١) ايترو صفت ڪسي جي. (اندازو ڏيکاري)
(٢) اهڙا صفت ڪم جي (ڪم جو قسم ڏيکاري)

(٣) ڪيڏو صفت قدر جي. (قدر ٿو ڏيکاري).

وڏاڪ شاگردن کي ٻڌايو ته سنڌيءَ ۾ ڪي لفظ صفت آهن، مگر سندن بنياد ڪنهن ضمير مان آهي. انهيڪري اهڙن صفتن کي ضمير بنياد وارا صفت چئبو آهي. ان کان پوءِ اهڙن لفظن جو پورو پٽ لکي ڏيکاريو ۽ شاگردن کان به لکايو هن ريت:-

صفتون جي ضميرن مان ٺهن ٿيون

صفت

ضمير	انداز	صفت	قسم
اِي	ايترو	ايڏو	اهڙو
هِي	هيترو	هيڏو	ههڙو
او	اوترو	اوڏو	اهڙو
هو	هوترو	هوڏو	ههڙو
جو	جيترو	جيڏو	جهڙو
ڪو	ڪيترو	ڪيڏو	ڪهڙو

استعمالي سوال

١- ضمير منفصل ڇا آهي؟ ٢- ضمير متصل ڇا آهي؟
٣- منفصل ۽ متصل ۾ تفاوت ٻڌايو؟
٤- ضمير جي بدلاد واريون صفتون ڪهڙيون آهن؟
٥- هيٺين صفاتي لفظن جو بدلاد ڪهڙو آهي؟
ايڏو، اهڙو، ههڙو، اوڏو.

سبق پندرهون

"اسم مصدر"

شاگردن جو ڌيان اڳ سکيل ڪم (اسم جي چالُ حقيقتن) ڏانهن ڇڪائي کين ياد ڪرايو ته "اسم نالو آهي ڪنهن ماڻهوءَ، ساهواري، جاءِ، شي، ڪم، حالت ۽ خاصيت جو".

اسم جا ٻه قسم آهن:- ١- اسم ذاتي ٢- اسم صفاتي.

اسم صفاتي جا ٻه قسم آهن:- اسم خاص ۽ اسم عام.

اسان اڳتي سکي آيا آهيون. (پهرين درجي ۾) پر هيءَ اسم باب ان کان وڌيڪ سکڻو پوندو.

هن سبق سمڪارڻ لاءِ پورو ٿي هن ريت اسم لکي انهن مان اسم صفاتي ڌار ۽ ڪم جا نالا ڌار لکايو.

اَب، ويهڻ، ڪرم علي، کائڻ، ماڻهو، مارڻ، صاحب، محبوب، کڻڻ، سمهڻ، ڏهڻ، چڙهڻ، وڃڻ دولت، ابراهيم، عيسيٰ، وهڻ، ڦرڻ، ڦرڻ

هيٺيان اسم صفاتي آهن	هيٺيان اسم ڪم جا نالا آهن
اَب، ڪرم علي، ماڻهو صاحب، محبوب، دولت ابراهيم ۽ عيسيٰ.	ويهڻ، کائڻ، مارڻ، کڻڻ، سمهڻ، ڏهڻ، چڙهڻ، وڃڻ، وهڻ، ڦرڻ ۽ ڦرڻ.

ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ۽ نوٽ ڪرايو ته "اهڙا اسم جي ڪمن جا ٻهادي نالا هجن ۽ سندن پويان اکر "اڻ" هجي ان کي اسم مصدر چوندا آهن جهڙوڪ:- کائڻ، چڙهڻ، چاڙهڻ، اڏامڻ ...... وغيره.

(ب) اسم مصدر ۽ اسم عام

هيءَ سمجهائڻ لاءِ هي جملا بورڊ تي لکو:-

۱- ڪاڏر وقت تي کائڻ چڱو آهي.

۲- مون لاءِ کائڻ ڪٿي آهي.

۳- ڊيوٽي ٽائم کان اڳ وڃڻ بهتر آهي.

۴- زالون ٻالهن ۾ ڪمڪڻ ٻائيندڙون آهن.

۵- وقت کان وڌيڪ هلڻ نقصان ڪار آهي.

۶- چانول ٻار کي ٻڌڻ ۾ ٻڌو آهي.

۷- هن اجايو لکهڻ ڪيو.

مٿين جملن مان اهي اسم چونڊي ٻاهر ڪڍي لکو. جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ "ڻ" آهي.

ڪاتڻ، وڃڻ، ڪنگڻ، ھاڻ، پڙڻ، لکڻ.

وڌيڪ ٻارن کي سمجهايو ته اهي جملي وارن ۾ ڪاتڻ جي معني آهي ڪاتر. ڪنگڻ معني آهي هڪ زيور (شي). پڙڻ جي معني آهي چانور ٻار جي پڙڻ لاءِ ڪپڙو ۽ لکڻ جي معني لکڻ. لکڻ ڪري لکت ڏنل اسم ڪم جا نالا آهن. ان ڪاڻ ٻاهر ڪڍي اسم جي ڪم جا نالا آهن سي ڌار ۽ ٻيا اسم عام ڌار ڪري هن ريت لکو.

اسم جي ڪم جا نالا آهن	ٻيا اسم عام
ڪاتڻ، وڃڻ، ۽ هاڻ	ڪاتڻ، ڪنگڻ، پڙڻ ۽ لکڻ.

اُهي ڪاپيءَ شاگردن کي ڏيکاريو ۽ نوٽ ڪرايو ته

(١) اهي "ڻ" پڇاڙي وارا اسم، جي نالا آهن ڪمن جا، انهي اسم مصدر چئبو آهي.

(٢) اهي اسم جي نالا آهن ڪن شين وغيره جا سي اسم سڌا جنهن جي پڇاڙي "ڻ" هجي مثال لاءِ ڏسو مٿيان اسم عام.

☆

سبق سورهون

اسم ٺاهڻ

(الف) اسم عام مان اسم ذات ٺاهڻ

هن سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(۱) هن ماڻهوءَ ۾ ڪا ماڻهپو (ماڻهپائي) ڪونه آهي.

(۲) هر ڪو انسان خدا جو ٻانهو آهي، ٻانهپ جي ڀلائي آهي ان ايمان اوڙت ڪرڻ، تنهنڪري سڀني ماڻهن کي خدا جي دربار ۾ ڪنڌ امانڻ گهرجي.

انهن جملن مان اسم عام ۽ اسم ذات جو ٻڌائي ڌار ڪري لکو هن ريت:-

اسم عام	اسم ذات:-
ماڻهو	ماڻهپو يا ماڻهپ
ٻانهو	ٻانهپ

ڪي اسم عام اهڙا آهن جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ "پ" يا "پو" ڪڏڻ سان اسم ذات ٺهي ٿو، ان ڪاڻ هيءَ اسم عام منجهان ٺهيل اسم ذات بورڊ تي لکو:-

ماڻهو	ماڻهپو
ٻانهو	ٻانهپ
[illegible]	واهپ يا واهپو

کو	راڪائپ
ناگرد	شاگردائپ
سعاد	استادائپ

(ٿ) مصدر مان اسم ذات ٺاهڻ

هن کي سمجهائڻ واسطي هيٺيان جملا ٻورڊ تي لکو:-

(١) لهڻجي سمهڻي خراب آهي.

(٢) انسان جي هلڻي چلڻي (هلت چلت) سندس افعالن جي ڪسوٽي آهي.

مٿين جملن مان اسم ذات چونڊائي هن ريت ٻورڊ تي لکو:-

: اسم مصدر مان ٺهيل اسم ذات

سمهڻي - هلڻي چلڻي (هلت چلت)

اهڙيءَ ڪان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته لوت ڪرائو ته "گهڻو ڪري اسم مصدر جي پڇاڙيءَ (ي) گڏڻ سان اسم ذات ٺهيو (بعضي کي ٻيون قسم ٻوليون گهڻيون ته ڪمدا آهن) جهڙوڪ هاڻ مان هلڻي، ڏهڻ مان ڏهڻي —— وغيره". ان کانپوءِ اسم مصدر مان ٺهيل اسم ذات ٻورڊ تي هن ريت لکو:-

اسم مصدر	اسم ذات
ڪرڻ.	ڪرڻي (ڪرت)
چوڻ.	چوڻي

سبق۔ سبڻي (سبڻو
اٽڪ. اٽڪي (اوٽب
وهڻ. وهڻي (واهڻ

سبق سترهون

اسم مصدر جي ترڪيب

هن ٻاري شاگردن کي ٻڌايو ته اسم مصدر اُ-
جو هڪ قسم آهي. تنهن ڪري سندس ترڪيب
سرو الڳ ڪبي آهي. هر اسم مصدر هميشه
عدد واحد ۽ جنس مذڪر ۾ ٿيندو آهي، ا-
ڪان پوءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکي انهن ۾ آيل اسم
مصدر ترڪيب ڪري ڏيکاريو.

(۱) عيسيٰ احمد کي مارڻ لاءِ آيو هو.

(۲) ڪاسائي ٻڪري ڪهڻ لاءِ ويو.

هن مان اسم مصدر چونڊائي بورڊ تي لک-
جي آهن (۱) مارڻ (۲) ڪهڻ.

تنهن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته مارڻ جو ڪ-
احمد تي ٿئي ٿو ۽ ڪهڻ جو ڪم ٻڪري تي. تنهن
ڪري "احمد" مارڻ جو ۽ "ٻڪري" ڪهڻ جو مفعول
آهي انهن کي حالت مفعولي لڳندي. ان کانپوءِ ڪي-
مارڻ ۽ ڪهڻ جي ترڪيب ڪري ڏيکاريو.

مارڻ:- اسم مصدر، حالت جري. چوته لاءِ حرف

۽ ٻڌايان اٿس، سندس مفعول آهي ٻڪري.
کهڻ:- اسم مصدر، حالت جري ڇو ته لاءِ صرف
۽ ٻڌايان اٿس مفعول آهي ٻڪري.

استعمالي سوال.

(١) اسم مصدر ڇا کي چئجي؟
(٢) اهي اسم نام ٻڌايو جن جو پويون اکر "ڻ" آهي؟
(٣) هيٺين مصدرن مان اسم ذات ٺاهيو:- سڙڻ، ڇرڻ، چڙهڻ، ٻڌڻ.
(٤) هيٺين جملن ۾ جيڪي اسم مصدر آهن لکي ترڪيب ڪريو.

١- وقت سڃاڻڻ سياڻي جو ڪم آهي.
٢- قناعت ڪرڻ سڀ کان چڱي آهي.

سبق ارڙهون

(٢) فعل

فعل بابت وڌيڪ احوال

شاگردن جو فعل جي مڪمل حقيقتن ڏانهن ڌيان ڇڪائي ڪين ٻڌايو ته هتي فعل بابت اڃا ڪي وڌيڪ سکنداسون. شاگردن جو ڌيان ڇڪايو ته اسم مصدر اهو اسم آهي جو ڪم جو نالو هجي ۽ سندس پڇاڙي وارو اکر "ڻ" هجي ۽ ٻڌايو ته مصدر معنيٰ آهي

صادر ٿيڻ (لکڻ) جي جاءِ (هي عربي لفظ آهي. سڀئي فعل اسم مصدر مان نڪرندا آهن.

سبق اوڻٽيهون

"امر"

(١) هيٺ جي سمجهاڻي ٻابت هيٺيان فعل ٻورڊ تي لکو ۽ سمجهائين فعل چوائبو:-

(الف) فتح علي! لوٽ ٻوڪ لک؟

سردار علي! وڇون مار؟

ڇونڊيل فعل

(١) لک (٢) مار

شاگردن کي ٻڌايو ته جملن مان هي ٻه فعل ٿا ڏيکارين ته فاعل کي لکڻ ۽ مارڻ جي ڪم لاءِ ڪم ڏنل آهي ته (هيئن يا هائي ڪر).

(ب) ١- لورو! مهرباني ڪري اڄ ۾ منهنجو خط لک. ٢- ادا! ڀلائي ڪري هي ڪانگ نه مار.

ساڳئي ريت فعل چوائي ٻورڊ تي لکي ٻڌايو ته هي فعل ٿا ڏيکارين ٿا ته فاعل کي منت ڪيل آهي ته ڪم هيئن ڪر.

ٻوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته فعل جي اهڙي صورت ڏيکاري ٿي ته فاعل کي فعل واري ڪم لاءِ حڪم ڏنل يا منت ڪيل آهي (ته هيئن ڪري) تنهن کي

"امر" چوندا آهن. امر معني آهي حڪم. صرف ۾ بعضي مدت هي معني نه نڪرندي آهي".

ڏيکاريو:- هيڪي امر حال ۾ چوندا آهن، ڇا ڪاڻ ته ڪم هميشه (...) شرط لاءِ حڪم طلب آهي.

وري ڏنهن فعل هن ريت لکو:-

[الف وارا فعل] [ب وارا فعل]

(١) الف لک ۽ مار لکو ۽ ماريو

(الف وارن جملن ۾ فاعل جو عدد واحد آهي انهي ڪري فعل جو به عدد واحد آهي.

(ب) وارن جملن ۾ فاعل جو عدد جمع آهي انهي ڪري فعل جو به عدد جمع آهي.

لڳيندڪي ڇيڙون فعلن کي امر واحد ۽ ٻين کي امر جمع چوندا آهن. ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته:-

(١) امر واحد:- "فعل جي اها صورت آهي جا ڳالهائيندڙ ؛ فاعل کي فعل واري ڪم ڪرڻ يا هڪدم شرط لاءِ حڪم طلب يا منع ڪيل آهي".

هن ڪري امر واحد هميشه ڪرڻ چوڻ لاءِ مدد عدد واحد آهي.

(٢) امر جمع:- "فعل جي اها صورت آهي جنهن جو عدد جمع هجي ۽ ڳالهائيندڙ فعل واري

ڪم ڪرڻ لاءِ فاعل کي حڪم مليل يا مسند مڪمل آهي.

سبق ويهون
”امر ۽ مصدر سڃاڻڻ“

هيٺيان اسم مصدر بورڊ تي لکي شاگردن کان انهن جي سڃاڻپ ڪرائجي. آخر ”ڻ“ ڪڍائي باقي بچيل لفظ بورڊ تي لکندا رهجن.

اسم مصدر

لکڻ، مارڻ، کڻڻ، ڏهڻ، ناچڻ، وڃڻ، ...... وغيره.

”ڻ“ ڪڍي باقي بچيل لفظن جون صورتون
لک، مار، کڻ، ڏهه، ناچ، وڃ وغيره.

شاگردن کي ٻڌايو ته هي سڀئي صورتون امر واحد (حال) جون آهن.

(٢) امر جون سڃاڻپون ۽ امر ٺاهڻ جون وٿون

هيٺين سمجهاڻيءَ واسطي هيٺين رٿ بورڊ تي لکو.

اسم مصدر	امر واحد	اسم مصدر	امر واحد
ڏهڻ	ڏهه	ڊاهڻ	ڊاهه
کهڻ	کهه	مارڻ	مار

اچڻ	اچ	لڏڻ	لڏ
وڃڻ	وڃ	چارڻ	چار
سمهڻ	سمهه	ڦاسائڻ	ڦاساءِ
ڪڍڻ	ڪڍ	چاڙهڻ	چاڙهه
ڦاسڻ	ڦاس	ڏاڙهڻ	ڏاڙهه

شاگردن کان پڇائي هيءُ قاعدو پورو ڪري لکو ۽ انهن کان لوڻ ڪرايو ته ”اسم مصدر جي ٻولين اکر “ڻ” ڪڍڻ کان پوءِ لفظ جي پڇاڙين اچار جي پڇاڙي ۾ ـ واري هجي ته ان کي ـ [illegible] سان ۽ جي ـ واري هجي ته قائم رکڻ سان امر حال (جمع) ٺهندو آهي.

وڌيڪ شاگردن کي هي ٻڌايو ته هنن امرن جي پڇاڙين يا باقاعدي ڦيرقار ڪرڻ سان امر واحد (حال) جون ٻه پڇاڙيون آهن. (۱) پڇاڙي الف ۽ ۽ ٻي پڇاڙي اُس ـ.

(۳) امر جو ٺهڻ

هن جي سمجهاڻي لاءِ پورو ڪي هيٺيون [illegible] لکو.

امر واحد	امر جمع	امر واحد	امر جمع
ڏهه	ڏهو	ڏاهه	ڏاهو

ڌوءِ	ڌوتو	مار	ماريو
لڏ	لڏيو	اچ	آيو
وڄ	وڳو	چاڙ	چاڙيو
گڏ	گڏيو	چاڙهه	چاڙهيو

شاگردن کان پهرين قاعدو زباني ياد ڪرايو ته امر واحد جي پڇاڙيءَ جو ـ واري هجي ته ان جو ماضي اُن ڳالهه سان ۾ ـ واري هجي ته ان سان "يو" وڌائڻ سان امر جمع ٺهي ٿو".

سبق ايڪيهون

"امر جا قسم"

شاگردن جو ڌيان ڇڪائي ڪري ٻڌايو ته امر حال بابت اسان سکي آيا آهيون. هاڻي امر جو اڃا هڪ ٻيو قسم به سکڻو آهي. ان جي سمجهاڻي لاءِ هيٺين ريت بورڊ تي لکو:-

"امر"

[illegible]		[illegible]	
فاعل	فعل	فاعل	فعل
"تون"	ڏه	"اوهين"	ڏهج
"تون"	ڪڍ	"اوهين"	ڪڍج
"تون"	اچ	"اوهين"	اچج

"امر"

[illegible]		[illegible]	
فاعل	فعل	فاعل	فعل
"تون"	ڏاڙ	"اوهين"	ڏاڙج
"تون"	مار	"اوهين"	مارج
"تون"	لڏ	"اوهين"	لڏج

شاگردن کي ٻڌايو، اوڀر ڏي جهڙي جملا آهن تن سڀني ۾ جهڙي فعل آهن سي سڀئي "امر" آهن، ٻيو هيءُ ته امر حال آهن ڇاڪاڻ ته اهي فاعل "تون" کي فعل واري ڪم هينئر ئي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏين ٿا. ٻيا فعل (پٺين ڀاڱي وارا) "امر" آهن جي ڏيکارين ٿا ته فاعل "تون" کي فعل واري ڪم پوءِ ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنل آهي. اهڙن امرن کي "امر استقبال" (دير سان امر) چوندا آهن. استقبال جي معنيٰ آهي ته پوءِ (ايندڙ وقت ۾) ڪم ڪرڻ لاءِ حڪم مليل آهي.

(٢) امر اِستقبال جو ٺهڻ

مٿيان امر شاگردن کان پڇائي قاعدو ٺهرايو ته "جي امر واحد [حال] جي پڇاڙي ۾ ـُ واري هجي ته اها ـُ سان مٽي ساڻس "ج" وڌڪ ڏيڻ سان امر استقبال واحد ٺهندو".

"امر استقبال جي"

هن جي سمجهاڻي لاءِ اوڀر ڏي هيٺين ريت لکو

١- تون ڏيج	١- توهان ڏيجو
٢- تون کڻج	٢- توهان کڻجو
٣- تون مارج	٣- توهان مارجو
٤- تون ڊاهج	٤- توهان ڊاهجو

"امر استقبال جمع ٺاهڻ"

مٿين مثالن جي پڙهڻ سان شاگردن کي قاعدو ٺهرايو ته امر استقبال واحد جي پڇاڙي "ج" مٿي "جو" ڪرڻ سان امر استقبال جمع ٿئي ٿو. ڇو ته چئجي ته استقبال واحد کي "و" ڏيڻ سان جمع ٿئي ٿو.

امتحاني سوال

(١) بنيادي فعل ڇا آهي؟
(٢) بنيادي فعل ڇو چوندا اٿس؟
(٣) امر جو قسم ڇا آهي؟
(٤) امر ۽ امر استقبال ۾ فرق لکو؟
(٥) امر جمع ڇا آهي؟
(٦) امر واحد ڇا آهي؟
(٧) امر واحد ڪيئن ٺهندا آهن؟
(٨) امر جمع ڪيئن ٺهندا؟
(٩) امر استقبال واحد ڪيئن ٺهندا آهن؟
(١٠) امر استقبال جمع ڪيئن ٺهندا آهن؟

سبق ٻاويهون

اسم مشتق "ڪردنت"

اسم فعل

هن جي سمجهاڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) واٽ ويندڙن جي سک لاءِ رستن تي وڻ پوکيل آهن.

(٢) وهندڙ کي اڪثر هيٺ نه جهڪائي.

(٣) راند کٽندڙ کي هي انعام ڏيو.

هيٺيان ٽي لفظ چونڊائي ٻورڊ تي لکو:-

ويندڙ   وهندڙ   کٽندڙ

ويندڙ هن ريت سمجهايو:-

(١) ويندڙ لفظ وڃڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ هتي ڪنهن ماڻهو يا ڇوڪر جي بجاءِ ڪم آيل آهي.

(٢) وهندڙ لفظ وهڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ هتي ڪنهن ماڻهو يا ڇوڪري جي بجاءِ ڪم آيل آهي.

هن مان ڏسڻ آهي ته ڪي اهڙا لفظ آهن جي ڪن مصدرن مان نڪتل آهن ۽ ڪي اسمن جي بجاءِ ڪم اچن ٿا.

هيٺيان جملا ٻورڊ تي لکو:-

(١) واٽ ويندڙ ماڻهوءَ سان نه وڙهه.

(٢) وهندڙ [illegible] کي اکيون هيٺ نه جهڪائي.

(٣) مئچ کٽندڙ [illegible] کي ڪپ (پيالو) انعام مليو.

مٿين واڪن ليڪ ڏنل لفظ ٻورڊ تي لکي انهن بابت هن ريت پڇايو:-

(١) ويندڙ (لفظ) ماڻھن سان لڳل آھي انھڪري صفت آھي.

(٢) وھندڙ (لفظ) پور سان لڳل آھي انھڪري صفت آھي.

(٣) کنندڙ (لفظ) ڏاڍيءَ سان لڳل آھي انھڪري ھن مان ثابت آھي ته مٿيان ساڳيا لفظ اسم سان لڳي صفت جو ڪم به ڪن ٿا.

ننڍڪ شاگردن کي ٻڌايو ته:- ويندڙ، کنندڙ ۽ وھندڙ، لفظ ڪنھن ڪم جا ڪندڙ آھن ۽ سندن بنياد مصدر آھي.

ان ڪري پوءِ شاگردن کي لوحت ڪرايو ته اھڙا لفظ جيڪي ڪم جا ڪندڙ ھجن، ۽ سندن بنياد مصدر ھجي ۽ اھي صفت جو ڪم ڪن ته انھن کي اسم فاعل چئجي.

اسم فاعل ٺاھڻ

ھيٺيان امر واحد بورڊ تي لکي سمجھائن ٺھيل اسم فاعل سندن پر ۾ لکايو ھن ريت:-

امر واحد	اسم فاعل	امر واحد	اسم فاعل
ڏھ	ڏھندڙ	مار	ماريندڙ
ڪڇ	ڪڇندڙ	ور	وريندڙ
اُٿ	اُٿندڙ	ھار	ھاريندڙ

مٿين سان شاگردن کان قاعدو ٺهرائبو ته جڏهن امر جي پڇاڙيءَ ۾ واري هجي يا آئي لڳائبو ته مٿي ”ندڙ“ ڪڍڻ سان ۽ جڏهن امر جي پڇاڙيءَ ۾ آئي ته ان سان فقط ”ٻڌڙ“ ڪڍڻ سان اسم فاعل ٺهي ٿو.

(٣) هيٺيان جملا پڙهي ٻڌو ٿي لکو:-

(١) انسان کي ٻئي جي مال جو لاڪو ٿيڻ نه گهرجي.

(٢) هرچائو ماڻهوءَ کي ڀوءِ ڀڄائڻو پوندو آهي.

(٣) وڻجارو ڪرڙ وٺڻ لاءِ اڄ آيو آهي.

(٤) ڏوهاري کي ڪنهن ڏوهه جي سزا ملڻ گهرجي.

ليڪ ڏنل لفظ بورڊ تي لکو هن ريت:-
لاڪئو، هرچائو، وڻجارو ۽ ڏوهاري هن ريت ٻڌايو ته.

(١) لاڪائو معنيٰ لڪيندڙ جو لڪڻ مصدر مان نڪتو آهي.

(٢) هرچائو معنيٰ آهي هرچيندڙ جو هرچڻ مصدر مان نڪتو آهي.

(٣) وڻجارو معنيٰ آهي واپار ڪندڙ جو وڻجڻ مصدر مان نڪتو آهي.

(٤) ڏوهاري معنيٰ آهي ڏوهه ڪندڙ جو ڏوهه اسم مان نڪتو آهي.

شاگردن کي ٻڌايو ته مٿيان لفظ ٻه، اسم فاعل آهن، ڇاڪاڻ جو اهي ڪنهن ڪم جا ڪندڙ آهن. پر ٿاٿو ٻان ٿي اگرچ مصدر مان نڪتل آهن ته به معني جاطابل قاعدي پٽاندر ئي آهن. انهن مان هڪ ته اٽو اڳي سمورو ٿي برخلاف اسم مان ٺهيل آهي، انهيءَ ڪري **ٻي قاعدي اسم فاعل چوڻ ڪجي.**

ان کان پوءِ شاگردن کان نوٽ ڪرايو ته ٻي قاعدي اسم فاعل اهي آهن، جي مصدر مان يا اسم مان نڪتل آهن پر قاعدي موجب نه ٺهيل آهن.

فعل جي بنياد وارا ٻي قاعدي اسم فاعل
اسم جي بنياد وارا ٻي قاعدي اسم فاعل

لڪائو، هر چالڙ، وڻجارو ڏوهه، (منهن ڏهڻ وارو) نوڙو (نبيءَ هڻڻ وارو) جاڳو (جاڳڻ وارو) گهومرن (گهمڻ وارو يا گهمندڙ) رولو (رولاڪ) ...... وغيره
گهرجائو، ڏوهاري، گنهگار، عهديدار، اٽصالڪار، خوفائتو، شرمسار يا شرمناڪ ...... وغيره.

سبق يارهون

" اسم مفعول "

هيٺين سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-
(١) منهنجا وڪيل ٻڌا موٽائي ڏنو. (٢) والوڪو

ڀڳل اَب خراب ٿي ويو. (٣) لکيل خط اڄ
پهتو. (٤) اڳي جو ماريل ڌاڙيل شرط ۾ ٿي آيو.

ليڪ ڏنل لفظ ڇو ڪي ٻورڻ ٿي هڻن؟ ڀيت لکو

(١) ڀڳل (لفظ) ڀڄڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ اَب اسم سان لڳل آهي تنهنڪري صفت ٿيو.

(٣) لکيل (لفظ) لکڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ خط اسم سان لڳل آهي تنهنڪري صفت ٿيو.

(٥) ماريل (لفظ) مارڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ ڌاڙيل اسم سان لڳل آهي تنهنڪري صفت ٿيو.

هيٺيان جملا پڙهي پورا ٿي لکو:-

(١) هڪ ڌڻيءَ جو "ماريو" ورڻ ڪو ڪٿي.

(٢) ٻيءَ ماءُ جو "پڙهيو" ڪٿي ٿو چڙهي.

ليڪ ڏنل لفظ هيٺين ۾ ڀيت لکو:-

(١) "ماريو" معنيٰ آهي ماريل. مارڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ اسم بجاءِ ڪم آيل آهي.

(٢) "پڙهيو" معنيٰ آهي پڙهيل. پڙهڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ اسم بجاءِ ڪم آيل آهي.

وڌيڪ هن ريت سمجهايو ته ٻنهي لفظن (ڀڳل، پڙهيل، لکيل، ماريل) جو بنياد فعل آهي. معلوم ٿو ٿئي ته جن اسمن سان هو لڳل آهي انهن لاءِ ڪو ڪم آيل آهي. اهڙن لفظن جو بنياد پڻ فعل ئي آهن.

اهي ڏيکارين ٿا ته اهي لفظ ڪن اسمن جي بجاءِ آيل آهن ۽ جن اسمن بدران آيل آهن تن تي ڪو ڪم ٿيل آهي. اهڙن لفظن کي اسم مفعول چوندا آهن. ان کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته:- ”اهڙا لفظ جن جو بنياد اسم مصدر (بنيادي) فعل هجي ۽ اهي ڏيکارين ته ساڳين لاڳو اسمن تي يا جن اسمن بجاءِ جو ڪم آيل آهن تن تي اڳ ۾ ڪم ٿيل آهي تن کي اسم مفعول چوندا آهن.

مفعول جو پنهنجي موصوف (لاڳو اسم) سان مطابق

هيٺ سمجهائڻ واسطي بورڊ تي هيٺيون چارٽ ڪڍو

عدد واحد

جنس مذڪر	جنس مونث
١- کٽيل ميدان	کٽيل بازي
٢- ماريل ڪڪڙ	ماريل دوا
٣- پڙهيل ڪتاب	پڙهيل ڪتابڙي
۴- گڏيل ڏاند	گڏيل ڳئون

چارٽ جي مدد مان هيٺيون ڳالهيون نوٽ ڪرايو:-

(١) اسم مفعول مذڪر ۾ ـُ پڇاڙيءَ سان ايندو آهي

(٢) اسم مفعول مونث ۾ ـِ پڇاڙيءَ سان ايندو آهي

(٢) اسم مفعول ھيٺئين موصوف (واسطيدار اسم) سان ھيٺين قاعدن موجب ڦري ٿو.

(الف) اسم مفعول جو موصوف واحد مذڪر مان ڦري جمع مذڪر ٿيندو آھي ته اسم مفعول جي پڇاڙي زبر سان ٿيندي.

(ب) اسم مفعول جو موصوف واحد مذڪر مان ڦري واحد مؤنث ٿيندو آھي ته اسم مفعول جي پڇاڙي زير سان ٿيندي.

(ت) اسم مفعول جو موصوف واحد مؤنث مان ڦري جمع مؤنث ٿيندو آھي ته اسم مفعول جي پڇاڙي زير سان ٿيندي، ۽ پڇاڙيءَ "يون" وڌيڪ ڪئي ويندو. اڳتي سيکارڻ کان پوءِ اسم مفعول ٺاھڻ سيکاريو.

اسم مفعول ٺاھڻ

ھيٺين رستي امر واحد ۾ پڇاڙي ڏيڻ سان اسم مفعول ٺھي ٿو ائين :-

امر	اسم مفعول	امر	اسم مفعول
لِکُ	لکيو يا لکيل	ڏس	ڏٺو يا ڏٺل
رکُ	رکيو يا رکيل	ٻار	ٻاريو يا ٻاريل
ڦاڙ	ڦاڙيو يا ڦاڙيل	ٺاھ	ٺاھيو يا ٺاھيل

جدا پڇاڙيون ٿي اچن جن سان مٿيان اسم مفعول ڪم اچن، تن ڏسو :-

(١) منهنجو ليکڪ (اسڪول) کو ڪرڙو ٿئي ؟
(٢) منهنجو ڏٺو (وڪيل) کو ڇا ٿئي ؟
(٣) منهنجو ٽڙيو (تڙهيل ورو لڏو) ٿي ڪيو ،
(٤) منهنجو ٺهيو (ٺهيل) کو خراب ڪري ؟
(٥) منهنجو لاهيو (لاهيل) کو ڪير ڏاهو ؟

شاگردن کي ڏيکارڻ کپي ته آکر ۽ مثالن ۾ امر جي پڇاڙيءَ وارا آهن جن جي ڪي نه ڪي سان مٿي مثالن "يو" يا "يل" گڏڻ سان اسم مفعول ٺهيو آهي؛ مثالن ۾ امر جي پڇاڙيءَ وارا آهن ، ان سان فقط "يو" يا "يل" گڏيو ويو آهي ۽ اسم مفعول ٺهيو آهي . ان کان پوءِ شاگردن کي لوڪ ڪرايو ته امر واحد جي پڇاڙيءَ وارو هجي ته سندس پڇاڙيءَ ۾ ڪو سان مٿائي مثالن "يو" يا "يل" گڏڻ سان ؟ جي پڇاڙي وارو هجي ته فقط "يو" يا "يل" گڏڻ سان اسم مفعول ٺهي ٿو .

سبق چوويهون

اسم حاليه

هن جي سمجهاڻيءَ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-
(١) مرس واٽ ويندي ڪتي کي اوڙهه هڻندو
———

اسڪول ويو .

(٢) امدار واه جي ڪپ تي ٻانگهو رکندو هيٺانهن آيو هئي

(٣) ونجارو نورو ڏک سهندو صبر سان ٿڪي هليو.

(٤) عثمان بازار مان ليندو گهر ويندو.

(٥) ڀيل، ٻهر، ڪي ماريندو اسڪول ويندو.

(٦) ڌوٻي لٽا ڌوئيندو اڇلندو ٿو وڃي.

مٿين ڏنل لفظن بابت هن ريت ٻڌايو؟ ضرور تي لکو.

(١) هڻندو (لفظ) هڻڻ مصدر مان نڪتل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي عرس.

(٢) رکندو (لفظ) رکڻ مصدر مان نڪتل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل امدار آهي.

(٣) سهندو (لفظ) سهڻ مصدر مان نڪتل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي نورو.

(٤) ليندو (لفظ) ليڻ مصدر مان نڪتل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي عثمان.

(٥) مارينڌو (لفظ) مارڻ مصدر مان ٺهيل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي ڪمال.

(٦) سڏيندو (لفظ) سڏڻ مصدر مان ٺهيل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل آهي ڏوڙي.

وڌيڪ پڌرو ٿو ته اهي فعل جون صورتون جي ڏيکارين ٿيون ته فعل هڪ ڪم ڪي ڪندو (ملائيندو) پئي ڪي لکندو، (لکي لو يا لکو آهي) اهڙيون فعل جون صورتون کي اسم حاليه چوندا آهن. حاليه معمولي جاري رکندڙ.

ان کان پوءِ شاگردن کي اوت ڪرايو ته "فعل جون اهڙيون صورتون جي ڏيکارين ته فاعل هڪ ڪم ڪي جاري رکندو (ملائيندو) پئي ڪي لکندو (لکي يا لکي لو) ان کي اسم حاليه چوندا آهن."

اسم حاليه ٺاهڻ

(١) واحد [illegible] پڇاڙي [illegible] ڻ واري هجي ته ان [illegible] "اندو" ڪڍڻ سان ، جي اوڻي پڇاڙي ۽ واري هجي ته "يندو" ڪڍڻ سان اسم حاليه ٺهي ٿو.

سبق پندرهون

”اسم استقبال“

اسم واحد جي پڇاڙيءَ ”ڙو“ ڪڍڻ سان اسم استقبال ٺهي ٿو جنهن ۾ ڪم ڪرڻ جو وچار آهي. هن اسم مان خبر پوي ٿي ته ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي.

سبق ڇهرهون

”ڪاف معطوفي“

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا نوٽ ڪري لکو:-

(١) مون خط لکي ٽپال ۾ وڌو.

(٢) آءٌ ڪم ڪٽي اچي ويندس.

(٣) هو پيسا رکي بازار هليو ويو.

(٤) تون قلم آڻي پوءِ گهر وڃج.

(٥) حالو جهنگل مان موٽي گهر ايندو.

هيٺيان لفظ هن نموني ورتي لکو:-

١- لکي	لک
٢- کائي	کا
٣- رکي	رک

۴- اٿي   لاه

۵- ساڙي   ساڙ

ه- لاءِ ورڻ جي سمجهاڻي.

(۱) اُٿي (لفظ) اُٿڻ مان نڪتل فعل جي هڪ صورت آهي جا فاعل "موهن" هن جملي کي ڏيکاري ٿي ته فاعل هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻيو ڪيو. اهڙيءَ ريت هرهڪ لفظ لاءِ ٻڌايو.

شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته "فعل جون اهي صورتون جي ساڳئي فاعل جي ٻن جملن کي ڳنڍين ٿيون ۽ ڏيکارين ٿيون ته فاعل هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻيو ڪم ڪيو آهي (لکندو يا لکي ڪري) انکي ماضي معطوفي چوندا آهن - معطوفي معنى ڳنڍڻ.

"ماضي معطوفي ٺاهڻ"

"۱ واحد جي پڇاڙي ۾ واري آهي ته "اِي" ڳنڍڻ سان ۽ جي ٿي داري آهي ته فقط "اي" ڳنڍڻ سان ماضي معطوفي ٺهي ٿو.

امتحاني سوال

۱- اسم فاعل ڇا کي چئجي؟

۲- اسم مفعول ڇا آهي؟

۳- اسم حاليه ڇا کي چئجي؟

استعمالي سوال

٤- اسم استعمال ڇا آهي ؟
٥- ماضي معطوفي ڇا کي چئبو ؟
٦- ڪردانت ڪهڙا آهن ؟
٧- اسم فاعل ڪيئن ٺهندو آهي ؟
٨- اسم مفعول ڪيئن ٺهندو آهي ؟
٩- اسم حاليه ڪيئن ٺهندو آهي ؟
١٠- استقبال ڪيئن ٺهندو ؟
١١- ماضي معطوفي ڪيئن ٺهندو آهي ؟
١٢- ٻي قاعدي اسم فاعل ٺاهيو ؟
١٣- ڪهڙا اسم فاعل ٺاهيو جي اسم جي ڪم اچن ؟
١٤- ڪهڙا اسم مفعول ٺاهيو جي صفت ٿين ؟
١٥- اسم مفعول ڪڏهن جو ڪوڏو ساڳي عدد ۽ جنس ۾ ڪڏهن ڪين موجب بدلجن ٿا ؟
١٦- ڪهڙا ٻي جملا ٺاهيو جن ۾ ماضي معطوفي ڪم اچي .

سبق ستاويهون

" فعلن جا زمان "

هن جي سمجهاڻيءَ لاءِ ٻورڊ تي هيٺيان جملا لکو :

(١) فضل ويٺو آهي . (٢) اڪبر ويٺو آهي .
(٣) بشير ويٺو هو . (٤) ٻوڙو ويٺو هوندو .

(٥) احمد ٻيو ويندو. (٦) حبيب ويندو هوندو.
(٧) محمود وڃي ها.

مٿين جملن مان فعل جو ٻڌائي هيٺيون پورو ٿي، اکو:-

(١) "ويو ٿي" فعل ٻڌائي ٿو ته فاعل وڃڻ جو ڪم گذريل وقت ۾ اڃا هلندي ڪيو آهي.

(٢) "ويو آهي" فعل ٻڌائي ٿو ته فاعل وڃڻ جو ڪم گذريل ٿورو وقت اڳ پورو ڪيو آهي.

(٣) "ويو هو" فعل ٻڌائي ٿو ته فاعل وڃڻ جو ڪم گهڻو اڳ پورو ڪيو آهي.

(٤) "ويو هوندو" فعل ٻڌائي ٿو ته فاعل جي وڃڻ جو ڪم گذريل وقت ۾ پوري ڪرڻ ۾ شڪ آهي.

(٥) "ويندو ٻيو" فعل ٻڌائي ٿو ته فاعل وڃڻ جو ڪم ايندڙ وقت ۾ جاري ڪندو.

(٦) "ويندو هوندو" فعل ٻڌائي ٿو ته فاعل جي وڃڻ جو ڪم ايندڙ وقت ڪرڻ ۾ شڪ آهي.

فعل معلوم جا زمان (مکيه)

"هئڻ مصدر مان"

(١) زمان حال - آهي. (٢) زمان ماضي - هو.
(٣) زمان مستقبل - هوندو.

نوٽ - لفظ "ها" جو ڪو زمان ناهي ۾ ڪم

اچي ٿو سو "هڻڻ" مصدر مان نڪتل آهي.

مٿين مثالن مان شاگردن کي سمجهايو ته ٿئي، آهي ۽ ٻيو. نمبر وارا آهن. هڻڻ، پوڻ مصدر مان نڪتل آهن. انهن کي اڳين فعل جي مدد ۾ ڪم آڻڻ سان اها خبر پوي ٿي ته فاعل فعل وارو ڪم ڪهڙي وقت ڪيو يا ڪري ٿو يا ڪندو. انهن فعل جي ٻئي فعل واري ڪم جي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا يعني سمجهائين ٿا ته هو ڪم ٿي رهيو آهي، ٿيو يا ٿيندو ان کي فعل معاون چئبو آهي، ڇالاءِ جو معاون جي معنيٰ آهي مدد گار. معاون هميشه ٻئي فعل جي وقت يا "زمان" ڄاڻڻ يا ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

"ٿيڻ" مصدر جا

(١) زمان حال "ٿو" (٢) زمان ماضي "ٿيو"

(٣) زمان مستقبل "ٿيندو" (٤) زمان مضارع "ٿئي"

"پوڻ" مصدر جا

(١) زمان حال - پوي ٿو. (٢) زمان ماضي پيو.

(٣) زمان مستقبل - پوندو. (٤) زمان مضارع - پوي - يا پئي

سبق اٺاويهون

"زمان مضارع"

هن زمان سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو -

١- ايوب ڪراچيءَ وڃي. ٢- موسيٰ راسان وٽ اچي.

٣- ڪهڙو قلم کهڙي. ٤- ڪهڙو وڇون ماري.

شاگردن کي سمجهايو ته هيٺيان فعل زمان مضارع آهن ۽ پوءِ بورڊ تي هن ريت لکو:-

(١) "وڃي" مضارع "وڃ" امر واحد مان ٺهيل آهي جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ي واري آهي.

(٢) "اچي" مضارع "اچ" امر واحد مان ٺهيل آهي جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ي واري آهي.

(٣) "کهڙي" مضارع "کهڙ" امر واحد مان ٺهيل آهي جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ي واري آهي.

(٤) "ماري" مضارع "مار" امر واحد مان ٺهيل آهي جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ي واري آهي.

هن جي پٺيان ڪرائي قاعدو ٺهرايو ته "امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ خواه ڪي هجي، اهو ڪڍي فقط "ي" ڏيڻ سان زمان مضارع واحد غائب ٺهندو"

سبق اوڻيهون

"زمان مستقبل"

(مستقبل لفظ جي معنيٰ آئيندو وقت)

شاگردن کي سمجهايو ته "زمان مستقبل فعل کي اها صورت آهي جا ٻڌائي ته فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيندو" تنهن کان پوءِ زمان مستقبل لاءِ سيکاريو.

”زمان مستقبل ناقص“

هن زمان ناقص لاءِ شاگردن کي ٻڌايو ته امر واحد ۾ ٻوڙي وارو هجي ته ان جي پٺيان ”ندو“ نڪري جان ۾ جي ته ٻوڙي واري هجي ته ”يندو“ ڏيڻ سان ڪڍڻ سان زمان مستقبل واحد ناقص ٺهي ڪري ايندو.

مثال- لک، مان لکندو، مار، مان ماريندو.

(١) هاشم ڪراچي ويندو ويندو. (٢) ڪريم نو هٽي ايندو ويو (٣) خدا بخش قلم کڻندو ويو (٤) گل حسن ٻکري ماريندو ويو.

اهڙيءَ نموني ٻوليءَ ۾ لکائي انهن جي استعمال ريت سمجهايو :-

زمان مستقبل استمراري

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) ”ويو ويندو“ فعل ڏيکاري ٿو ته فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو ۽ جاري رکندو ايندو. (٢) ”ايندو ويو“ فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو ۽ جاري رکندو ايندو. (٣) ”کڻندو ويو“ فعل ڏيکاري ٿو ته

فعل فاعل وارو ڪم هڻڻ وقت ڪندو، ۽ جاري به رکندو ايندو.

(٢) "ماريندو ايندو" فعل ڏيکاري ٿو ته فاعل فعل وارو ڪم اهڙي وقت ڪندو ۽ جاري رکندو ايندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اهي ٻئي فعل زمان مضارع واحد غائب آهن انهن ڪري مستقبل ٿيا. ۽ ڏيکاري ٿو ته ڪم جاري رهندا انهن ڪري انکي "مستقبل استمراري" چئبو ڇاڪاڻ ته استمراري معنى آهي جاري.

"مستقبل استمراري ڏاهڻ"

هن لاءِ ٽن فعلن کي ٽن نمونن سان ڏيکاريون ٿا:-

(١) "هو وڃندو" فعل ۾ "وڃندو" (اسم حاليه) هيٺيان فعل معاون "هوندو" جو زمان ماضي ڪڍيل آهي.

(٢) "ايندو هوندو" فعل ۾ "ايندو". (اسم حاليه) هيٺيان فعل معاون "هوندو" جو ماضي ڪڍيل آهي.

(٣) "کڻندو هوندو" فعل ۾ "کڻندو" (اسم حاليه) هيٺيان فعل معاون (هوندو) جو زمان ماضي ڪڍيل آهي.

(٤) "ماريندو هوندو" فعل ۾ "ماريندو" (حاليه) اسم هيٺيان فعل معاون (هوندو) جو زمان ماضي ڪڍيل آهي.

قاعده ٺهرائي نوٽ ڪرايو "ته اسم حاليه سان اڳيان هڪ ٻيو بيان. فعل معاون (هوندو جو) زمان

ماضي آئيو ۽ زمان مستقبل استمراري واحد غائب مذڪر لکندو.

(٣) مستقبل جا قسم

هن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته مستقبل ڪل ٻه آهن

(١) مستقبل (٢) مستقبل استمراري

سبق ٽيهون

"زمان ماضي مطلق"

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- حامد اڄ خط لکيو.

٢- عمر ڪتاب پڙهيو.

٣- حيدر قلم ڪيرايو.

٤- حامد نانگ ماريو.

فعل چونڊائي ڌار ڌار بورڊ تي لکو جهڙوڪ:-
لکيو، پڙهيو، ڪيرايو، ماريو.

شاگردن کي ٻڌايو ته هي فعل ڏيکارين ٿا ته هڪ فعل جي فاعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ (اڳي ئي) پورو ٿي چڪو آهي. ٻيءَ صورت ۾ چئجي ته فعل وارو ڪم ٿي گذريو آهي. فعل جي اهڙي صورت کي "زمان ماضي مطلق" چوندا آهن مطلق معنيٰ آهي پورو. هن کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته "اهڙو فعل جو ڏيکاري ته فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ پورو ٿي

ڇڪو آهي لنهنڪي ماضي مطلق چوندا آهن، جنهن جا لکيو ۽ ماريو.

„زمان ماضي مطلق ڏاهڻ“

شاگردن کي ٻڌايو ۽ لوحه تي لکيو ته ”[illegible] يو واحد جي ڀاڱي جي ٽئين واري ضمير ته [illegible] سان متي ۽ جي ڳالهه واري ضمير ته ساڳي صورت قائم رکي فقط ”يو“ وڌائڻ ڪرڻ سان ”زمان ماضي مطلق واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي.“ مثلاً: لکڻ - لکيو، مارڻ - ماريو.

سبق اڪيهون

„زمان ماضي قريب“

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيون جملا بورڊ تي لکو:-

١- حامد ڪراچيءَ ويو آهي.

٢- صفر ڪتاب پڙهيو آهي.

٣- احمد قلم کڻيو آهي.

٤- عرس شمشون ڏٺو آهي.

شاگردن کي ٻڌايو ته ليڪيل ڏنل فعل ڏيکارين ٿا ته فاعل، فعل وارو ڪم ڪجهه وقت اڳ پورو ڪيو آهي، اهڙن فعلن جو زمان „ماضي قريب“ چون ٿا.

قريب معنيٰ آهي ويجهو، جو ڏيکاري ٿو ته اهڙو فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ ويجهو ئي پورو ٿيو آهي.

هن ڳالهه شاگردن کي لوڻ ڪرايو ته "فعل جي ڏيکارڻ لاءِ ته فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ هينئر پورو ڪيو آهي تنهن کي زمان ماضي قريب چوندا آهن."

ماضي قريب ٺاهڻ

سمجهاڻي:- قاعدو ٻڌايو ته "اسم مفعول جي پٺيان هئڻ فعل جو زمان حال اچڻ سان زمان ماضي قريب واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي. مثلاً ٺهيو- ويو آهي. پڙهيو- پڙهيو آهي.

سبق ٻاهٺون

"زمان ماضي بعيد"

هن جي سمجهائڻ لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

(1) رحيم خط لکيو هو.

(2) ڪريم ڪتاب پڙهيو هو.

(3) احمد قلم گهڙيو هو.

(4) ٻاري ڇتو ڪتو ماريو هو.

شاگردن کي ٻڌايو ته ليڪ ڏنل فعل ڏيکارڻ ٿا

فاعل، فعل وارو ڪم ڪنهن وقت کان اڳي ڪري چڪا هئا. (يعني پوري ٽڪ کي گهڻو وقت گذري ويو آهي) اهڙن فعلن کي ”زمان ماضي بعيد“ چوندا آهن. بعيد معنيٰ پري يا دور (يا گهڻي جنهن کي گهڻو وقت گذري ويو هجي.) ان ڪري شاگردن کي نوٽ ڪرائبو ته ”فعل جي ڦيرڦار ۾ فاعل، فعل وارو ڪم ڪنهن وقت کان اڳ ڪري چڪو آهي، تنهن کي زمان ماضي بعيد چوندا آهن.

زمان ماضي بعيد ٺاهڻ

مٿين مثالن مان سمجهائي قاعدو لهرائي نوٽ ڪرائبو ته ٻه اسم مفعول جي پٺيان فعل معاون (هئڻ) جو زمان ماضي آڻڻ سان زمان ماضي بعيد واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي مثلاً- لکيو هو، پڙهيو هو.

سبق ڪيٽيهون

زمان ماضي استمراري

هيٺيان جملا پورا ڪري لکو.

١- ناصر خط لکيو ٿي يا (ٿي لکيو)

______

٢- هاشم ڪتاب پڙهيو ٿي يا (ٿي پڙهيو)

______

٣- قابل قلم گهڙيو ٿي يا (ٿي گهڙيو)

______

۴- لورل چتو ڪتو ماريو ٿي يا (ٿي ماريو)

شاگردن کي ٻڌايو ته اهڙي ڏنل فعل ۾ ڏيکاريل آهي ته فاعل. فعل وارو ڪم ڪنهن به وقت ۾ جاري ٿي رکيو. "اهڙا فعلن کي زمان ماضي استمراري چوندا آهن" تنهن کانپوءِ ورجائي ڪرايو ته "فعل جي ڏيکارڻ ته فاعل، فعل وارو ڪم ڪنهن وقت ۾ جاري رکيو ٿي کي زمان ماضي استمراري چوندا آهن"

زمان ماضي استمراري ڏانچو

"اسم مفعول سان فعل معاون ٿو يا ٿي جي زمان مضارع ڪڏهن سان زمان ماضي استمراري واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي".

مثلاً:- لکيو، لکندو لکيو ٿي. پڙهيو، پڙهيو ٿي يا پڙهيو ٿي.

سبق چوويهون

زمان ماضي تشڪي

هيٺيون سمجهائڻ لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو-

١- پريل خط لکيو هوندو.

٢- لورل ڪتاب پڙهيو هوندو.

٣- پريل قلم ڪڍيو هوندو.

۴- لورل چتو ڪتو ماريو هوندو.

شاگردن کي ٻڌائڻ ته ليڪن انهن فعلن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته فاعل جي فعل وارن ڪمن جي گذريل وقت ۾ پوري ڪرڻ جو شڪ آهي، انهن فعلن کي زمان ماضي مشڪوڪ چوندا آهن. مشڪوڪ معنيٰ آهي شڪ وارو.

الڪائونءَ شاگردن کي اوت ڪرائڻ ته "فعل جي ڪي ڏيکارڻ ته سندن فاعل جي فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ پوري ڪرڻ ۾ شڪ آهي ان کي زمان ماضي مشڪوڪ چوندا آهي.

زمان ماضي مشڪوڪ

مثالن سان ثابت ڪري هي قاعدو لکرائڻ ته "اسم مفعول جي پٺيان "هوندو" فعل ملائڻ جو زمان مستقبل آهي سان زمان ماضي مشڪوڪ واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي".

مثلا: لکيو- لکيو هوندو. ماريو- ماريو هوندو.

سبق ڇٽيهون

زمان ماضي عادي

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- حاجي خط لکندو هو.

٢- موسو ڪتاب پڙهندو هو.

٣- عيسو قلم گهڙيندو هو.

شاگردن کي سمجهائڻ ته هي فعل ڏيکارين ٿا ته

سمجهڻ فاعل، گذريل وقت ۾ فعل وارو ڪم هميشه ڪندو هو، چاڪاڻ ته "سدا" معنيٰ آهي هميشه.

آخرڪار شاگردن کي اوت ڪرائي ته اهڙا فعل جي لڳائڻ ۾ سمجهن فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ هميشه ڪندو هو تنهنڪري زمان ماضي مدامي چئبو آهي".

زمان ماضي مدامي ٺاهڻ

قاعدو ٿيو ته "اسم حاليه جي پٺيان فعل معاون هئڻ جي زمان ماضي آڻڻ سان زمان ماضي مدامي واحد غائب مذڪر ٺهندو آهي.

سبق ڇهون

"زمان ماضي شرطيه"

هيٺين سمجهاڻيءَ واسطي مثال ضرور لکو:-

١- احمد ڪراچيءَ وڃي ها، جيڪڏهن پاڻس وٽ سو رپيه ڏني ها.

٢- عابد اچي ها، جيڪڏهن اسانجو ماڻهو وڃي ها،

٣- آءٌ خط لکي ها، جيڪڏهن اسانجو چاوس ها،

٤- سوهڻ بکهڙ ماري ها، جيڪڏهن سندس بندوق ۾ گولي هجي ها.

شاگردن کي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪو شرط پورو ٿئي ها

۽ ليکڪ ڏنل فعل جا فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ ڪري چڪا هئا. انهن فعلن کي زمان ماضي شرطيه چوندا آهن. شرطيه جي معني آهي جنهن ۾ شرط پيل هجي. انهيءَ کانپوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرائبو ته ”فعل جي ڏيکارڻ ۾ ڪنهن شرط جي پورائيءَ بعد فعل جا فاعل، فعل وارو ڪم پورو ڪن ها، تن کي زمان ماضي شرطيه چوندا آهن.“

زمان ماضي شرطيه قاعدو

مثالن سان ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ هي قاعدو لکرائبو ته ”زمان مضارع جي پڇاڙيءَ سان هاڻوڪي جو لفظ ”ها“ آڻڻ سان زمان ماضي شرطيه ٺهندو آهي.“

سبق ستٽيهون

زمان حال (زمان هلندڙ)

شاگردن کي سمجهايو ته ”فعل جو ڏيکاري ته فاعل فعل وارو ڪم هينئر ڪري ٿو، انهن کي زمان حال چوندا آهن.“ جا لاءِ جو حال معني هينئر هلندڙ.

زمان حال قاعدو

هن لاءِ هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- طالب اچي ٿو.

٢- خالد پڙهي ٿو.

٣- جعفر قلم گهڙي ٿو.

٤- مشتاق انب چاڙهي ٿو.

ليکن ڏنل مثالن ڏانهن شاگردن جو ڌيان ڇڪائي کين سمجهايو ته ”اچي“ ”پڙهي“ ”ڪڙهي“ ؟ ”چڙهي“ اهي سڀ مضارع آهن انهن سان لفظ مصدر جو زمان حال ”ٿو“ گڏڻ سان زمان حال ٺهندو آهي.

سبق اڻٽيهون

زمان حال استمراري

هن لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو:-

١- نور محمد حيدرآباد وڃي ٿو. (ٿو وڃي)

٢- نور محمد ڪتاب پڙهي ٿو. (ٿو پڙهي)

٣- موسو خط لکي ٿو. (ٿو لکي)

٤- طالب شڪار ڪري ٿو. (ٿو ڪري)

شاگردن جو ڌيان ليک ڏنل مثالن ڏانهن ڇڪائي کين ٻڌايو ته اهي فعل ڏيکارين ٿا ته فاعل فعل جو ڪم هلندڙ وقت ۾ جاري رکيو ٿو اچي انهن فعلن جو زمان حال استمراري چوندا آهن. تنهنڪانپوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو، ته ”اهڙا فعل جي ڏيکارين ته فاعل فعل وارو ڪم هلندڙ وقت ۾ جاري ٿو رکي تن جو زمان حال استمراري چوندا آهن“.

زمان حال استمراري ٺاهڻ

هن زمان ٺهڪائڻ لاءِ قاعدو ٺهيو ته " زمان مضارع سان معاون فعل "هوڻ" جو زمان مضارع "هجي" گڏڻ سان زمان حال استمراري ٺهندو آهي."

سبق اوڻيتاليهون

زمان حال مدامي

هن جي سمجهائڻ واسطي هيٺيان جملا فعل جي معنا سميتا سان لکو:-

(١) حسن مهوڙي ويندو آهي.

(٢) حيدر هتي ايندو آهي.

(٣) حامد لکندو آهي.

(٤) حسن پڙهندو آهي.

زمان حال مدامي ٺاهڻ

شاگردن جو لکيل ڏنل فعلن ڏانهن ڌيان ڇڪائي کين ٻڌايو ته فعل جو پهريون ڀاڱو " ويندو" " ايندو" " لکندو" " پڙهندو" اهي سڀ اسم حاليه آهن انهن سان " هجڻ" مصدر جو زمان گڏڻ سان زمان حال مدامي ٺهي ٿو.

سبق چاليھون

"زمان حال متشڪڪ"

هن جي سمجھاڻي واسطي هيٺيان جملا بورڊ تي لکو.

(١) طالب [illegible] ويندو هوندو.

(٢) محمد هتي ايندو هوندو.

(٣) لکارو لکندو هوندو.

(٤) موسو پڙهندو هوندو.

معلم ورائي شاگردن جو ڌيان ڇڪائي ڪري ٻڌايو ته انهن فعلن جي ڏيکارڻ ٿا ته سمجهڻ فعل واري ڪم جو هلندڙ وقت ۾ اُهو هڪ شڪي حالت ۾ آهي يعني انهن ۾ شڪ آهي. اهڙن فعلن جو زمان حال متشڪڪ چوندا آهن. تنهن کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته "اهڙا فعل جي ڏيکارين ته فعل واري ڪم جو هلندڙ وقت ۾ اُهو هڪ شڪي حالت ۾ آهي ان کي زمان حال متشڪڪ چوندا آهن."

زمان حال متشڪڪ ٺاهڻ

سکڻي امرائي فعلن ٺاهڻ سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته "اسم حاليه جي اڳيان معاون جي هئڻ مصدر جو زمان مستقبل آڻڻ سان زمان حال متشڪڪ ٺهندو آهي."

جيئن ته "ويندو" اسم حاليه سان هئڻ مصدر جو زمان مستقبل "هوندو" گڏ ٿيو ته "ويندو هوندو" ٺهي ٿو

سبق ايڪيتاليهون

زمان جو دور

زمان ڪل چوڏهن آهن هڪ زمان مضارع ٻه زمان مستقبل، ست زمان ماضي ۽ زمان حال.

مستقبل جا قسم:- زمان مستقبل ٢- زمان مستقبل استمراري.

زمان ماضي جا قسم:- ١- زمان ماضي مطلق ٢- زمان ماضي قريب ٣- زمان ماضي بعيد ٤- زمان ماضي استمراري ٥- زمان ماضي مشڪوڪ ٦- زمان ماضي مداومي ٧- زمان ماضي شرطيه.

زمان حال جا قسم:- ١- زمان حال ٢- زمان حال استمراري ٣- زمان حال مداومي ٤- زمان حال مشڪوڪ.

٢- سڀ زمان ماضي هڪ ئي اسم مشتق (ڌاتوءَ) مان نڪتل آهن اهڙي ريت سڀ زمان حال به هڪ ئي اسم مشتق مان نڪتل آهن، تنهن ڪري هر هڪ مشتق مان نڪتل زمان هيٺ لکجن ٿا.

”اسم مفعول منجهان نڪتل زمان“

١- زمان ماضي مطلق ٢- زمان ماضي قريب ٣- زمان ماضي بعيد ٤- زمان ماضي استمراري ٥- زمان ماضي مشڪوڪ.

"اسم حاليه مان نڪتل زمان"

(1) زمان مستقبل (2) زمان مستقبل استمراري
(3) زمان ماضي مدامي (4) زمان حال مدامي
(5) زمان حال مشڪوڪ.

"زمان مضارع مان نڪتل زمان"

(1) زمان مضارع (2) زمان حال (3) زمان حال استمراري (4) زمان ماضي شرطيه.

"امر واحد مان نڪتل مشتق"

(1) امر جمع (2) امر واحد استقبال (3) امر جمع استقبال (4) اسم فاعل (5) اسم مفعول (6) اسم حاليه.
(7) اسم استقبال (8) ماضي مطلق (9) مضارع.

ان کان پوءِ زمان جو نقشو ڪڍي شاگردن کان ڪڍائجو.

سبق ٻائيتاليھون

"فعل جا گردان"

شاگردن جو ڌيان اڳئين سبق ڪم [اسم ۽ ضمير جي گردان] ڏانهن ڇڪائي کين ياد ڏياريو ته اسم جو گردان ڇهن حالتن ۾ ٿيندو آهي ۽ ضمير جو گردان ڇهن حالتن ۾ ٿيندو آهي، پر فعل جو گردان ضمير خالص (ٽنهي ڀاڱن) ۾ واحد ۽ جمع مطابق ٿيندو آهي هن ريت:-

زمانن جا گردان

هئڻ مصدر جي زمان (آهي) جو گردان

نالو ضمير جو	عدد واحد مذڪر	 مونث	عدد جمع مذڪر	 مونث
ضمير خالص متڪلم	(مان) آءٌ آهيان	(مان) آءٌ آهيان	اسان يا اسين آهيون	اسان يا اسين آهيون
ضمير خالص حاضر	تون آهين	تون آهين	اوهان يا اوهين آهيو	اوهان يا اوهين آهيو
ضمير خالص غائب	هو آهي	هوءَ آهي	هو يا اُهي آهن	هو يا اُهي آهن

شاگردن کي ٻڌايو ته هي گردان مذڪر ۽ مونث ۾ هڪ جهڙو آهي فقط واحد غائب مونث لاءِ هوءَ چيو ويندو آهي. ان کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته "فعل جي ڪنهن به زمان کي ضمير خالص جي ٽنهي ڀاڱن ۾ واحد ۽ جمع ملائجي، تنهن کي فعل جو گردان چوندا آهن" انکانپوءِ فعلن جا گردان ڪرايو.

هئڻ مصدر جي زمان ماضي (هو) جو گردان

ضمير جو نالو	مذڪر (عدد واحد)	مونث (عدد واحد)	مذڪر (عدد جمع)	مونث (عدد جمع)
ضمير خالص متڪلم	آءٌ هوس	آءٌ هوس	اسين هئاسون	اسين هيون سين
" " حاضر	تون هئين	تون هئينءَ	اوهان هئا	اوهين هيون.
" " غائب	هو هو	هوءَ هئي	هو هئا	هو هيون

گهڻ مصدر جي زمان مضارع جو گردان

ضمير خالص متڪلم	آءٌ گهان	آءٌ گهان	اسين گهون	اسين گهون.
" " حاضر	تون گهين	تون گهين	اوهان گهو	اوهين گهو.
" " غائب	هو گهي	هوءَ گهي	هو گهن	هو گهن.

گهڻ مصدر جي زمان مستقبل جو گردان

ضمير خالص متڪلم	آءٌ گهندس	آءٌ گهنديس	اسين گهنداسون	اسين گهنديون سين
" حاضر	تون گهندين	تون گهندينءَ	اوهان گهندو	اوهين گهنديون
" غائب	هو گهندو	هوءَ گهندي	هو گهندا	هو گهنديون.

ڪهڻ مصدر جي زمان ماضي جو گردان

ضمير جو نالو	عدد واحد مذڪر	عدد واحد مونث	عدد جمع مذڪر	عدد جمع مونث
ضمير خالص متڪلم	آءٌ ڪهيون	آءٌ ڪهيس	اسين ڪهياسين	اسين ڪهيونسين
" " حاضر	تون ڪهين	تون ڪهيئه	توهين ڪهيا	اوهين ڪهيون
" " غائب	هو ڪهيو	هوءَ ڪهي	هو ڪهيا	هو ڪهيون .

ڪهڻ مصدر جي زمان حال جو گردان

ضمير خالص متڪلم	آءٌ ڪهان ٿو	آءٌ ڪهان ٿي	اسين ڪهون ٿا	اسين ڪهون ٿيون
" " حاضر	تون ڪهين ٿو	تون ڪهين ٿي	اوهان ڪهو ٿا	اوهين ڪهو ٿيون
" " غائب	هو ڪهي ٿو	هوءَ ڪهي ٿي	هو ڪهن ٿا	هو ڪهن ٿيون .

مارڻ مصدر جي سڀني فعلن جو گردان

(١) زمان ماضي مطلق

ضمير جو نالو	عدد واحد: مذڪر	عدد واحد: مؤنث	عدد جمع: مذڪر	عدد جمع: مؤنث
ضمير خاص متڪلم	مون ماريو	مون ماريو	اسان ماريو	اسان ماريو
" " حاضر	تو ماريو	تو ماريو	اوهان ماريو	اوهان ماريو
" " غائب	هن ماريو	هن ماريو	هنن ماريو	هنن ماريو

(٢) زمان ماضي قريب

ضمير جو نالو	عدد واحد: مذڪر	عدد واحد: مؤنث	عدد جمع: مذڪر	عدد جمع: مؤنث
ضمير خاص متڪلم	مون ماريو آهي	مون ماريو آهي	اسان ماريو آهي	اسان ماريو آهي
" " حاضر	تو ماريو آهي	تو ماريو آهي	اوهان ماريو آهي	اوهان ماريو آهي
" " غائب	هن ماريو آهي	هن ماريو آهي	هنن ماريو آهي	هنن ماريو آهي

(۳) زمان ماضي بعيد

نالو ضمير جو	عدد واحد — مذڪر	عدد واحد — مونث	عدد جمع — مذڪر	عدد جمع — مونث
ضمير خالص متڪلم	مون ماريو هو	مون ماريو هو	اسان ماريو هو	اسان ماريو هو
" " حاضر	تو ماريو هو	تو ماريو هو	توهان ماريو هو	توهان ماريو هو
" " غائب	هن ماريو هو	هن ماريو هو	هنن ماريو هو	هنن ماريو هو

(۴) زمان ماضي استمراري

نالو ضمير جو	عدد واحد — مذڪر	عدد واحد — مونث	عدد جمع — مذڪر	عدد جمع — مونث
ضمير خالص متڪلم	مون ماريو ٿي	مون ماريو ٿي	اسان ماريو ٿي	اسان ماريو ٿي
" " حاضر	تو ماريو ٿي	تو ماريو ٿي	توهان ماريو ٿي	توهان ماريو ٿي
" " غائب	هن ماريو ٿي	هن ماريو ٿي	هنن ماريو ٿي	هنن ماريو ٿي

(۵) زمان ماضي مشڪوڪ

نالو ضمير جو	عدد واحد — مذڪر	عدد واحد — مونث	عدد جمع — مذڪر	عدد جمع — مونث
ضمير خالص متڪلم	مون ماريو هوندو	مون ماريو هوندو	اسان ماريو هوندو	اسان ماريو هوندو
" " حاضر	تو ماريو هوندو	تو ماريو هوندو	توهان ماريو هوندو	توهان ماريو هوندو
" " غائب	هن ماريو هوندو	هن ماريو هوندو	هنن ماريو هوندو	هنن ماريو هوندو

(۶) زمان مستقبل

ضمير جو نالو	مذكر (عدد واحد)	مونث (عدد واحد)	مذكر (عدد جمع)	مونث (عدد جمع)
ضمير خالص متكلم	آءٌ ماريندس	آءٌ ماريندي يس	اسين ماريندا سون	اسين ماريندئو نسون
,, ,, حاضر	تون ماريندينء	تون ماريندينء	اوهان ماريندا (ماريندؤ)	اوهين ماريندئو ن
,, ,, غائب	هو ماريندو	هوء ماريندي	هو ماريندا	هو ماريندئو ن

(۷) زمان مستقبل استمراري

ضمير جو نالو	مذكر (عدد واحد)	مونث (عدد واحد)	مذكر (عدد جمع)	مونث (عدد جمع)
ضمير خالص متكلم	مان ماريندس هئو	مان ماريندي يس هئي	اسان ماريندا سون هئا	اسين ماريندئو نسون هئو ن
,, ,, حاضر	تون ماريندين هئو	تون ماريندي اينء هئي	اوهان ماريندا هئا	اوهين ماريندئو ن هئو ن
,, ,, غائب	هو ماريندو هئو	هوء ماريندي هئي	هو ماريندا هئا	هو ماريندئون هئو

(٨) زمان ماضي مدامي

ضمير جو الو	عدد واحد — مذڪر	عدد واحد — مونث	عدد جمع — مذڪر	عدد جمع — مونث
ضمير خالص متڪلم	آءٌ ماريندو هوس	آءٌ ماريندي هيس	اسان ماريندا هئاسين	اسين ماريديون هيوسين
„ „ حاضر	تون ماريندو هئين	تون ماريندي هئين	اوهين ماريندا هئا	اوهين ماريديون هيون
„ „ غائب	هو ماريندو هو	هوءَ ماريندي هئي	هو ماريندا هئا	هو ماريديون هيون

(٩) ماضي شرطيه

ضمير جو الو	عدد واحد — مذڪر	عدد واحد — مونث	عدد جمع — مذڪر	عدد جمع — مونث
ضمير خالص متڪلم	آءٌ ماريان ها	آءٌ ماريان ها	اسين ماريون ها	اسين ماريون ها
„ „ حاضر	تون مارين ها	تون مارين ها	اوهين ماريو ها	اوهين ماريون ها
„ „ غائب	هو ماري ها	هوءَ ماري ها	هو ماري ها	هو مارين ها

(۱۰) زمان مضارع

ضمير جو نالو	عدد واحد مذڪر	عدد واحد مونث	عدد جمع مذڪر	عدد جمع مونث
ضمير خالص متڪلم	آءٌ ماريان	آءٌ ماريان	اسين ماريون	اسين ماريون
" " حاضر	تون مارين	تون مارين	اوهين ماريو	اوهين ماريو
" " غائب	هو ماري	هو ماري	هو مارين	هو مارين

(۱۱) زمان حال

ضمير جو نالو	عدد واحد مذڪر	عدد واحد مونث	عدد جمع مذڪر	عدد جمع مونث
ضمير خالص متڪلم	آءٌ ماريان ٿو	آءٌ ماريان ٿي	اسين ماريون ٿا	اسين ماريون ٿيون
" " حاضر	تون مارين ٿو	تون مارين ٿي	اوهين ماريو ٿا	اوهين ماريو ٿيون
" " غائب	هو ماري ٿو	هوءَ ماري ٿي	هو مارين ٿا	هو مارين ٿيون

(۱۲) زمان حال استمراري

ضمير جو نالو	عدد واحد مذڪر	عدد واحد مونث	عدد جمع مذڪر	عدد جمع مونث
ضمير خالص متڪلم	آءٌ ماريان پيو	آءٌ ماريان پيئي	اسين ماريون پيا	اسين ماريون پيئون
" " حاضر	تون مارين پيو	تون مارين پيئي	اوهين ماريو پيا	اوهين ماريو پيئون
" غائب	هو ماري پيو	هوءَ ماري پيئي	هو مارين پيا	هو مارين پيئون

(١٣) زمان حال مدامي

لاڳو ضمير جو	عدد واحد — مذڪر	عدد واحد — مونث	عدد جمع — مذڪر	عدد جمع — مونث
ضمير خاص متڪلم	آءٌ ماريندو آهيان	آءٌ ماريندي آهيان	اسين ماريندا آهيون	اسين ماريندئيون آهيون
" " حاضر	تون ماريندو آهين	تون ماريندي آهين	اوهان ماريندا آهيو	اوهين ماريندئيون آهيو
" " غائب	هو ماريندو آهي	هوءَ ماريندي آهي	هو ماريندا آهن	هو ماريندئيون آهن

(١٤) زمان مشڪڪي

لاڳو ضمير جو	عدد واحد — مذڪر	عدد واحد — مونث	عدد جمع — مذڪر	عدد جمع — مونث
ضمير خاص متڪلم	آئون ماريندو هوندس	آئون ماريندي هوندس	اسين ماريندا هونداسين	اسين ماريندئيون هونديونسين
" " حاضر	تون ماريندو هوندين	تون ماريندي هوندينءَ	اوهان ماريندا هوندا	اوهين ماريندئيون هونديون
" " غائب	هو ماريندو هوندو	هوءَ ماريندي هوندي	هو ماريندا هوندا	هو ماريندئيون هونديون

ڀاڱو ٽيون

ستين درجي لاءِ

سبق پهريون

"فعل اڪرمڪ"

هن جي سمجهائڻ واسطي هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) اڄ ڪراچيءَ ويندو. (٢) سپاهي مري اچبو. (٣) ڇڪو وقت اچي رهيو (٤) تو سان ڳالهيون ڪبيون.

هنن جملن مان هيٺيون ڳالهيون فعل جو بيان بورڊ تي لکو:-

١- ويندو، وڃڻ مصدر مان نڪتل آهي جا لازمي فعل جي مصدر آهي.

٢- رهيو. رهڻ مصدر مان نڪتل آهي جا لازمي فعل جي مصدر آهي.

٣- ڪبيون. ڪرڻ مصدر مان نڪتل آهي جا لازمي فعل جي مصدر آهي.

شاگردن جو ڌيان جملن ڏانهن ڇڪائي کين ڏيان

ٿي آٿيو ته ڪڏهن به جملي ۾ فعل جو فاعل ظاهر ڪونه آهي. هيٺيان ڏنجي ٿو ته ڪي فعل اهڙا آهن جن جو بنياد لازمي فعل آهي مگر سندن فاعل گم ٿي ويل آهن، اهڙن فعلن کي اڪر ترڪ چوندا آهن. اڪر ترڪ معنيٰ آهي فاعل ڪانسوا .

تنهن کان پوءِ شاگردن کي اوت ڪرايو ته اهڙا فعل جن جو بنياد لازمي هجي ۽ سندن فاعل گم (لڪل) هجن تنهن کي فعل اڪر ترڪ (بي فاعل) چوندا آهن"

سبق ٻيو

مرڪب فعل

هن جي سمجهاڻي لاءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

۱- ڏلا مڇون کاهي ويو.
۲- تو کي ڏنڊ ڀرڻو پوندو.
۳- ڇوڪر هميشه کهڻ لڳو آهي.
۴- ٽورو ترسي فقير وري رمندو رهيو.

مٿين جملن مان فعل جو ڌيان پورو ڏئي هن ريت لکو:-

۱- فعل "کاڌو ويو آهي" ۾ ٻه بنيادي فعلن جا فعل آيا آهن.

۲- فعل "گهمڻ لڳو آهي" هن ۾ ٻه ٽي بنيادي فعلن جا فعل آيا آهن.

۳- فعل "پڙهو هوندو" هن ۾ ٻه ٽي بنيادي فعلن جون ڪي صورتون آيل آهن

۴- فعل "ويندو رهيو" هن ۾ ٻه بنيادي فعلن جون ڪي صورتون آيل آهن.

انهن ڪري ڏٺو ته ڪي فعل اهڙا آهن جي ٻن (يا ٽن بنيادي فعلن جون ڪي صورتون گڏجي) هڪ فعل ٿي اچن ٿا.

اهڙن فعلن کي مرڪب فعل چوندا آهن.

مرڪب معنيٰ آهي گڏيل. تنهنڪري استاد شاگردن کي ياد ڪرائي ته "اهڙا فعل جي ڪن بنيادي فعلن جون ڪي صورتون گڏجي هڪ فعل ٿي ڪم اچن ٿا تن کي مرڪب فعل چوندا آهن."

مرڪب فعل ڄاڻڻ

۱- هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- جهاز مس مس هلڻ لڳو.

٢- ماستر وري هيڏانهن لکڻ ويٺو

٣- ڇوڪرو هيڏانهن اسڪول وڃڻ لڳو هو

جملي ۾ آيل فعل ڪي هن ريت ٺهيا آهن.

١- هلڻ امدادي فعل (مصدر) جي پٺيان لڳڻ مصدر جو ماضي مطلق (لڳو) آيل آهي.

٢- لکڻ امدادي فعل (مصدر) جي پٺيان ويهڻ مصدر جو ماضي قريب (ويٺو) آيل آهي.

٣- وڃڻ امدادي فعل (مصدر) جي پٺيان لڳڻ مصدر جو زمان ماضي بعيد (لڳو هو) آيل آهي

ان کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته ماضي مطلق، ماضي قريب ۽ ماضي بعيد اسم مفعول مان ٺهيل زمان آهن. تنهن کانپوءِ شاگردن کان پڇا ڪرڻ سان قاعدو ٺهرائي لوح تي ڪرايو ته ”ڪن امدادي فعلن (مصدر) جي پٺيان ڪن ٻين فعلن جا اسم مفعول مان ٺهيل زمان آڻڻ سان مرڪب فعل ٺهندا آهن.

٢- هيٺيان جملا پورا ڪرايو:-

١- ولي محمد اهڙو ماڻهو آهي جو وڙهڻ ۾ چاهيو وڃي.

٢- علي محمد جتان ڪٿان اٿهن جو ڪ ڪڍيو اچي.

٣- نور محمد اهڙو ڏاهو آهي جو سڀ ڪنهن کي پنهنجي لاڳ رکيو اٿي.

مٿين وانگر فعلن کي جوڙي لکڻ سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته ”ڪن فعلن جي ماضي مطلق پڄاڻان ڪي اهڙن فعلن جا ماضي مطلق گڏڻ سان مرڪب فعل ٺهندا آهن

٣- هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:—

١- انهيءَ مهيني، انهيءَ موٽڻ لائق هي ڏهندو

٢- پوءِ فقير پنهنجي رستي لاءِ روئندو رهيو.

٣- سخت بارش پوڻ لائق هي گاهه وڌندو رهيو هو.

ساڳيءَ ريت پڻا سان ثابت ڪري قاعدو ٺهرايو ته ”ڪن فعلن جي اسم حاليه پڄاڻان اسم مفعول مان ٺهيل ڪن زائد آڻڻ سان مرڪب فعل ٺهندا آهن“.

٤- هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- انهيءَ جو ڇوڪرو هميشه پاڻهي پڙهندو ويندو.

٢- هي جي هميشه لکندو رهندو، ته اڳ پڙهندس.

٣- ھي اوھان جو پيغام ليکڪ ڏي پڄندو ويندو.

ليڪ ڏنل فعل متعين وانگر توڙائي قاعدو ٺھرايو ۽ نوٽ ڪرايو ته ”ڪن فعلن جي اسم حاليه اڳيان ھجڻ بنيادي فعلن جي زمان مستقبل آڻڻ سان مرڪب فعل ٺھندو آھي.

١- احمد پنھنجي واٽ سان رمندو رھي.

٢- شيردل رحمدل کي چوندو وڃي ته ”ھو ٽرسي، اچون ٿا“.

ليڪ ڏنل لفظ (فعل) متعين. جيئن توڙائي قاعدو ٺھرائي نوٽ ڪرايو ته ”اسم حاليه اڳيان ھجڻ بنيادي فعلن جي زمان مضارع آڻڻ سان مرڪب فعل ٺھند آھي.“

٦ ھيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- منھنجي ڪري اوھان کي شڪار پورا ھلڻو پوندو.

٢- اوھان کي اڄ خط ضرور لکڻو پوندو.

متعين ڪري قاعدو ٺھرايو ته ”اسم استقبال اڳيان

"ٿيڻ" فعل جو زمان مستقبل آڻڻ سان مرڪب فعل ٺهندو آهي.

(٧) اهڙيءَ ئي ساڳي اصولي سان هيٺين ٻٽين وارا فعل (ڌار ڌار بنيادي فعلن مان اڪٺل) ڌار ڌار جملن ۾ وجهي قاعدو ٺهرايو.

جهڙوڪ:- (١) ڪٽي وڃ، چڙهي آءُ، سمهي رهه وغيره. ماضي معطوفيءَ جي صورت ۾ ٻئي بنيادي فعل جي امر واحد آڻڻ سان مرڪب فعل ٺهندو آهي.

استعمال لاءِ سوال

(هيٺين بنيادي سوالن مان استمراري ماضي بعيد جمع غائب، ماضي مطلق جمع حاضر، ماضي استمراري جمع غائب. ماضي مشڪوڪ جمع متڪلم ۾ اهڙا فعل ٺاهي جملن ۾ ڪم آڻيو، جيئن لازمي ئي ڪم اچن. ڏهڻ، سبڻ، پڙهڻ، لکڻ، کائڻ، ويهڻ، رڌڻ، ۽ پيئڻ.

(١) مرڪب فعل ڇا آهي؟

(٢) مرڪب فعل ٺاهڻ جا قاعدا لکو؟

(٣) پنج جملا لکو جن ۾ مرڪب فعل ڪم آيل هجن؟

(٤) اچڻ مصدر جي پٺيان ٻئي ڪهڙن بنيادي

فعل جو ڪو صيغو آڻي مرڪب فعل ٺاهي ڏيکاريو؟

فعل واسطي وڌيڪ سمجهاڻي

هن بابت هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) سرفراز، چور کي مار ڏني (ماريو)

(٢) عيسيٰ، ايوب کي ڌڪو (ڌڪيو) ڏنو.

(٣) مشتاق، حيدر کي چڪ پاتو.

(٤) چورن، شاهوڪار جي گهر کي کاٽ هنيو.

هنن بابت هن ريت سمجهايو:-

پهرئين جملي ۾ سرفراز فاعل آهي جنهن مار ڏيڻ جو ڪم ڪيو آهي، ۽ مار (مار ڏيڻ جو ڪم) چور سٺو آهي تنهن ڪري مفعول آهي چور ۽ ”مار ڏني“ يڪو فعل آهي ۽ نه فقط ڏني. اهڙيءَ ريت ”ڌڪو ڏنو“ يڪو فعل آهي ۽ (نه فقط ڏنو) ۽ سندس مفعول آهي ايوب. ساڳيءَ ريت ”چڪ پاتو“ ۽ ”کاٽ هنيو“ **ٻه يڪا فعل آهن.**

تنهن ڪري انهن جي ترڪيب ڪرڻ وقت ڪين گڏ (يڪو) فعل ڪرڻ گهرجي. نه مار اسم ۽ ڏني فعل ... وغيره. ائين ڪرڻ غلط ٿيو ويندو. ان کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته ”اسان جي سنڌيءَ ۾ اهڙا فعل به آهن، جن جو هڪ (اڳيون) ڀاڱو اسم ۽ ٻيو (پويون) ڀاڱو فعل ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

انهن ٻنهي کي گڏ ٻِڪو فعل ڪرڻ ڪوٺجي، ڇاڪاڻ ته اهي ٻِڪا فعل آهن.

نوٽ:- استادن جي تصديق لاءِ ٻين ٻولين جا مثال ڏجن ٿا:-

١- انگريزيءَ ۾ چڪ پائڻ کي چوندا آهن "ٽو بائيٽ" (جو ٻِڪو فعل آهي)

٢- انگريزي ۾ مار ڏيڻ کي چوندا آهن "ٽو پنش" ۽ عربيءَ ۾ "ضرب" (جي به اهڙا ٻِڪا فعل آهن) ۾ اسان وٽ رواج کي اهڙا ٻِڪا فعل ڪونه آهن. تنهنڪري اهو رواج روا رکيو اٿن.

—o—

سبق نائون

بي قاعدي فعل

هن جي سمجهائڻ واسطي هيٺيان امر بورڊ تي لکو -

هيٺين امرن مان اسم مصدر ٺهرائي بورڊ تي لکو هن ريت -

١- لک، مار، لاهه، ٻڌ، گڏ، اڳ، لڏ

٢- اچ، وڃ، ڪر، ڏاهه، چڙ، وٺ، ڏهه، ٻڌ

(۲) پاڳو	(۱) پاڳو
اچ مان آيو (آيل)	لک مان لکيو (لکيل)
وڃ مان ويو (ويل)	مار مان ماريو (ماريل)
ڪر مان ڪيو (ڪيل)	ٺاهه مان ٺاهيو (ٺاهيل)
ڊاهه مان ڊاٺو (ڊاهيل)	ٻار مان ٻاريو (ٻاريل)
چڙ مان چڙو (چڙل)	ڇڏ مان ڇڏيو (ڇڏيل)
وٺ مان ورتو (ورتل)	گڏ مان گڏيو (گڏيل)
ڏس مان ڏٺو (ڏٺل)	اڏ مان اڏيو (اڏيل)
ٻڌ مان ٻڌو (ٻڌل)	لڏ مان لڏيو (لڏيل)

شاگردن کي هيٺين ڏيکاريو ته پهرئين پاڳي وارن امرن مان اسم مفعول باقاعدي (سڪيل قاعدي موجب ٺاهيو ويو آهي پر ٻئي پاڳي وارن امرن مان اسم مفعول باقاعدي نه پر بي قاعدي ٺاهيو اٿئون. هن مان ڏسجي ٿو ته ڪي بنيادي فعل اهڙا آهن جن جو اسم مفعول قاعدي پٽاندڙ نٿو ٿئي. انهن کي بي قاعدي فعل چوندا آهن. ان کان پوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرائجو ته "اهڙا بنيادي فعل جن جو اسم مفعول بي قاعدي ٿئي تن کي بيقاعدي فعل چون ٿا.

استعمالي سوال

(۱) بي قاعدي فعل ڇا کي چوندا آهن؟

(۲) باقاعدي فعل ڇا کي چوندا آهن؟

(۳) اهي سڀ بنيادي فعل ٻڌايو جي باقاعدي هجن .

(۴) اهي سڀ بنيادي فعل ٻڌايو جي بي قاعدي هجن .

(۵) بي قاعدي ۽ باقاعدي فعل ۾ تفاوت ٻڌايو ؟

سبق چوٿون

"فعل جي ترڪيب"

هيٺئين اسان کي فعل جي ترڪيب سمجهائڻي آهي جنهن لاءِ بورڊ تي هيٺيان جملا لکو .

(۱) اصغر علي ڪتاب پڙهندو آهي .

(۲) محبوب علي انب کائي لو .

(۳) اڄ ڊوڙيو

(۴) انب کائبو .

هنن جملن مان فعل چونڊائي ڌار ڪري بورڊ تي لکو هن ريت :-

(۱) پڙهندو آهي، (۲) کائي ٿو. (۳) ڊوڙيو. (۴) کائبو

انهن مان هر هڪ فعل جي ترڪيب بورڊ تي شاگردن جي مدد سان هن ريت ڪريو .

(۱) پڙهندو آهي :- فعل متعدي معروف، زمان حال مدامي، ضمير واحد غائب، جنس مذڪر . فاعل اٿس اصغر علي، مفعول اٿس ڪتاب .

ڪاٽي ٿو:- فعل متعدي معروف، زمان حال، ضمير غائب واحد، جنس مذڪر، فاعل اُن جو محبوب علي مفعول اُن جو امب:

ڪاٽبو:- فعل متعدي مجهول، زمان مستقبل ضمير غائب واحد جنس مذڪر، فاعل اُن جو امب. اهڙيءَ طرح فعل جي ترڪيب ڪرائڻ ۾ شاگردن کي هيٺيون هدايتون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن:-

هدايتون

(١) ترڪيب ڪرڻ کان اڳ ۾ جملن ۾ جيڪو فعل هجي، سو ڳولهيو وڃي ۽ ٻڌايو وڃي ته فعل ڪهڙو لفظ آهي

(٢) وري ڏسڻ گهرجي ته فعل وارو ڪم ڪنهن ٻئي تي ٿي ٿو يا نه (فعل جو اثر ٻئي شيءِ تي ٿئي ٿو يا نه) فعل جو اثر جملي ۾ ڪنهن به لفظ تي ٿئي ته فعل متعدي معروف، نه ته لازمي فعل چيو وڃي.

نوٽ:- هن لاءِ فعل کان هي ٻه سوال ڪرايو:-
(١) فعل واري ڪم جو ڪرڻ وارو ڪير آهي؟
(٢) اهو ڪم ڪنهن تي ٿو ٿئي (فاعل ڇا ٿو ڪري؟

جيڪڏهن انهن سوالن جي جواب ۾ ڌار ڌار لفظ آيا ته سمجهو ته متعدي آهي.

(٣) فعل جي زمان ۽ ضمير معلوم ڪرڻ واسطي فعل

جو گردان ڪري ڏسو ته يڪدم خبر پئجي ويندي ته فعل جو زمان ڪهڙو ۽ ضمير ڪهڙو آهي.

(۴) فعل جي قسم جي ڪرڻ لاءِ هي به ڄاڻڻ گهرجي ته فعل جنهن مصدر مان نڪتو آهي سو مصدر فعل لازمي جو آهي يا متعدي جو. جنڪئي مصدر متعدي فعل جي هجي مگر خبر نه پوي ته ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي باقي جنهن لفظ تي ڪم جو اثر پئو سو فاعل بڻيو ويٺو آهي ته اهڙي فعل کي فعل متعدي مجهول چئبو. پر جي مصدر لازمي فعل جي هجي ۽ ڪنهن فاعل معلوم نه ٿئي ته ان کي فعل اڪر لوڪ چئجي.

اڪثر ڪري فعل کي فاعل، ضمير، عدد ۽ جنس ته لڳندي آهي جنهنڪري ته سڀ فعل عدد، جنس ۽ ضمير ۾ فاعل موجب مٽبا آهن، پر جي ڪي فعل ٿي ڪو نه آهي تنهن ڪري ساڳئي سبب فاعل سان لاڳو حقيقتون لڳائڻ ۾ نه ايندين.

سبق پنجون

"فعل جو پريوگ"

(۱) فعل جي پريوگ سمجهائڻ واسطي اڳ ۾ فعل جو لاڳاپو فاعل ۽ مفعول سان سمجهائي ۽ پريوگ ۽ ان جا قسم سمجهائڻ کپن. تنهن ڪري پريوگ جي سمجهائڻ لاءِ هن ريت گردان پورو ڪي لکو.

عدد واحد ۾	عدد جمع ۾
(الف) (١) آءٌ ويندو هوس.	(٢) اسين ويندا هئاسون.
تون ويندو هئين.	توهان ويندا هئو (هئا)
هو ويندو هو.	هو ويندا هئا.

شاگردن جي ڌيان تي آڻبو ته هنن ۾ اسين ڏسون ٿا ته جيڪڏهن فاعل عدد واحد ۾ آهي ته فعل، عدد واحد ۾ آهي، ۽ جي فاعل جو عدد جمع آهي ته فعل جو عدد به جمع آهي. هن مان ثابت آهي ته فعل، فاعل موجب عدد ۾ ڦري ٿو.

(ب) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

(١) مون خط لکيو آهي. مون خط لکيا آهن.

(٢) تو خط لکيو آهي. تو خط لکيا آهن.

(٣) هن خط لکيو آهي. هن خط لکيا آهن.

شاگردن کي مٿيان فعل پڇڻ کي فاعل سان پيٽي ڏيکاربو ته اگرچ ڪي فاعل عدد واحد ۾ آهن تنهن هوندي به فعل عدد جمع ۾ آهن. وري هنن جي پيٽا مفعول سان ڪرائبو. شاگرد ڏسندا ته جيڪي مفعول عدد واحد ۾ آهن ان جا فعل به عدد واحد ۾ آهن ۽ جي مفعول عدد جمع ۾ آهن ان جا فعل به عدد جمع ۾ آهن. هن مان هي ثابت ڪرائبو ته فعل مفعول موجب عدد ۾ ڦري ٿو.

(ٻ) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

(الف) (١) ڍڳو ڀڄي ويو. (٢) ڍڳي ڀڄي وئي.
هٿ وڍجي پيو. آڱر وڍجي پئي.
پير مرد مري ويو. پوڙهي مري پئي.

شاگردن کي ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي ته پهرين جملن ۾ فاعل، جنس مذڪر ۾ آهن، فعل به جنس مذڪر ۾ آهن. ٻئي ڀاڱي وارن جملن ۾ فاعل، جنس مؤنث ۾ آهن ته فعل به مٿين جنس مؤنث ۾ آيا آهن. هن مان شاگردن کي واقف ڪجي ته فعل، فاعل موجب جنس ۾ مٽيا آهن.

(ب) (١) احمد ڪتاب لکيو آهي.
(٢) شمس ڪڪڙ ڪٺو آهي. (٤) شمس ڪڪڙي ڪٺي آهي.
فضل ڳاهه لٽيو آهي. (٦) فضل جوئر لٽي آهي.

شاگردن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته جيئن مفعول جنس ۾ مٽيو آهي تيئن فعل به جنس ۾ مٽيو آهي.

(٣) هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

آءٌ اچان ٿو.
تون اچين ٿو.
هو اچي ٿو.

شاگردن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته جيئن فاعل ضمير ۾ ڦري ٿو تيئن فعل به ڦري ٿو. هن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته اسان سکي آيا آهيون ته فعل

ڪڏهن انهيءَ فاعل سان، ڪڏهن مفعول سان عدد
جنس ۽ ضمير موجب ملندو آهي يعني ساڳين لاڳاپو
ڪن جملن ۾ فاعل سان آهي ۽ ڪن ۾ مفعول سان آهي
فعل جي انهيءَ لاڳاپي کي پرويوگ چوندا آهن.
پرويوگ معنيٰ آهي ڳانڍاپو يا مطلب. ان کان پوءِ
شاگردن کي لوٽ ڪرايو ته ”فعل جو فاعل يا مفعول
سان (جنهن سان اهو ٺهي) جملي ۾ ڳانڍاپو ٿئي ٿو.
يعني فعل ان موافق جنس، عدد ۽ ضمير ۾ ڦري ٿو
ته ان لاڳاپي يا واسطي کي فعل جو پرويوگ چوندا آهن.

پرويوگ جا قسم

هيٺين جملن مان اهڙا جملا چونڊي ڪڍي لکو
جن ۾ فعل پنهنجي فاعل موجب عدد، جنس ۽ ضمير
۾ ملندو هجي. (فعل جو عدد، جنس ۽ ضمير، فاعل جي
عدد، جنس ۽ ضمير سان لڳي) ان کان پوءِ شاگردن
کي ٻڌايو ته جملن وارا فعل پنهنجي فاعل سان عدد
جنس ۽ ضمير موافق ملن ٿا. اهڙن فعلن جي پرويوگ
ڪرتري چوندا آهن. ڇاڪاڻ ته انهيءَ فعلن جو لاڳاپو
هنن حقيقتن ۾ فاعل سان آهي ۽ فاعل کي ”ڪرتا“
به چئبو آهي.

تنهن کان پوءِ شاگردن کي لوٽ ڪرايو ته ”فعل
جي جملي ۾ پنهنجي ڪرتا (فاعل) موجب عدد،

جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي، ان جو پريوگ ڪرتري چوندا آهن."

پريوگ ڪرتري:- فعل جو اهو پريوگ آهي جنهن ۾ فعل مقرر حقيقتن ۾ پنهنجي ڪرتار سان ملي ٿو (ڪري ٿو).

(۲) ساڳيءَ ريت مٿين جملن مان اهي چونڊي بورڊ تي لکو جن سان فعل پنهنجي مفعول موجب واسطيدار حقيقتن (عدد جنس ۽ ضمير) ۾ مٽجي. ساڳيءَ ريت شاگردن جي مٿان واضح ڪرايو ته هي فعل مقرر حقيقتن ۾ پنهنجي مفعول موجب مٽجن ٿا جنهن ڪري سندن (لاڳاپو) مفعول سان آهي. انهيءَ ڪري سندن پريوگ "ڪرمڻي" (مفعول سان) چيو ويندو آهي، ڪرم چوندا آهن مفعول کي. ان کان پوءِ کين لوڪ ڪرايو ته فعل جي مقرر حقيقتن ۾ پنهنجي مفعول موافق مٽجن ان جو ڪرمڻي پريوگ چوندا آهن."

(۳) پريوگ ڪرمڻي:- فعل جو اهو پريوگ آهي جنهن جو فعل مقرر ڳالهين ۾ پنهنجي مفعول موجب مٽجي (ان سان ملي).

(۴) هيٺيان گردان بورڊ تي لکو.

(الف) مون ڪڪڙ کي ڪڍو آهي.

اسان ڪڪڙ کي ڪڍو آهي.

(الف) تو ڪڪڙ کي ڪٺو آهي.
توهان ڪڪڙ کي ڪٺو آهي.
هن ڪڪڙ کي ڪٺو آهي.

(ب) مون ڪڪڙن کي ڪٺو آهي.
اسان ڪڪڙن کي ڪٺو آهي.
تو ڪڪڙن کي ڪٺو آهي.
توهان ڪڪڙن کي ڪٺو آهي.
هن ڪڪڙن کي ڪٺو آهي.
هنن ڪڪڙن کي ڪٺو آهي.

(ج) مون ڪڪڙن کي ڪٺو آهي.
اسان ڪڪڙن کي ڪٺو آهي.
تو ڪڪڙين کي ڪٺو آهي.
توهان ڪڪڙين کي ڪٺو آهي.
هن ڪڪڙين کي ڪٺو آهي.
هنن ڪڪڙين کي ڪٺو آهي.

انهي گردانن مان فعل ڪڍي هن ريت پوره ٿي لکو:-

گردان الف وارا فعل.	گردان ب وارا فعل.	گردان ج وارا فعل.
ڪٺو آهي.	ڪٺو آهي.	ڪٺو آهي.
ڪٺو آهي.	ڪٺو آهي.	ڪٺو آهي.
ڪٺو آهي.	ڪٺو آهي.	ڪٺو آهي.

ٻڌايو ته سڀني فعلن جون صورتون هيٺ ڏنيون آهن ان ڪاڻ شاگردن کي ٻڌايو ته ٽنهي ڪردارن ۾ فعل، فاعل خواه مفعول موجب مقرر ٿئي ٿو ۽ ٽيون ٽجي مگر ٻنهي کان خلاصي (ڀاري) صورت ٿئي ٿو آهي. يعني فعل جو اڪيلو ڪرتري پريوگ (فاعل مان مطلب) آهي ۽ ٻيو ڪرمڻي (مفعول مان مطلب) آهي. ٽيون فعل کي پريوگ ڀاوي چوندا آهن جنهن جي معقول آهي ڀانيو. ان ڪاڻ شاگردن کي ياد ڪرايو ته "ٽيون فعل جي جنهن ۾ مقرر ٿئي ٿو ته فاعل موجب ۽ نه مفعول موجب مٽجي، تنهن کي الڳ رهڻ لئي کي پريوگ ڀاوي چوندا آهن.

ڀاوي پريوگ:- فعل، جو مقرر صورت ۾ نه فاعل موجب ۽ نه مفعول موجب مٽجي ته ان کي پريوگ ڀاوي چيو ويندو آهي.

فعل جا ٽي پريوگ آهن

(۱) پريوگ ڪرتري (۲) پريوگ ڪرمڻي
(۳) پريوگ ڀاوي.

پريوگ سهي ڪرڻ جون واٽون

فعل جا پريوگ به ڪن قاعدن مطابق ڄاڻي سگهيا آهن انهن قاعدن سمجهڻ واسطي هيٺ ڏنل جملا لکو:-

(الف) ١- آءٌ ويندو آهيان.

٢- هو ٿڪجي اوطاق ۾ سمهندا آهن.

٣- توهين هر روز باغ ۾ گهمندا هوندا هوندؤ.

۽ ڪي اهڙا فعل وارا جملا ورتا آهن جن ۾ فعلن جو عدد جنس ۽ ضمير انهيءَ فاعل موجب مٽيل ۽ ڏيکاري ثابت ڪري ٿي ڏيکاري ٿو ته انهن فعلن جو اثر فاعل تي ڪرڻو آهي. تنهنڪري اهڙن فعلن کي اوت ڪرايو ته "فعل لازمي" جو هڪڙو ڪري ڪري ٿو سڏيو ويو آهي.

(ب) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- اڄ ته ڪيترائي انب کاڌا.

٢- انب کائو.

٣- هي انبڙا هن کاڌا آهن.

انهن جملن مان مقرر حقيقت ۾ فعل جو فاعل سان مطابق ثابت ڪري ڪانه ٿي ٿئي اوت ڪرايو ته فعل متعدي مجهول جو هڪڙو ڪري ڪري ٿو سڏيو ويو آهي.

(ت) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

(١) آءٌ انب کائيندس — اسين انب کائينداسين.

(٢) هو ولگو کائيندو هوندو — هو ولگو کائيندا هوندا.

(٣) هو ولگو کائي ٿو. — هي ولگو کائين ٿا.

(٤) مراد خالو هندوانا کائي ٿي. — مرد خالو هندوانا کائيندا ها.

فعل جي مقرر ڳالهين ۾ فاعل سان واسطيداري (لاڳاپو)

نه ڀڪاري ثابت ڪري ٿو ڀڪاريو ته ”فعل اگرچ متعدي معروف هجي پر جي سندس زمان امر حاليه ۽ زمان مضارع جي نهلين زمانن مان هوندو ته به فعل جو پريوگ ڪرتري هوندو“.

(٣) هيٺيان جملا ٻوليءَ ۾ لکو:-

١- مون الف ڪاڙهو	اسان الف ڪاڙهيو.
مون الف ڪاڙها	اسان الف ڪاڙها.
٢- هن ولڪو ڪاڙهو آهي	هنن ولڪو ڪاڙهو آهي.
هن ولڪا ڪاڙها آهن	هنن ولڪا ڪاڙها آهن.
٣- تو ولڪي ڪاڙهي آهي.	توهان ولڪي ڪاڙهي آهي.
تو ولڪيون ڪاڙهيون هيون.	توهان ولڪيون ڪاڙهيون هيون.
٤- تو هندائو ڪاڙهو آهي	توهان هندائو ڪاڙهو آهي.
تو هندائا ڪاڙها آهي	توهان هندائا ڪاڙها آهي.
٥- هن لڏون ڪاڙهو هوندو	هنن لڏون ڪاڙهو هوندو.
هن لڏون ڪاڙها هوندا	هنن لڏون ڪاڙها هوندا.

شاگردن کي ڏيکاريو ته جن جملن ۾ فعل ڪرندو (مٿيون) آهي تن ۾ مٿيان فعل مفعول موجب ڦرن ٿا پر هنن سڀني فعلن جا زمان اسم مفعول مان نڪتل زمان ۾ آهن. تنهڪري چئبو ته هنن فعلن جو پريوگ ڪرمڻي آهي. انڪانپوءِ شاگردن کي نوٽ ڪرايو ته ”اهي متعدي معروف جنهن زمان اسم مفعول مان نڪتل آهي تنهن هميشه ڪرمڻي پريوگ آهي“.

(٣) هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-

١- تو ڏاند کي ماريو. تو ڏاندن کي ماريو.
اوهان ڏاند کي ماريو. اوهان ڏاندن کي ماريو.

٢- هن الف کي وڌيو ٿي. هن الفن کي وڌيو ٿي.
هنن الفن کي وڌيو ٿي. هنن الفن کي وڌيو ٿي.

٣- تون ڏاند کي ماريندو آهين. اوهان ڏاندن کي ماريندا آهيو.

٤- هو ان کي وڌيندو هوندو. هو الف کي وڌيندا هوندا.

آءٌ ڪتيءَ کي پڄان ها. اسين ڪتيءَ کي پڄون ها.
ڀيٽا سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته:-

(١) پهرين ٻن جملن ۾ جيڪي فعل آهن تن جو اوڳو پلوي آهي ڇاڪاڻ ته اهي مقرر حقيقتن ۾ نه فاعل موجب ۽ نه مفعول موجب متغير ٿا ٿين. اهي فعل متعدي معروف به آهن سندن زمان اسم مفعول مان اڪتل زمان آهن ۽ مفعول جي پٺيان "کي" لفظ آيل آهي.

(٢) پوئين ٻن جملن جو پڇاڙي ڪو نه آهي، اگرچ اهي فعل متعدي معروف به آهن سندن مفعول پٺيان "کي" به آهي ۽ سندن زمان اسم مفعول مان جڙيل نه آهن. ان ڪان پوءِ شاگردن کي ڏوت ڪرايو ته "فعل متعدي معروف ۽ سندن زمان اسم مفعول

وارن زمانن مان ڪو به هجي ۽ مفعول سان ”کي“ پٺيان گڏيل هجي ته اهڙي فعل جو ٻڌوڪ ڀاوي ٿي ڪم ۾ ايندو. ورنه سندس ٻڌوڪ ڪرمڻي ٿيندو.

هن ڪان پوءِ سڀني ئي سبق جو اختصار هن ريت نوٽ ڪرايو :—

(١) فعل لازمي سڀ، فعل متعدي مجهول سڀ ۽ اهي فعل متعدي معروف جن جا زمان اسم مفعول مان نڪتل زمانن مان نه هوندا آهن تن جو ٻڌوڪ ڪرتري آهي.

(٢) فعل متعدي معروف جو زمان، اسم مفعول وارن زمانن مان ڪو هڪ آهي ته فعل جو ٻڌوڪ ڪرمڻي آهي.

(٣) جڏهن متعدي معروف جو زمان اسم مفعول جي زمانن مان ڪو به هڪ آهي ۽ مفعول جي پٺيان ”کي“ لفظ آيل آهي ته ان جو ٻڌوڪ ڀاوي آهي.

استعمالي سوال

١- ٻڌوڪ ڇا آهي؟
٢- فعل کي ڪيترا ٻڌوڪ لائي سگهبا آهن.
٣- ٻڌوڪ ڪرتري ڇا کي چوندا آهن؟
٤- ٻڌوڪ ڪرمڻي ڇا آهي؟
٥- ٻڌوڪ ڀاوي ڇا کي چوندا آهن؟
٦- اهي حقيقتون ڪهڙيون آهن جن ۾ فعل ٻڌجهجي

فاعل ۽ مفعول موجب مٿبو آهي؟

٧- ڪوڻن سوي ڪندا ته جملي ۾ آيل فعل جو
ٻرٻوڪ ڪرلوي آهي؟

٨- ڪوڻن سوي ڪندا ته جملي ۾ آيل فعل جو
ٻرٻوڪ ڪرمٺي آهي؟

٩- ڪوڻن سوي ڪندا ته جملي ۾ آيل فعل جو
ٻرٻوڪ ٻوي آهي؟

١٠- هيٺين فعلن جو ٻرٻوڪ ڏيکاريو:-

(الف) آءُ خطا لکندو هوس.

(ب) دو والد ڪندا آهن.

(ت) مون اسب گاڏا لي.

(ج) انسان لڏون ٽي ورتا.

(د) دو محمد لاڙڪاڻي رهندو آهي.

(ر) آل محمد ٻيو درجو ڦڙهيل آهي.

(س) احمد شاه مرهٽن تي چڙهائي ڪئي هو.

(ف) سيف الدين اعزاز ڏيو.

(ڪ) احمد بخش باغ لڳايو هو.

(ن) لهو الدين ڪراچيءَ ويو.

(ع) نادر شاه محمد شاه کي جيتيو هو.

(ي) بدرالدين سپاهي هٿي ايندو.

سبق ڇهون

تفريق (جملن جو ڇيد ڪرڻ)

جملن (فاعل ۽ فعل) جو وڌاءُ

جملن جو وڌاءُ ڪرڻ ڇيد جو ٻيو پاسو آهي تنهن ڪري شاگردن کي ننڍن جملن جو وڌاءُ ڪرڻ ۽ جملي ۾ وڌاءُ ڪندڙ لفظ ڦيرائڻ لاءِ اڀياس (واسطي رکندڙ) لفظن سميت ڌار ڪرڻ سيکارڻ ٻو:-

هن لاءِ ٻوڌ ڏي جملو لکو "ڇوڪر آيو" هن ۾ مان فاعل ۽ فعل چوائڻ، ڪوشش اصولي ۾ ان هنڌن کي ٻوڌائي لکي فاعل ڌار ۽ فعل ڌار وڌائي ڏيکارڻ ٻو:-

١- فاعل جو وڌاءُ

فاعل	فعل
جملو:- ڇوڪر	آيو
وڌاءُ ١- ننڍو ڇوڪر	آيو
وڌاءُ ٢- چڱو ننڍو ڇوڪر	آيو
وڌاءُ ٣- ڏاڍو چڱو ننڍو ڇوڪر	آيو
وڌاءُ ٤- سڀني کان ڏاڍو چڱو ننڍو ڇوڪر	آيو

٢- فعل جو وڌاءُ

فاعل	فعل
ڇوڪر	آيو
ڇوڪر	اڄ آيو
ڇوڪر	اڄ اسڪول ۾ آيو
ڇوڪر	اڄ وڏي اسڪول ۾ آيو.
ڇوڪر	اڄ هن وڏي اسڪول ۾ آيو.

انتري جي طرح ڪاروه سڀئي جملا آهي، هيٺين
ريت ٻڌو سگهجي ٿو:-

اصل جملو — ڇوڪر آيو
وڌاءُ [١] ڳاڙهو ڇوڪر اڄ آيو
وڌاءُ [٢] ڇڱو ڳاڙهو ڇوڪر، اڄ اسڪول ۾ آيو
وڌاءُ [٣] ڏاڍو ڇڱو ڳاڙهو ڇوڪر، اڄ اسڪول ۾ آيو.
وڌاءُ [٤] سڀني کان ڏاڍو ڇڱو ڳاڙهو ڇوڪر، اڄ هن وڏي اسڪول ۾ آيو.

هن کان پوءِ تقرير ڪرڻي هيٺين سڀهائي ڇوڪرن کي ڏيو:-

وڌاءُ ١ ۾:- "ڳاڙهو" فاعل [ڇوڪر] سان لڳل آهي. جو اُن جي صفت آهي، لنهن ڪري فاعل جو لڳ آهي.

"اڄ" ظرف، فعل سان لڳل آهي، تنهن ڪري فعل جو لڳ آهي.

وڌاءُ ٢ ۾:- ڇڱو ظرف "ڳاڙهي" سان لڳل آهي ان کان ڏاڍ ڏو لڳي لنهن ڪري ڇڱو ڳاڙهو فاعل جو لڳ آهي.

اسڪول ظرفي معنيٰ وارو لفظ پڻ فعل جو لڳ آهي.

وڌاءُ ٣ ۾: "ڏاڍو" ظرف
چڱي ظرف سان لڳل آهي
ان کان ڏاڍو اٿو گهٽي لهڻن
ڪري اهو به معنيٰ ان گڏ
فاعل جو لڳل آهي.

وڌاءُ ٤ ۾: "سڀني" کان
چڱي ڀانئي سان لڳل آهي
ان کان ڏاڍو لٿو گهٽي لهڻن
ڪري اهو به مفعول سان گڏ
فاعل جو لڳل آهي.

"وڏي" صفت آهي اسڪول
جي لهڻ ڪري اهو اسڪول
سان گڏ فعل جو لڳل آهي.

"هن" ضمير صفت وڏي
اسڪول سان لڳل آهي
لهڻ ڪري اهو به اسڪول
سان گڏ فعل جو لڳل آهي.

لهڻ ڪري چئبو ته فاعل ۽ فعل جا لڳل لفظ
هي آهن،

فاعل جا لڳل	فعل جو لڳل
(١) ڀانئو صفت	اڄ ظرف
(٢) چڱو ڀانئو لفظن جو صفتي جز	اڄ "ظرف" "اسڪول" (ظرفي معنيٰ وارا لفظ)
(٣) ڏاڍو چڱو لفظن جو صفتي جز	اڄ (ظرف) وڏي اسڪول ۾ (ظرفي معنيٰ وارو لفظن جو جز)
(٤) سڀني کان لفظن جو ڏاڍو چڱو ڀانئو، صفتي جز	اڄ ظرف) هن وڏي اسڪول (ظرفي معنيٰ وارو لفظن جو جز

ڪوٺي ڇالا

جملو نمبر	فاعل	مفعول	فعل
١	ماستر	خط	لکيو
٢	اسانجو ماستر	ڏکيو خط	ڪلاس ۾ ويهي پاڻ ڏاهن لکيو
٣	اسانجي اسڪول جو وڏو ماستر	امام ڏانهن ڏکيو خط	هيڊ ڪلاس ۾ ويهي ... ڪان وڏي ... ڏاهن لکيو

شاگردن کي ٻڌايو ته هنن جملن جا ٽي ڀاڱا ڪيل آهن پهرئين ڀاڱي ۾ فاعل (پڌري لکڻ سميت) ٻئي ۾ مفعول (پڌرن لکڻ سميت) ۽ ٽئين ۾ فعل (پڌري واسطيدار لکڻ سميت) آيل آهي ليکڪري جملو ته ... جملي ٻارو فعل متعدي معروف ... جملي جا ٽي ڀاڱا ڪري لکو جن (١) فاعل (٢) مفعول (٣) فعل. اهو ڪم شاگردن کي وٺي ڪرايو.

هميشه سيکارڻ ڪاڻ شاگردن کي ٻڌايو ته اسان هن وقت انهن اڪيلن جملن جو ورڇ ۽ ڀاڱا ڪري انهن کي سمجهايا آهن جن ۾ فقط هڪ ٿي فعل آهي

امتحاني سوال

١- فاعل جو واڌاءُ ڪهڙا لفظ ٿا ڪن؟

٢- فعل جو واڌاءُ ڪهڙا لفظ ٿا ڪن؟

٣- صفاتي ٽڪرا ڇا آهن؟

٤- ظرفي اصطلاح ڇا آهن؟

٥- ڏاڍو وڏو لوڙ" آهي" جملي کي فاعل ۽ فعل جي واڌاءُ ڪرڻ سان وڌايو (صفاتي ۽ ظرفي لفظ ۽ اصطلاح وجهي وڌايو)؟

٦- هيٺين جملن جا فاعل ۽ فعل واڌاري لفظن ۽ اڪن وجهڻ سان وڌايو؟

١- اٺ وڳو.
٢- ٺيڪيدار ايندو.
٣- ڪنڀر ويندو.
٤- ماستر لکندو.
٥- ڇوڪر سمهندو.
٦- گلاب ڦُهندو.
٧- ارباب آيو.

سبق ستون

"مفعول جو واڌاءُ"

هن جي سمجهاڻيءَ لاءِ پوئين جملو اڳي اهو هن ريت لکو:-

"ڇوڪر ڏاڙهون پٽيو."

فعل	مفعول	فاعل
ڇنو	ڌاڳو	جملو:- چوڪر
ڇنو	هڪ ڌاڳو	واڌارو:- چوڪر
ڇنو	ڊگهو هڪ ڌاڳو	واڌارو ٢:- چوڪر

واڌارو٣- چوڪر ڊگهو هڪ رتو ڌاڳو ڇنو
واڌارو٤- چوڪر ڊگهو هڪ سنهي ڪاٺ وارو ڌاڳو ڇنو

جهڙي ريت سبق ڇهين ۾ فاعل جي واڌاري سمجهايو ويو آهي، تهڙي ريت مفعول جي واڌاري سمجهايو ۽ ٻڌايو، "مفعول جي صفتون ۽ مفعول جون صفاتي لکون، مفعول جا ٻيا اکر آهن.

استعمالي سوال

١- مفعول جو واڌارو ڪيئن ڪري سگهجي؟
٢- مفعول جون صفاتي اکر ڪي چئبا آهن؟
٣- هيٺين جملن ۾ مفعول جو واڌارو ڪريو.

(١) [illegible]اي اکر ڪٽي [illegible]
(٢) نوڪر انب کائي ٿو.
(٣) جعفر ڪتاب پڙهندو آهي.
(٤) احمد علي خط لکندو.
(٥) سعيد علي صوف کائي ها.

سبق اٺون

جملن جو ونڊاءُ (ھلاڻ) يعني جملن جا ڀاڱا ڪرڻ

ھيٺين سمجھائڻ لاءِ ھيٺيان جملا ورڇي لکو:-

(١) گھوڙو آيو.

(٢) منھنجو گھوڙو آيو.

(٣) منھنجو پيلو گھوڙو، اڄ شڪارپور کان آيو.

(٤) منھنجو پيلو گھوڙو اڄ صبوح شڪارپور کان آيو.

(٥) منھنجو تمام ڏاڍو پيلو گھوڙو اڄ صبوح جو سوير شڪارپور کان آيو.

اھي جملا ھن ريت ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ڏيکاريو.

فاعل	فعل
١- گھوڙو.	آيو.
٢- منھنجو گھوڙو.	اڄ آيو.
٣- منھنجو پيلو گھوڙو.	اڄ شڪارپور کان آيو.
٤- منھنجو ڏاڍو پيلو گھوڙو.	اڄ صبوح جو شڪارپور کان آيو.
٥- منھنجو تمام ڏاڍو پيلو گھوڙو.	اڄ صبوح جو سوير شڪارپور کان آيو.

هن کان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته ”جملي جا ٻه ڀاڱا ڪيا ويا آهن: (1) فاعل (2) فعل. پوئين ڀاڱي ۾ فاعل، ٻنهي جي اڳيان (اهي صفتون يا صفاتي لفظ آهن) سميت، اڳين ڀاڱي ۾ فعل ٻنهي جي واسطيدارن لفظن (اهي ظرف ۽ ظرفي اصطلاح آهن) سوڌو آندل آهي“. تنهن کان پوءِ شاگردن کي لوٽ ڪرايو ته ”فاعل ٻنهي جي واسطيدارن لفظن سميت فاعل واري حالي ۾ ۽ فعل ٻنهي جي لاڳاپيدار لفظن سميت فعل واري حالي ۾ آندو ويو آهي“.

(2) وري هيٺيان جملا بورڊ تي لکي هن وانگر ٽوڙي ڏيکاريو.

(1) ماستر خط لکي ٿو.

(2) اسان جو ماستر، ڏکيو خط، ڪلاس ۾ ٻنهي ڀاءُ ڏانهن لکي ٿو.

(3) اسان جي اسڪول جو وڏو ماستر، تمام وڏو ڏکيو خط، هيٺئين ڪلاس ۾ ٻنهي سڀني کان وڏي ڀاءُ ڏانهن لکي ٿو.

هن مان ثابت آهي ته صفتون ۽ لفظن جا صفاتي معنيٰ (جي فاعل سان لڳن ٿا) سي فاعل جو لڳ آهن.

٢- ظرف، ظرفي معنيٰ وارا لفظ ۽ ظرفي معنيٰ وارن لفظن جا معنيٰ (جي فعل سان لڳل هجن) سي فعل جا لڳ چئبا آهن. هن کان پوءِ شاگردن کي اوٽ ڪرايو ته:-

(١) فاعل جون صفتون فاعل جا لڳ آهن، ۽ لفظن جي صفاتي معنيٰ (جي فاعل سان گڏ لڳن ٿا) سي به فاعل جا لڳ آهن. "اهڙن معنيٰ کي صفاتي لڳون يا صفاتي اصطلاح چئبو آهي".

(٢) فعل جا لاڳو ظرف، فعل جو لڳ آهن، ۽ ظرفي معنيٰ وارا لفظ ۽ اهڙن جا معنيٰ "ن کي ظرفي لڳون يا اصطلاح چئبو آهي، سي به فعل جا لڳ آهن"

(٣) فاعل جون صفاتي لڳون يا اصطلاح، "لفظن جا صفاتي معنيٰ آهن جي فاعل جو بيان (صفت) ڪن ٿا".

(٤) ظرفي لڳون يا اصطلاح، "لفظن جا معنيٰ آهن جن مان ظرف (ريت، قدر، جاءِ، وقت ۽ سبب) جي معنيٰ نڪري"

(٥) ظرفي معنيٰ وارا لفظ:- اهي لفظ ظرف نه آهن مگر ظرف جي معنيٰ (ريت، قدر...... وغيره جي) ۾ ڪارائتا ٿا.

"اهڙا جملا جن ۾ فقط هڪ فعل هجي ان کي مفرد جملا چوندا آهن."

استعمالي سوال

(١) مفرد جملو ڇا کي چئبو آهي؟

(٢) صفتن ۽ صفاتي لفظن سان ڇا جو وڌاءُ ڪبو آهي؟

(٣) هيٺين جملن جا فاعل، مفعول ۽ فعل موجب ڀاڱا ڪريو:-

(الف) رحيم اڄ ڪهاڻيءَ جو ڪتاب ۾ ... ويو.

(ب) منهنجو ننڍو ڀاءُ ... ١٩٥٠ع ۾ سنڌي ڀاشا امتحان ڏئي آيو آهي.

(ت) اوروءَ وارو ... مون اڄ صبح جو ... ڪيو.

(ج) جمال ڪي ... جاري ڪرايو

(د) سيفل ... ڏني آهي.

سبق نائون

مفرد جملن جو ڇيد ڪرڻ

هن لاءِ بورڊ تي لکو "دوست علي آيو"

شاگردن کي ڏيکاريو ته هن مان اسان کي دوست علي (فاعل) جي اچڻ بابت خبر ملي آهي.

وري لکو "يوسف لکي ٿو" ساڳيءَ ريت شاگردن کي ٻڌايو ته هن مان انسان کي خبر پوي ٿي ته فاعل ڇا ٿو ڪري.

وري به بورڊ تي لکو ته "احمد ڪاٺ ڪاٽيندو" ساڳيءَ ريت شاگردن کي ٻڌايو ته هن مان انسان کي معلوم ٿو ٿئي ته فاعل ڇا ڪندو.

وڌيڪ شاگردن کي هن ريت ٻڌايو:-

(١) فعل "لکي ٿو" فاعل جي لکڻ جي خبر ڏئي ٿو.

(٢) فعل "ڪاٽيندو" فاعل جي ڪاٽڻ جي خبر ڏئي ٿو.

تنهنڪري چئبو ته فعل اهو آهي، جو فاعل بابت ڪنهن ڪم جي خبر ڏئي يعني جو ٻڌائي، ته فاعل؟ اهو آهي جو فعل بابت انسان کي ڪجهه ٻڌائي. هن مان ثابت آهي ته سڀ ڪوئي جملو ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي يا ٽوڙي ٿو سگهجي، جنهن جو پهريون ڀاڱو آهي فاعل ۽ ٻيو فاعل بابت جيڪي معلوم ٿئي (خبر) پهرين ڀاڱي کي چوندا آهن مبتدا (فاعل) مبتدا معنيٰ آهي مڍ يا شروعات.

(فاعل جملي جي شروع ۾ ايندو آهي.) هن ڀاڱي ۾ فاعل لڪل هجي ليڪن سمجهه ايندو آهي. جملي جي

ٻاري ٻولي ڀاڱي کي خبر چوندا آهن. هن ڀاڱي ۾ فاعل بابت جيڪو به معلوم ٿئي سو سڀ آيو آهي. جملن جي انهن ٻن جملن ۾ ، رهائڻ کي ڇيد چوندا آهن. ڇيد کي عربيءَ ۾ تفريق چئبو آهي. تفريق معنيٰ آهي فرق ور لفظن کي ڌار ڌار ڪرڻ ۾ ورهائڻ.

مثلاً:- رات چور ڪُڙهيو ويو.

جملو	مبتدا (فاعل)	خبر
رات چور ڪُڙهيو ويو	چور	رات ڪُڙهيو ويو

ان ڪان پوءِ ٻارن (يعني ڪرڻ ساڻ) شاگردن کي ٻڌايو ته چور آهي فاعل، ڪُڙهيو ويو آهي فعل، ۽ رات آهي ظرفي معنيٰ وارو لفظ جو فعل جو لڳو، جنهن کي لکي ڏيکاري ان جملي جو ڇيد هن ريت لکندو:-

جملو	مبتدا (فاعل)	خبر: فعل	خبر: فعل جو لڳو
رات چور ڪُڙهيو ويو	چور	ڪُڙهيو ويو	رات

هن کان پوءِ شاگردن کان هيٺين سادن جملن جو (جن ۾ آيل فعل لازمي يا مجهول هجي) ڇيد ڪرايو

استعمالي سوال

هيٺين جملن جو ڇيد ڪرايو:-

١- احمد اڄ ڪراچيءَ کان آيو.

٢- ماستر سپاهي بمبئيءَ ويندو.

٣- منهنجو ڀاءُ الهداد اڄ لاڙڪاڻي کان ايندو.

٤- منهنجو نوڪر احمد اوطاق ۾ سمهندو.

سبق ڏهون

مفرد جملن جو ڇيد (هلندڙ)

هن ڀاڱي سمجهائڻ لاءِ بورڊ تي هڪ متعدي معروف وارو جملو لکو:-

مثال:- "ڪاسائي ٻڪري ڪٺي آهي."

هن مان مبتدا ۽ خبر زباني چورائي پوءِ هن ريت بورڊ تي لکو:-

جملو	مبتدا (فعل)	خبر
ڪاسائيءَ ٻڪري ڪٺي آهي	ڪاسائي	ٻڪري ڪٺي آهي

بيان ڪرڻ سان شاگردن کي ڏيکاري ته آٿٽو ته خبر واري حالت ۾ فعل ۽ مفعول آيا آهن ٽنهي ڪري خبر جا به ڀاڱا ٿيندا هڪ مفعول ۽ ٻيو فعل هن ريت :-

جملو	مبتدا (فاعل)	خبر فعل
ڪاسائي ٻڪري ڪٺي آهي	ڪاسائي	ڪٺي آهي

هن ڪان پوءِ شاگردن کي ٻڌائبو ته انهن جملن جي وڏائي ۾ سکيو آهي ته فاعل، مفعول ۽ فعل کي سمجهه واسطيدار لفظن لڳائڻ سان وڌائبو آهي.

٢- هي به سکيو اٿون ته فاعل جا لڳ فاعل سان مفعول جا مفعول سان ۽ فعل جا لڳ فعل سان شمار ڪيا ويندا آهن.

٣- لازمي فعل جي جملن ڪرڻ وقت هي به سکيو اٿون ته فعل جو لڳ فعل واري حالت ۾ پر ڌار ڪري لکيو آهي، اهڙي ريت فاعل جو لڳ فاعل واري حالت ۾ ۽ مفعول جو لڳ مفعول واري حالت ۾ ڌار لکيا آهن. هيٺ ڪان پوءِ مٿين جملن کي وڌائي الڳ جملا ڪري ڏيکاربو.

مثال:- " هن ڪڪڙ واري، ٻرائين ڪاسائيءَ، اڄ هتي ذاتي ستي ٻڪري ڪٺي آهي."

جملو	مبتدا (فاعل)		خبر			
			مفعول		فعل	
	فاعل	فاعل جو لاڳو	مفعول	مفعول جو لاڳو	فعل	فعل جو لاڳو
هن ڪڪڙ واري ٻرائين ڪاسائيءَ اڄ هتي ذاتي ستي ٻڪري ڪٺي آهي.	ڪاسائيءَ	هن ڪڪڙ واري، ٻرائين	ٻڪري	ذاتي ستي	ڪٺي آهي	اڄ هتي

ٻتري سيڪارڻ ڪالوءِ چمڪ جا استعمالي سوال ڪريو.

استعمالي سوال

هيٺين جملن ۾ ظرفي ۽ صفاتي لفظ وڃهي جملي جو وڇاڙ ڪريو.

(الف) ماستر آيو ڪِلڊو (ب) ڇوڪر امتحان ڏاري ۾ (ب) ڪهوڙو ڊوڙي آيو.

٢- هيٺين جملن جو صفائيءَ ۽ ظرفي لکن وچھن سان وڌاءُ ڪريو:-
الف- ڇوڪر گهمندا آهن.
ب- مولوي صاحب ميٺهين ورائي.
ت- شاگردن لوٽ هڪ لکيو هو.

سبق ٻارھون

مرڪب جملن جو وڌاءُ ("ڇيد ٻاگو ٻيو")

جملن جو وڌاءُ

شاگردن جي ڌيان ۾ آڻيو ته اسين اڳي سکي آيا آهيون ته جملن جو وڌاءُ صفائي ۽ ظرفي لفظن جو اصطلاح (لکي) گڏ ڪ سان ٿيندو آهي. هينئر اوهان کي ٻڌايون ٿا ته جملن جو وڌاءُ جملن گڏڻ سان به ٿيندو آهي. هن لاءِ ٻورڊ تي لکو:-
١- ڇوڪري ڪتاب ڦاڙي ڇڏيو.
٢- هن ڇوڪر، جو ڪالهه مون وٽ هو، منهنجو هڪ نئون ڪتاب، جو مون نئون ڏينهن آندو هو، ڦاڙي ڇڏيو.

٣- هن ڇوڪر، جو ڪالهه مون وٽ هو، منهنجو هڪ نئون ڪتاب، جو مون ڏينهن آندو هو سو ڪپ سان ڦاڙي ڇڏيو.

شاگرد کي ڪتابو ڏ ڀوراهن جملن ۾ فاعل، "ڇوڪر" مفعول "ڪتاب" ۽ فعل "ڦاڙي ڇڏيو."

هنن جملي ۾ هڪ ضميري صفت فاعل جو لڳ "جو ڪالهه مون وٽ هو" به فاعل جو لڳ جو سو فاعل جو صفاتي (يا ابتائي جملو) آهي. ساڳيءَ طرح ڪتاب مفعول جو لڳ صفاتي لفظ آهي،) "جو مون ٽمون ڏيڻ آندو هو" به مفعول جو لڳ (يعني مفعول جو صفاتي جملو آهي. انهن کان سواءِ باقي ٻيون جملو هي "ڪب ـان ويي، جو ڦاڙڻ جي ريت تو ڏيکاري" يعني ظرفي جملو آهي، انهن ڪري اهو فعل جو لڳ آهي انهيءَ ڪري جهڙو له صفاتي ۽ ظرفي لفظن ۽ لفظن وانگر صفاتي ۽ ظرفي جملا به آهن جن جي جملي جو رڪن ڪن ٿا.

وڏي ڪ ڪتابو ۾ اصلوڪو مکيه جملو آهي "ڇوڪر ڪتاب ڦاڙي ڇڏيو" ٻيا جيڪي به جملا صفاتي ۽ ظرفي لفظ، لفظن ۽ جملا آهن سي سان ئي فاعل ئي مدار رکن ٿا، ڪي مفعول تي ۽ ڪي فاعل تي. جيڪي صفاتي يا ظرفي لفظ ۽ لفظن آهن تن بنسبت اسان اڳ ئي آيا آهيون جيڪي صفاتي يا ظرفي جملا آهن (جي فاعل، مفعول ۽ فعل جي، ڏاڍو ڪن ٿا) ان کي مدار رکندڙ يا مداري جملا چوندا آهن، جاڪاڻ ته

اهن جي فاعل، مفعول يا فعل لئي مدار آهي. هن کان پوءِ شاگردن کي هيٺ ڪريا ڏيو:-

" ( ) ان ٽڙا جملا جن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل (جملا) هجن جن ۾ مکيه فعل هڪ هجن باقي ٻيا جملا مداري (فاعل، مفعول يا فعل تي مدار رکندڙ هجن) ان کي مولب (يا مرڪب) جملا چوندا آهن."

مداري جملا ٻن قسمن جا آهن

(١) مداري صفاتي جملا (٢) مداري ظرفي جملا

مداري صفاتي جملا:- اهي جملا آهن جن ۾ مکيه جملي جي فاعل ۽ ڙي مفعول جو بيان هجي.

مداري ظرفي جملا:- اهي جملا آهن جن ۾ زمان، قدر، جاءِ، وقت ۽ سبب جي معنيٰ ڏيکاري فعل جو ڪجهه بيان ڪن.

مداري جملن جو قسم

شاگردن کي پڌرو ڪ اسين مٿي سکي آيا آهيون ته مداري جملا ٻن قسمن جا آهن. (١) مداري صفاتي جملا. (٢) مداري ظرفي جملا. پر انهن جي قسمن کي وڌيڪ چٽي ڪرڻ لاءِ انهن کي ڪجهه وڌيڪ سمجهاڻي ضروري آهي هن کان پوءِ هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) وڪيل داري ريگيوليٽر جي پل تان ڏسو ته پاڻي ڪيئن ته ڪڙڪاٽ ڪندو هيٺ لهو وڃي.

هن بابت هن ريت سمجھايو. هتي ليڪ ڏنل جملو ”ڏسبو“ فعل جو فاعل آهي. انهيءَ ڪري ڏيکاريو ته اهو جملو هڪ اسم جي بدران فاعل ٿيو آهي.

(٢) مون جو لوڪي ڇيو هو، ته ايڏاهون اهو وڃج.

